Par

الکا ۱۹۹۳

P-6 (139)

الڪا

رزرو بئنڪ سنڌي سڀا

جي

ارڙهين ڀيٽ - سال ۱۹۹۴

000034

سمپادڪ :
ڦتن ٻرسواڻي
بئرڪ نمبر ۱۰۹۷،
الهاسنگر-۴۲۱۰۰۳.
ٽيليفون : ۷۹۳۷۹

جنرل سيڪريٽري :
دوارڪو ڪلناڻي
۶/۲۱، اورلا سوسائٽي،
ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي روڊ،
چيمبور، ٻمبئي-۴۰۰۰۷۴.
ٽيليفون : ۵۵۱۲۴۷۷

FROM:-
UTTAM NAGPAL,
Ulhasnagar 421004.

With Best Compliments from

Shoppers' Stop
The International Clothing Store

SHOPPERS' STOP

**Feel the experience,
While you shop.**

S. V. Road, (Near flyover) Andheri (W),
BOMBAY-400058.
☎ 6240451/52/53/54. Fax : 6207145

شري چندرو پنجابي
رزرو بئنڪ سنڌي سڀا جو روح روان،
جنرل سيڪريٽري.

جيتوڻيڪ شري چندرو پنجابيءَ کي گذاري ڏهه مهينا کن ٿيا آهن (سندس ديهانت ۵۰ ورهين جي عمر ۾ ڊسمبر ۱۹۹۳ ۾ ٿيو هو) ليڪن اڃا به ان ڳالهه تي يقين نٿو اچي ته، هو اسانجي وچ ۾ نه آهي! سچ چيو اٿن ته، جن جي هت ضرورت هوندي آهي، انهن جي اتي به گهرج ٿيندي آهي! شري چندرو پنجابيءَ سان اها چوڻي پوريءَ طرح لڳي ٿي!

شري چندرو پنجابي هڪ نهٺو، نماڻو، قربدار، هڏڏوکي ۽ نشڪام سيوادار هو. ۵۰ ورهين جي ڀرپور اُمنگ ۽ اُتساهه واري اوستا ۾، هو هڪ نگريءَ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي، پرماتما کي پيارو ٿي ويو! خبر ناهي ته، پرڀوءَ کي الائي ڇا منظور آهي؟ اسان پنهن کي صرف سندس رضا تي راضي رهڻو پوي ٿو!

لکين ڀيرا آهي ته، مرتيو اٽل آهي ۽ هڪ نه، هڪ ڏينهن هر ڪنهن کي هن سنسار مان هلڻو آهي؛ پر ڪي انسان اهڙا هوندا آهن، جن جي هتان هلڻ وقت ڪانڊوءَ ٿو، هو هن دنيا ۾ ڪنهن پنهنجي اَمر ڪارنامن ۽ نيڪ رهڻي-ڪهڻيءَ جي اهڙي ڇاپ ڇڏي ويندا آهن. شري چندرو پنجابي اهڙن ماڻهن مان هڪڙو هو!

انهيءَ لگن، سخت محنت ۽ اٿڪ اُتساهه سان، هن رزرو

رزرو بئنڪ سنڌي سڀا

سال ١٩٩٤- ١٩٩٥ جا عهديدار

پرڌان : شري نانڪ هرپراماڻي

اپ پرڌان : شري گيان چانگراڻي ۽ هري ٽاواچنداڻي

جنرل سيڪريٽري : شري دوارڪو ڪلماڻي

جائنٽ سيڪريٽري : شري اشوڪ ڀنڀا

سيڪريٽري : شري ڪشن روهڙا ۽ اجيت هرپالاڻي

خزانچي : شري درگاداس سچاڻي

آڊيٽر : شري انبو ڪڪواڻي

سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر

شري نند ملتاني

شري گيان ٽلا

شري سرچند گرناڻي

شري اشوڪ ڏولاڻي

شري انل ٽاواڻي

شري جسوپرسنگهه پاوا

شري ڪشو ٽاواڻي

شري ارجن جهامناڻي

شري رميش هرسنگهاڻي

شري پارس سڪراماڻي

شري ٽلهو لڪاڻي

شري ڪشن جگتياڻي

شريمتي رنجنا ڦتناڻي

شريمتي موتا چولواڻي

شريمتي ميران رامچنداڻي

شريمتي پشپا همراجاڻي

شريمتي پدما اجواڻي

ڪماري پشپا مالهي

ڪماري ڪانتا پاگداڻي

سال ١٩٩٣-١٩٩٤ جي ڪارگذارين جي رپورٽ

شري دوارڪو ڪلداڻي
(جنرل سيڪريٽري)

"الڪا" جو هي ارڙهون انڪ سان سڀا ڀاران سرڳواسي چندرو ٻجاڻيءَ جي ياد ۾ ارپيان ٿو ۽ پرماتما در اها آرداس ڪريان ٿو ته هوءَ شال سندس آتما کي شانتي بخشي.

مون کي اوهانکي اهو ٻڌائيندي بيحد خوشي ٿي رهي آهي ته ززو بئنڪ سنڌي سڀا پنهنجن اُديشن انوسار، هميشه جيان سنڌين ۾ پراڻي پاڪ وراثت، سنڌي ٻولي، ساهتيه، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ کي زنده رکڻ لاءِ، هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي. ان ئي مقصد کي ڪٺي، اسانجي سڀا، هر سال ادبي مخزن "الڪا" شايع ڪري، سنڌي ساهتيه جي همٿ افزائيءَ ۽ ڦهلاءُ سان گڏ، سنڌي ساهتڪارن کي پڻ اُتساهه ڏيندي رهي ٿي. "الڪا-اُتسو" جي موقعي تي، هر سال اسانجي سڀا ڪن اُتڪرشٽ اديبن، ڪلاڪارن ۽ سماجڪ ڪارڪرتائن جو سنمان پڻ ڪندي رهندي آهي. ان سلسلي ۾ هن سال اسان سنڌين جي ناميواري ايڪ پروفيسر

بئنڪ سنڌي سڀا کي ڪافي اوچ تي پهچايو. ان جو ڪٿ ۾
هي واڌاءُ نه ٿيندو ته بين بئنڪن توڙي ساري ڀارت جي الڳ
الڳ سرڪاري توڙي غير سرڪاري آفيسن ۾ اهڙا ٿيل سنڌي
ملازمن جي سنستائن ۾. هن رزرو بئنڪ سنڌي سڀا کي
پندرهن سالن جي دور سيڪريٽري هئڻ جي حيثيت ۾
ڪافي اڳرو ڀڙائي ڇڏيو! نه صرف رزرو بئنڪ سنڌي سڀا
بلڪ ان ڪانسواءِ ٻين هو جهڙن جهڙن سنستائن سان جڙيل رهندو
هو، تن ۾ به پنهنجي پوري لگن ۽ سچائيءَ سان ڪم نڀائيندي
شاندار ڪارنا سان، هن پاڻ کي پيارو بڻايو هو!

شري چندرو ڀڳوانيءَ لاءِ، رزرو بئنڪ سنڌي سڀا
پارن سڀني ۾ سچي شردانجلي اها ٿيندي ته. اسان سڀا جي
روپ ۾ سندس اڏيل هن عاليشان ۽ مضبوط عمارت جي پوري
پوري پرداخت ڪريون ۽ ان کي دائما قائم رکون!

تنهن ڪانسواءِ جيڪڏهن ٿي سگهي ته. اسان سڀا پاران
سندس نالي ۾ هڪڙو سهائيندڙ انعام به اسٿاپن ڪريون،
جيڪو هر سال بهترين سنڌي ڪارڻ ڪرتا، سماج شيوڪ،
ڪلاڪار، ليکڪ کي سندس قدردانيءَ طور، پرسڪش تي، عطا
ڪندا رهون. ان سان شري چندرو ڀڳوانيءَ جي ياد، گهڻي
سمي تائين جڙي رهندي!

سريچند گرناڻي
(رزرو بئنڪ سنڌي سڀا
جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ
جو هڪ ميمبر)

ڪاري اکوائي انهاهيندي رهندي. انهن بعد سيپا جي پرنسپال، شري هرپالاڻيءَ، شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ جي سنمان ساڻ گڏ، ٻين ان معزز مهمانن- شري واسديو "نرمل" ۽ شري ڪنهيالعل ڪنواڻيءَ جو پڻ، سنڌي سنڌي ساهت ۽ ٻوليءَ جي سيوا ڪرڻ لاءِ، سيپا پاران سنمان ڪيو. ان کان پوءِ وري شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ "الڪا-١٩٩٣" مخزن ۾ شايع ٿيل رچنائن جي ليکڪن سان گڏ، سيپا جي انهن ميمبرن کي پڻ، جن جي اڳئين سال، رزرو بئنڪ ممبئيءَ مان، بئنڪ جي ٻين شهرن جي شاخائن ۾ بدلي ٿي هئي، ٿوري سيپا جي انهن ميمبرن جن سال ١٩٩٣ ۾ رزرو بئنڪ جي نوڪريءَ مان رٽائر ڪيو هو، تن سڀني کي سيپا پاران سڪ ڀريون سوکڙيون پيش ڪيون. پوءِ سيپا جي جنرل سيڪريٽريءَ شري دوارڪي ڪلواڻيءَ هال ۾ آيل سڀني سڄڻن جي آجيان ڪندي، ٿوري ۾ ڪين سيپا جي الڳ الڳ مشغولين کان واقف ڪيو ۽ سيپا جي سپتڪ پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سڀني شڪرانا مڃيا.

انعامن جي ورڇ

سيپا پاران ميمبرن جي ٻارن مان ايس.ايس.سي امتحان ۾ وڌ ۾ وڌ مارڪون کڻندڙ ڪماري راکي ڪلواڻي ۽ ايڇ.ايس.سي. امتحان ۾ سٺيءَ طرح ڪامياب ٿيڻ لاءِ ان شاگردن- شري ٻالاڻي ۽ ڪماري ڀيمل واسواڻيءَ کي سؤ سؤ روپيا انعام طور ڏنا ويا.

پڪنڪ

سيپا پاران ٢٦ جنوري ١٩٩٤ تي "ڪيشو سرشٽي" ۽ "گورائي بيچ" تي پڪنڪ ڪئي وئي. ان لاءِ سيپا جي ميمبرن ۽ انهن جي ڪٽنبن لاءِ هڪ بس سنڌونگر مان ۽ ٻه بسون ممبئيءَ مان ڪيون ويون هيون. اٽڪل ٢٠٠ ڄڻن

لکمڻ هردواڻي، جيڪو احمدنگر جي هڪ مرهٽي ڪاليج ۾ مرهٽي ڀاشا ۾ شاگردن کي پڙهائيندو آهي، انهو سنڌس ڀيٽرين سنڌي ڪوجمي، "يگ جو انت" لاءِ، ڀارت جي ساهت اڪادميءَ پاران ڏهه هزار روپيا انعام ملڻ ڪري سنمان ڪري رهيا آهيون. ان سان گڏ اسان شري ڪي. ڪي. رامناڻيءَ جو به سنمان ڪري رهيا آهيون، جنهن "الڪا-١٩٩٤" مخزن جو مهورت ڪرڻ قبوليو آهي.

"الڪا" جي هن انڪ لاءِ، هميشهه جيان رچنائن جي چونڊ، انهي سنبول سجاوٽ ۽ سينگار لاءِ، اسانجي ڀيرو، سمپادڪ شري ڦتن ٻرسواڻيءَ ڪافي محنت ڪئي آهي، جنهن لاءِ هن صاحب ابشڪ ڪيرون لهڻيون!

"الڪا-اُتسوُ ١٩٩٣"

هميشهه جيان گذريل سال سڀا جو ساليانو "الڪا-اُتسوُ" ٣٠ آڪٽوبر ١٩٩٣ تي پاٽڪر هال ۾ ملهايو ويو. هال ميمبرن، سنڌين ڪٽنبن ۽ ٻين درشڪن سان ڪچا ڪچ ڀريل هو. هن موقعي تي شري دوارڪي ڪلناڻيءَ سڀا جي جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾، سڀني حاضرين ۽ آيل مهمانن جو آدر ستڪار ڪيو.

ان بعد سڀا جي پريزيڊنٽ شري نانڪ هرپراماڻيءَ مکيه مهمان شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ، ايڊيٽر هندواسيءَ جي واقفيت ڏني. ان کان پوءِ شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ "الڪا-١٩٩٣" مخزن جو مهورت ڪندي چيو ته. اها هڪ بيحد خوشي ۽ فخر جي ڳالهه آهي جو رزرو بئنڪ سنڌي سڀا، سترهن سالن کان، هر سال نيم سان "الڪا" ادبي مخزن شايع ڪندي رهي آهي. مان اها اميد ٿو ڪريان ته سڀا آئينده ۾ سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي ڦهلاءَ جو اهم

گذريل سال سرڳواس ٿيل ساٿين جي ياد

آءٌ گهڻي افسوس سان اوهانکي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ اسان جا هيٺ ڄاڻايل ميمبر، گذريل هڪ سال اندر هن فاني دنيا مان ڪُوچ ڪري ويا آهن، اهي آهن:

نالو	ڊپارٽمينٽ
(١) شريمتي سيما پاڻيا	Desacs
(٢) شريمتي ڀيرواڻي	BTC
(٣) شري شنڪر ڀيسواڻي	Desacs
(۴) شري طوطل ڄڳياسي	UBD
(۵) شري رهيدومل نولاڻي	Retired

اسين رزرو بئنڪ سنڌي سڀا جي طرفان سندن ديهانت تي گهڻو ڏک ظاهر ڪريون ٿا ۽ سندن ڪٽنب جي سڀني ڀاتين سان پنهنجي دلي همدردي ظاهر ڪريون ٿا.

ڪلچرل پروگرام

"الڪا-انسوءَ" کي روچڪ بڻائڻ ۽ حاضرين جي وندر ورونهن لاءِ گذريل سال سڀا ڀاران شري ايس-ٻي-مينگهاڻيءَ جو مذاقي ناٽڪ "او ليڊر" پيش ڪيو ويو، جنهن درشڪن کي خوب وندرايو.

"الڪا-انسوءَ-١٩٩۴"

هن انسوءَ کي ڪامياب بڻائڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ اسان تهدل شڪرگذار آهيان:

● شري ڪي. ڪي. راماڻي، مشهور انڪم ٽئڪس وڪيل جو، جنهن اسان جي وينتي قبول ڪري، مکيہ مهمان (Chief Guest) ٿيڻ ۽ "الڪا-١٩٩۴" مخزن جو مهورت ڪرڻ قبوليو آهي.

(ميمبرن ۽ سڀني ڀينرن ڀائرن) هن ڳالهه ۾ ڀاڱو ورتو.
سروشري گيان لال ملڪاڻي ڪاڪا ڀاءُ، شريمتي رتنا ڀنڀاڻي ۽
شريمتي ادما اجواڻيءَ ٻار پنهنجين ڏاڍ ڏاڍ مزيدار اسڪن سان
سڀني کي وندرايو. جنرل سيڪريٽري شري دوارڪي ڪلناڻيءَ
وري نرالي نموني راندين سان، آئل ٻارن کي خوب وندرايو.
ان ڪارڻ ۾ سروشري اشوڪ ملڪاڻي، اجيت هرياڻي ۽ ڪشن
روهڙا ا. کيس ساٿ ڏنو. شام جو اٽڪل ٦ بجي کن ڳالهه
جون مٺيون يادگيريون کڻي، هرڪو پنهنجي گهر راهي ٿيو.

سالياني عام سڀا

٢٠ جون ١٩٩٤ تي امر ملڻگ ۾ سڀا جي سالياني ميٽنگ
ڪوٺائي وئي هئي، جنهن ۾ سڀا جي خزانچي شري سيٺاڻيءَ
سڀا جي حساب-ڪتاب بابت سڀني ميمبرن کي ڄاڻ ڏني ۽
ٻيءِ اهو ڳالهه اتال ڪيو ويو. ان بعد نئين سال جي
ڪارڻ هلائڻ لاء ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي چونڊ ڪئي وئي.

ميٽريمونيل انفرميشن بيورو (وواه منڊل)

شري ڪلناڻيءَ سڀني کي ٻڌايو ته سمولکي اها سوچنا
ڏيندي اسان خوشي ٿي رهي آهي ته سال ١٩٩٠ کان اسانجي
سڀا ٻاران چالو ڪيل ميٽريمونيل انفرميشن بيورو (وواه
منڊل)، سڀا جي ميمبرن جي شاديءَ لائق ٻارن (ڇوڪرن
۽ ڇوڪرين) بابت، ڪن گهرجائو تفصيل ڏئي، سندن
سٺي سهايتا ڪري رهيو آهي. اسان جي ان سٺيءَ ڪوشش
ڪارڻ ڪيترن ئي ميمبرن پنهنجيءَ شاديءَ لائق ٻارن-
ڇوڪرن ڇوڪرين- جا تفصيل سڀا وٽ داخل ڪرايا
آهن. منهنجي سڀني ميمبرن کي اها وينتي آهي ته جن جا
ٻار شاديءَ لائق ٿيا هجن، سي پنهنجيءَ ٻارن جي ڀلي خاطر
انهن جا گهرجائو تفصيل داخلا لاء سڀا ڏانهن ڏياري موڪلين.

الڪا-٨/٩٤

جنهن اسانکي ٿوري وقت اندر "انڪا-١٩٩٤" جو ارڙهون انڪ ڇپائي ڏنو آهي.

- شري راجا داس جو، جنهن اسانکي فوٽا ۽ ٻولي جا ڪارڊ ٺوڙي ٺاهي ڇپائي ڏنا آهن.
- آءٌ -ٽيا جي سنڌي ميمبرن جو ٿورائتو آهيان، جن مونکي وقت به وقت هر طرح جي مدد ٺهي ڪئي آهي.

آخر ۾ مان اها اچا ظاهر ڪريان ٿو ته "انڪا-١٩٩٤" جو هي ارڙهون انڪ ٺهڻ، اڳين سترهن انڪن جيان سنڌي ساهت جڳت ۾ خاص جڳهه والاريندو ۽ سنڌي ساهت ٻولين کي وڌائيندو. ڏيندو.

قران مان اوهانجو
دوارڪو کلناڻي

- سروشري دولترام پالاڻي ۽ ڪنهيالعل اسٽپال جو، جن اسانجو عرض قبول ڪري، هن موقعي جا معزز مهمان ٿيڻ قبوليو آهي.
- سنڌيءَ جي پرو. ايڪڪ پروفيسر ٻچڻ هردواڻيءَ جو، جنهن سنڌس موهنيءَ مان ترجمو ٿيل پستڪ کي، ساهتيه اڪادميءَ پاران مليل انعام لاءِ، سڀا پاران سنمان قبوليو آهي.
- انهن سڀني ساهتڪارن جو، جن "الڪا-۱۹۹۴" لاءِ پنهنجون رچنائون شايع ڪرڻ لاءِ موڪليون آهن.
- سڀني اشتهار ڏيندڙن جو، جن سان سڀا کي "الڪا" مخزن شايع ڪرڻ لاءِ گهربل مالي مدد ملي آهي.
- شري جسونت ڪمار ۽ سندس ساٿي ڪلاڪارن جو، جن "الڪا-اتسو-۱۹۹۴" جي هن موقعي تي، پنهنجو سنڌي ناٽڪ "سمن جو سوداگر" پيش ڪرڻ قبوليو آهي.
- سڀا جي پرڌان شري نانڪ هرپراماڻيءَ، اپ پرڌان شري گيان چانگراڻي ۽ شري هري ٽاراچنداڻيءَ جن جو، جن مونکي سڀا جي ڪارج جي سرانجاميءَ ۾ تمام گهڻو سهڪار ڏنو آهي.
- ڪاميٽيءَ جي سڀني ميمبرن جو، جن هر ڪم ۾ مونکي پورو ساٿ ڏنو آهي. هن ڏس ۾ آءٌ خاص طور سروشري اشوڪ پنجابي، اجيت هرپلاڻي، ڪشن روهڙا، درگاداس سيداڻي ۽ شريمتي سجاتا رامچنداڻيءَ جو ونيڪ شڪرگذار آهيان.
- آءٌ سڀا جي انهن سڀني ميمبرن جو به ٿورائتو آهيان، جن "الڪا-۱۹۹۴" لاءِ اشتهار وٺي ڏيڻ ۾ مونکي سٺي مدد ڪئي آهي.
- راجو پرنٽرس جي مالڪ شري ايشورداس چاندواڻيءَ جو،

ڏکڻ آفريڪا جي گوري سرڪار جي اناچار خلاف، جيڪا ننڍا واري آندي آئي، تنهن "غلاميءَ" جي وڻ کي، پاڙ کان پٽي، ڪمزور ڪري ڇڏيو!

ان طرح سنسار ڀر کي پنهنجن ٻن مکيه اصولن، ستياگره (ستيه تي زور) ۽ اهنسا جي شڪتيءَ جو ساکيات درشن ڪرائي، گانڌيجي پنهنجي وڪالت جي ڪم کي تياڳي، هندستان هليو آيو، ۽ اتي ڪٿي ڇڏجي تہ، پنهنجي "اندر جو آواز" سڻي. (جنهن کي هو ساري زندگي مڃيندو-ايندو رهيو)، هو پنهنجي ديش کي پڻ "غلاميءَ" جي ذلت کان مڪت ڪرڻ لاءِ، آزاديءَ جي ڪرڪيتر تي لهي پيو!

گانڌيجيءَ جنهن وقت انسان جو اهو جنم-سڌ اڌڪار- آزاديءَ واري سوءمان-ڀري زندگي گهارڻ- حاصل ڪرڻ لاءِ هندستان جي ڪروڪيتر ۾ پنهنجو رٿ آڻي بيهاريو، تنهن سمي، هن وشال ديش جي هر حصي جا آئي اڳيئي انيڪ سورما، ساهسي يوڌا، جوان خواهه عمر جا ڇڙهيل، رٿي-مهارٿي، پنهنجي پنهنجي پسنديءَ جي هٿيارن-پهوارن، طريقي-ڪارن انوسار جان جي بازي لڳائي، ڌاري حڪومت سان، ديش جي آزاديءَ جي جنگ لڙي رهيا هئا. اهو سارو منظر ڏسڻ ڪانپوءِ، گانڌيجيءَ همت سان پنهنجن انهن ڏکڻ آفريڪا ۾ آزمايل هٿيارن استعمال ڪرڻ جو ئي فيصلو ڪيو؛ اهي هئا ستيه، ڌرم، پريم ۽ اهنسا! انهن هٿيارن کي، سوتنترتا سنگرام جي ڪن ساٿين، مدي خارج سمجهي-ڄاڻي، گانڌيجيءَ جي کل اڏائي؛ ڪن انهن کي ڏاڍي ۽ ڦهار انگريز سرڪار آڏو، ڄڏو ۽ غير اثردار ڪري سڏيو. پر ان ايڏ مخالفت جي باوجود به، گانڌيجي پنهنجي ارادي تي اٽل رهيو. هو ميداني-جنگ ۾ اڪيلو، تہ اڪيلو ئي رهيو. هن نہ

سمپادڪي

اسانجو "باپو"

هن سال ۲ آڪٽوبر تي، ديش-پتا مهاتما گانڌيءَ جي
۱۲۵ جنم-ڏڻ ملهايو ويو. ان موقعي تي ديش ڀر جي
سياستدانن، ويچارڪن، ليکڪن، اخبارن جي سمپادڪن
خاطر، ڪئين ليک/مضمون/ڪالم لکيا، "باپوءَ" کي ياد ڪيو
سندس ويچارن ۽ فيلسوفيءَ جي اوڪ-ڇوڪ ڪئي؛ سندس
ڪيل ڪارنامن کي ساراهيو؛ سندس دوراندشيءَ جي ساک
ڪئي؛ ٻولي لڳڻ سان سندس اوچتو هن سنسار مان هلي
وڃڻ تي، ڏک ظاهر ڪيو؛ سندس اڌورن سپنن جي پورائي
نه ٿيڻ لاءِ افسوس ڏيکاريو!

ڏکڻ آفريڪا ۾ رهي، وڪالت ڪندي، گانڌيءَ انسا
جي رنگ-ڀيد (گورن-ڪارن ماڻهن جي حقن، هڪ-ٻئي جي
رهڻي ۽ وهنوار جي تفاوت نسبت) جي غير مناسب ۽ اڻھ
آسيه نيتيءَ خلاف جيڪو آواز اٿاريو هو، هلچل هلائي هئي
لوڪن ۾ جاڳرتا آندي هئي، تنهن ساري دنيا جي ويڪ
انصاف ۽ آزادي پسند قومن توڙي ديشن جي ماڻهن جو ڌيان
هن "ڪراس بونيدز سيتا" ڏانهن ڇڪايو هو، ان سا

بس، ٻوءِ نہ ڇڻ ھڪ زوردار آنڌي شروع ٿي وئي، ملڪ جا سڀ جبل آزاديءَ جي صدا بلند ڪندڙن سان ڀرجي ويا. ھوڏانھن وري ان وقت ٻي مھاڀاري جنگ بہ جاري ھئي؛ ھٽلر، مسوليني ۽ ٽوجو جي گڏيل محاذ، اڳيئي انگريزن، فرينچن ۽ ٻين يورپي ملڪن جي ديئي جون ڌجون اڏائي ڇڏيون ھيون.

آخر ھندي راڄ جي انھن سڀني اندرين توڙي ٻاھرين مجبورين ۽ مشڪلاتن سبب ھيٺا ٿي، انگريز ھندستان ڇڏي ويا!

ليڪن ويندي ويندي، اھي حرفت باز، نہ صرف اسانجي ديش واسين جي دلين ۾ ڏارون وجھي ويا، بلڪ مذھب جي بنياد تي، اکنڊ ھندستان کي ٽڪر ٽڪر بہ ڪري ويا!

ان وقت جيتوڻيڪ گانڌيجيءَ، پنھنجي دوراندیشي سان، اھڙي تباھيءَ جو احساس ڪري، انگريزن جي ان شرارتي رٿ جي سخت مخالفت ڪئي؛ ان قسم جي آزاديءَ جي آڇ ٺڪرائي ڇڏي؛ انگريزن جي ان چالبازيءَ کي ناڪامياب ڪرڻ لاءِ "مرڻ تائين اپواس رکڻ" واسطي بہ، ھو تيار ٿي ويو؛ ليڪن سندس ساٿي، ٻوٽلڳ ۽ شش، جيڪي لڳ ڀڳ اڌ صديءَ جي آندولن بعد شايد ٿڪجي پيا ھئا، ان "انڌي ٽول" سان، ھرڪجي ويا! انھن جو اھو حال ڏسي، "باپو" دل ھارائي ويٺو. ان "مھا دک" ڪارڻ سندس اندر ڇڄي پيو ۽ اٽل ارادي جي شڪتي ٽٽي پئي؛ ۽ ساري زندگيءَ ۾ پھريون دفعو ئي گانڌيجيءَ "اندر جو آواز" ٻڌندي بہ، ان انوسار وڙاءُ نہ ڪيو ۽ پنھنجو "ڌرم" نہ نباھيو؛ جنھن مھاڀارت جي ٻن ۾ چاڙھائي بہ، اڳاٽائيءَ وچان، ڌرمراج ھڪ ڀيرو مڙيو ھو!

موڙي ڇڏي، نه پنهنجو رت ڏيندي هئاسو!"

ڏٺو ڏسجي ديش جي وڏي ۾ وڏي سياسي پارٽي ڪانگريس، ان حصي ۾ وڌائيندي وڌي، هڪ سڄو اڳي ڪوم ڏي- جنهن جا ميمبر گهڻا هئا ۽ اسي ڪيو ڏي- جنهن ۾ گانڌيءَ ۽ سنڌ ابڪ شش شامل هئا. هو ريان هو ريان گانڌيءَ جي "ستياگرهين جي سڀا" ۾ واڌ ٿيندي رهي، جنهن جو اثر ۾ وڌندڙ "ڏيچ"، "ساهس" ۽ "ٻل" ڏسي، انگريز له ڇڏيو، ٻر خود سنڌ سان ميمبر ٻ، حڪومت ۾ ٿيڻي ويا!

گانڌيءَ جي اها ڪاميابي، سنڌ ٻه مانگا ۾ ٻڪي وشواس جو نتيجو هئي، سنڌ ۽ ڏيم جي ٻوارڪرم ۾ ووسهه جو ڦل هو، "اهنسا" جي طاقت ۾ ٻوري عقيدي جي انڌا ڪارڻ هئي. ٻرٻوءَ جي آسپس ۽ پنهنجي پريه ڏيم وهوار سان گانڌيجوءَ مڙيءَ جي ماڻهن ۾، لوڪ ۾ وڌندڙ اهڙي جان ڦوڪي ڇڏي، جو انگريزي ٻوليس ۽ فوج ٻاران پنهنجي مٿان لٺين ۽ گولين جي ٻرسات وسندي ٻ، نه صرف هو ٻوڙتي هٽيا-ٻڪا نٿي؛ ڪا آه-دانهن نٿي ڪيائون، ٻلڪ آهوليءَ جي آڳ طرف، ٻروانن جيان وڌندا ٿئي رهيا!

گانڌيءَ جي انهن فولادي جگر وارن، نه-هٽيار، هزارين ستياگرهين، انگريزن جي بي شمار بارود کي نڪمو ثابت ڪيو، سڄي هندستان ۾ ڪ-ڙي ڪمل ٻڪي. ٻرٽني سلطنت جي ٻوم کي لوڏي ڇڏيو!

ان بعد "اهنسا ٻرمو ڌرم" واري اصول تي قائم رهي، گانڌيءَ، ضدي حڪمرانن کي زور سان للڪاريو: "انگريزو ديش ڇڏي وڃو" ۽ ان سان گڏ هن پنهنجي ٻوئلڳن کي به ٻڪار ڪئي: "ڪرو يا مرو!"

رِزرو بئنڪ سنڌي سڀا، بمبئي

ڪاروباري ڪاميٽي، ۱۹۹۴-۹۵

نانڪ هريراماڻي

پريزيڊنٽ

گيان چانگراڻي

وائيس پريزيڊينٽ

هري تاراچنداڻي

وائيس پريزيڊنٽ

دوارڪو ڪلناڻي

جنرل سيڪريٽري

آشوڪ ٻٽيجا

جائنٽ جنرل سيڪريٽري



اَجيت هرياڻي

سيڪريٽري

ڪشن رُوهڙا

سيڪريٽري



ڦتن پرسواڻي

سمپادڪ: 'الڪا'

درگاداس سيناڻي

خزانچي

اَنبو ڪکواڻي

آڊيٽر

اڄ جڏهن "ٻاٻو" جي ان هڪڙي "اڪرم" (ديش جي ورهاڱي خلاف موت تائين اپواس نه رکڻ واري وچن کي نه نڀائڻ) واري ڳالهه کي ياد ڪجي ٿي، تڏهن من اندر دک ۽ افسوس سان ڀرجي وڃي ٿو ته، جيڪڏهن گانڌيءَ ٻنهجي ٻولڻ وچن تي اٽل رهي، موت تائين اپواس رکي ها، ته نه ديش جو ورهاڱو ٿئي ها، نه هيڏي تباهي ٿئي ها، نه خون جون نديون وهن ها، نه اسان ٻنهجو پيارو وطن ڇڏي، اِن پرائي وطن جيان اچجي، هت اچي ڪرون ها، هميشه لاءِ ڌارين ليکجون ها، ٻئي آڄ سمجهيا وڃون ها، "نرواسي" سڏجون ها ۽ وقت به واپس ٻنهجي ملڪ موٽي وڃڻ جا ڏڪڙا ٻڌون—سهون ها!

نه فقط ايترو، ٻيو ٿوءِ اسان ٻنهجن هٿن سان "ٻنهجو ٻاٻو" هن صفحي—هستيءَ تان مٽائي، روئون—پڇتايون ڪين ها، ۽ اسان هن جي لائق سڀتان جيان، سندس سچن—ويچارن جو آزاد ديش اڏيون ها! اِنڪري ئي اڄ اسانجي هن مهان ٻوميءَ جي هيءَ دردشا ڪين ٿئي ها، جيڪا هاڻي ٿي آهي، جو لوڪن جي روزاني جيون ۾ هنسا، ڪوڙ، دولاب، لالچ، رشوت—خوري، ناريءَ جي اپمان، زوريءَ زنا، ۽ هر قسم جي ڀرشٽ—هيڻتا وڌي رهي آهي!

ليڪن جيئن اسانجا شاستر لوڪي مهاتمائون چون ٿا ته ڪنهن شخص جي يا ديش جي "هونهاري" اٽل ٿيندي آهي، تيئن شايد اسانجي حالت ۾ به ٿيو آهي!

ڦتن پرسواڻي
١٩٩٤-١٠-٢٣

الڪا-١٦/٩٤

۱۷ الڪا اُتسوُ



(۱) ڏوارڪو ڪلناڻي، جنرل سيڪريٽري آيل مهمانن ۽ درشڪن جو آدر ستڪار ڪري
رهيو آهي. (۲) هندواسيءَ جو ايڊيٽر شري منگهارام سپاهيملاڻي ”الڪا“ جو اُدگهاٽن ڪري
رهيو آهي (۳) شري نانڪ هريراماڻي، پريزيڊنٽ آيل مهمانن جو سنمان پاڻ ڏيئي
رهيو آهي. شري نرمل واسديو، شري منگهارام سپاهيملاڻي، شري ڪنيالعل ڪتواڻي،
شري ڏوارڪو ڪلناڻي، شري ٽي. ڊي. ڪتارا (لکل) ۽ شري گل اُديشي منچ تي ويٺل نظر
اچي رهيا آهن (۴) درشڪ لطف ماڻي رهيا آهن ”لَو ليٽر“ ناٽڪ جو.

ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر

١- ڪانتا ياگناڻي ٢- ميرا رامچنداڻي 3- پشپا هيمراجاڻي 4- پُشپا مالهي
5- رنجينا ٿتناڻي 6- ارجن جهامناڻي ٧- مونا جوتواڻي 8- سريچند گرناڻي
٩- نند ملتاني ١٥- آشوڪ دولاڻي ١١- ڀِشو ناواڻي ١٢- جسوير سنگهه باوا
13- رميش هريسنگهاڻي ١٤- گيان لُلا 15- اَنيل ناواڻي 16- ٽُلجو لڪاڻي
١٧- اَمر ڀوجاڻي 18- ڪشن جگتياڻي

پروفيسر لڇمڻ هردواڻي

پروفيسر لڇمڻ پرسرام هردواڻيءَ جو جنم ٣-٥-١٩٤٢ تي، سيوهڻ (سنڌ) ۾ ٿيو. سنڌي ۽ مرهٽيءَ ۾ ايم-اي پاس ڪرڻ کانپوءِ، هو احمدنگر (مهاراشٽر) جي هڪ ڪاليج ۾ ليڪچرار جو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اُتي ئي پنهنجو گهر پڻ ڪيو اٿس.

سندس ساهتڪ ڪارج جي سوچي هيٺينءَ ريت آهي:

”مراٺي-سنڌي شبد ڪوش“ (ديوناگري سنڌيءَ ۾) ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ ڇپايل. هيءَ ڊڪشنري، مهاراشٽر سرڪار طرفان، ١٩٩٢ ۾ شايع ٿيل آهي ۽ ان ۾ ٢٥ هزار مرهٽي لفظن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ ڏني وئي آهي. ٻيو سندس ”سنڌي-مراٺي شبد ڪوش“ (عربي ۽ ديوناگريءَ ۾) ڇپجي رهيو آهي، جنهن ۾ ٢٠ هزار سنڌي لفظن جي مرهٽيءَ ۾ معنيٰ ڏني وئي آهي. هن مرهٽيءَ جي پرسڌ ليکڪا ڊاڪٽر اراوتي ڪروي جي ”يگانت“ ڪتاب جو، سنڌيءَ ۾ ”يگ جو انت“ نالي سان ترجمو ڪيو آهي، جيڪو ڀارت جي ساهتيه اڪادميءَ طرفان شايع ڪيو ويو آهي. ان ترجمي لاءِ

٢٦ جنوري ١٩٩٤ع پڪنڪ جا نظارا

(١) "ڪيشو سرستي" ۾ ميمبر ٽوليون ٺهي رهيا آهن.
(٢) "هوڙي" جو مزو ماڻي رهيا آهن اسان جا ميمبر.
(٣) "گورائي بيچ" تي، پوڙهن جي لسي ۾.
(٤) "گورائي بيچ" تي ليڊيز هڪ ٻئي کي صلاح ڏيندي رهيون آهن.

شري ڪنهيالال سيتلداس ناگپال

شري ڪنهيالال جو جنم ۱۴ فيبروري ۱۹۲۳ تي سکر (سنڌ) ۾ ٿيو.

هو ننڍي هوندي کان ئي پڙهڻ-لکڻ ۾ نهايت ذهين هو.

هو پنهنجي اوچ تعليم پوري ڪرڻ کان اڳ ئي ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ۽ پروفيسر گهنشامداس شوداساڻيءَ جهڙن مهان ديش-ڀڳتن جي سنگ ۾ اچي، انهن سان گڏ ٿي، ديش جي آزاديءَ جي هلچل ۾ گهڙي پيو. ان هلچل ۾ هن ڪافي سرگرم ڀاڱو ورتو، جنهنڪري انگريز سرڪار کيس پنجن مهينن لاءِ سکر جيل ۾ بند رکيو.

ديش جي آزاديءَ بعد، هي صاحب پنهنجو وطن ڇڏي، ڪٽنب سميت ممبئيءَ ۾ اچي رهيو. ممبئيءَ ۾ اچڻ کانپوءِ، کيس سنڌ شڪارپور شيوا سميتيءَ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ هو سنڌ مان آيل پنهنجن شرڻارٿين کي وسائڻ جو ڪم ڏاڍي زور شور سان ڪندو رهيو.

ڪيس ساهتيه اڪاڊمي پاران سن ١٩٩٣ ۾ انعام ملي چڪو هو.

هن مرحوم هولاراهه "هنس" جي چونڊ سنڌي ڪهاڻين جو مرهٽيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. "مولي اڳي اڱر ڪٿا" عنوان سان ترجمو ڪري، شايع ڪيو آهي. پروفيسر هردواڻيءَ پنهنجي ڪرڻ شري آڻا مهاراج پوار (شولاپور ۾ رهندڙ) جو جيون چرتر "سانول سڱرو" عنوان سان شايع ڪيو آهي. مرهٽي ناٽڪ "اروڻا لڪ، مهاڻاري عرق" ۽ "ڇورا اڳيان، پوڙها پٺيان" عنوان سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل. "ڪهڙلي شڪار" مرهٽي ناٽڪ جو، "مهمان" نالي سان سنڌيءَ ۾ انواد ڪيل.

١٥ سنڌي ڪهاڻين جو مرهٽيءَ ۾ ترجمو، ١٠ مرهٽي ڪهاڻين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ۽ شايع ٿيل.

سرڳواسي هرڪالت هندواڻيءَ جي ٤٠ سنڌي ڪهاڻين جو مرهٽيءَ ۾ ترجمو ڪيل ۽ شايع ٿيل

پروفيسر ٽيڪچند هردواڻيءَ جا ٻيا ڪارناما هيٺيان آهن:

(الف) احمدنگر ڪاليج جي ٿيٽر گروپ طرفان ١٥ مرهٽي ناٽڪن جي ڊائريڪشن ۽ اداڪاري.

(ب) ڀارتيه گيان پيٺ جي سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو ٦ سال ميمبر پڻ رهيو.

(پ) مهاراشٽر راڄ طرفان، اون ڊرامي ڪتابن اپار ڪرڻ واري يوجنا ۾، اسارڻ ون ڊرجو پڙهندڙ سنڌي ٻارن لاءِ مقرر ڪيل سوالڪ منڊل جو ميمبر رهيو.

شري ڪي. ڪي. راماڻي

شري کيمچند کي. راماڻيءَ جو جنم ۱۴ آڪٽوبر ۱۹۴۱ تي ٿيو. هن صاحب ممبئي يونيورسٽيءَ مان وڪالت جو امتحان پاس ڪرڻ سان گڏ، اُتر پرديش جي پرياگ وشو وديالي مان "ساهتيه-رتن" جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي آهي.

شري راماڻي ۲۳ ورهين جي ننڍي اوسٿا ۾ ئي، ممبئيءَ ۾ انڪم ٽئڪس جي ڪيسن سان پنهنجي وڪالت شروع ڪئي. هن انڪم ٽئڪس توڙي بورڊهي ٽئڪسي جي مقاصدا تي ڪيترا ڪمانٽا لکيا آهن. وڪالت سان گڏ هو چيمبر آف انڪم ٽئڪس صلاحڪارن (Chamber of Income-Tax Consultants)، وڪري ٽئڪس جي وڪيلن جي جماعت (Sales-Tax Practioners, Association) ۽ ڪيترن لائنس توڙي روٽري ڪلبن ۾ اهم ونڊو ٽئي رهيو آهي. هو وقت بوقت ممبئيءَ جي انيڪ مشهور سنستائن ۾ سٺي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ هيٺئين ڪيترن اهم جماعتن جي مکيه عهدن تي رهي، سيوا ڪارج ڪري رهيو آهي. ڪيس ۾ دفعا ممبئي شهر جي ميئر طرفان،

جيتوڻيڪ شري ڪنهيالال جي عمر هن وقت ٧٣ سال آهي، تہ بہ اهو اسان سڀني جي شيوا ۾ هر ممڪن سهائتا ڪندي، کيس اهڙي خوشي ٿيندي آهي. اسانجي اها پرارٿنا آهي تہ ڀڳوان شل کيس وڌيڪ آورجا ڏئي، جيئن هو سنڌي سماج جي خوب شيوا ڪري، گهڻي جس جو پاتر ٿئي ۽ ان طرح پنهنجي ديش-ڀڳتي سڦل بڻائي!

هن "الڪا-آليوڙ ١٩٩٤" لاءِ هن اسانجي وينتيءَ تي معزز مهمان تي اپڪرت ڪيو آهي، جنهن لاءِ اسين سندس شڪرگذار آهيون.

شري دؤلترام ڪي. ٻالاڻي

شري دؤلترام ٻالاڻيءَ جو جنم ۲۱ جون ۱۹۱۹ تي ڪنڊياري، نوابشاھ ضلعي (سنڌ) ۾ ٿيو ھو.

تعليم پرائيت ڪرڻ کانپوءِ، ھن ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي، جتي ھو ديش جي ورھاڱي تائين نوڪري ڪندو رھيو. ورھاڱي ڪري، سنڌ مان ڀارت ڏانھن لڏي ايندڙ سنڌي ڪٽنبن جي مدد ڪرڻ لاءِ، ھن نوجوان سيوادارن جو ھڪ جٿو تيار ڪيو. سندس ان نيڪ ڪارڻ جي، ڀارت جي پاران سنڌ ۾ مقرر ٿيل پھرئين ھاءِ ڪمشنر سري پرڪاشا، تنھن وقت ڀاري سراھ ۽ قدرداني ڪئي ھئي.

ان بعد جڏھن شري دؤلترام پاڻ به ڪٽنب سميت، سنڌ مان ڀارت لڏي آيو ته، ھت پڻ، بمبئي پورٽ ٽرسٽ ۾ نوڪري ڪندي، ھن بمبئيءَ جي الڳ الڳ سنسٿائن/آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ سنڌين کي ھڪ محاذ تي آڻي، سيٺي جي

"معزز نگرواسيءَ" جو خطاب مليل آهي.

شري راماڻيءَ کي سنڌ ۽ سنڌي ساهتيه لاءِ ڏاڍو پيار آهي ۽ هُو اڻ ٿڪ ڪم ڪندڙ سنسٿائن کي هميشه همٿائيندو پئي رهيو آهي.

اهڙو معتبر شخص، **رزرو بئنڪ سنڌي سڀا** جي "اڪا اُتسو ١٩٩٤" جو مکيه مهمان (Chief Guests) ۽ "اڪا ١٩٩٤" مئگزين جو اُدگهاٽن سڳورن هٿن سان مهورت ڪري، سا سڀا لاءِ سچ پچ وڏي خوشي ۽ فخر جي ڳالهه آهي!

شاعرائي محفل

ڀاڱي وٺندڙ ڪوي

(١) ايشور "آنچل"
(٢) موهن "اُداسي"
(٣) ڊاڪٽر لکمچند "پريم"
(٤) سچل ڄسمگهاڻي
(٥) اِمداد حسيني
(٦) انيس انصاري
(٧) ارشاد ميمڻ
(٨) آٿم ڏاٿن شاهي
(٩) پارس عباسي
(١٠) ايم. سڄڻ
(١١) پوپٽي هيرانندائي
(١٢) راڌاڪرشن گرباڻي
(١٣) گيان للا

ڏني هڪڙي سٺا انتظام لاءِ خوب پاڻ پتوڙيو.

سن ۱۹۶۹ ۾ هن اجنبيءَ ۾ ساهتي پنچايت جو پايو وڌو. گذريل چوويهن سالن کان هو ان پنچايت جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ سنڌين جي سچي سيوا ڪري رهيو آهي

انسان ذات جي سيوا ڪرڻ، شري دولترام جي زندگيءَ جو مکيه مقصد بڻيل رهيو آهي. پرماتما شل کيس سچي صحت ۽ وڏي آورجا ڏئي، جيئن هو پنهنجي من جي ان عمدي ارادي ۾ پوري سڦلتا پائي!

ایشور "آنچل"

(۱)

ڪالهه به مرڻ منهنجو
اڳو هوءِ،
اڄ به مرڻ منهنجو
اڳيم ٿو!

زندگيءَ کان
بزدل آهيان،
ٿهڪري
ٻئي جنم کان به
ڀڄان ٿو!

لهرن ۾ اڙهان ٿيو
پر ساحل تي
اچڻ کان به ڀڄان ٿو!

غرق ٿيڻ چاهيان ٿو
پر غرق ٿي اُڀرڻ
نٿو چاهيان!

الڪا-۹۴/۲۱

پڙهڻ ٿو پور ڪري

دنيا جا عظيم ماڻهو پيدا ٿيا آهن، انهن ماڻهن جنهن هٿين سان هي جيئندڙ جاڳندڙ جهان هلي رهيو آهي، انهن کان الڳ ٿيڻ سند ٿي، هن جي هٿن ڪان الڳ، ڌرتي اڃا وڌيڪ واڌي اي اڪيلي، سا جهڙو جو جس هوندي آهي!

دنيا جا عظيم ماڻهو پيدا ٿيا آهن اظهار هلڻ سان. هڪڙا جي ڌرتي تي "داڻو" لاءِ شهيد ٿين ٿا، ٻيا هڪٻئي هڪڙا جي هن جهڙي جسار ڪي انهي ڪان اڳ جو هو!

شيخ اياز

جيڪڏهن ٿرڪي ٿي آهيون،
ڇو اسين،
خوف جي جيون جيئون ٿا!

هن جهان جي
هر خوشي،
هر موج،
کان ٻيگو ٿي آ؛
ٻوءِ ا، کن جي
موج لاءِ،
ٿرڪيون سوچيندي،
گدوايون ٿا جمار!

ڊپ جي سهڻن جو سوچي،
ڏينهن رات هڏ هڏ هٽي،
نسب ليٽن جي ۽ من جو ڇنن
کوهي ٿا وهون،
ساڙ ٻيچ جي جڙ ۾ ٻاري،
زندگي دکسيه ڪريون ٿا!!

ااڪا-٩٤/٢٣

راهه ۾ ڏيهه سڄي
رڪ ايندي،
سوچ کي لهس
نه ڪائي ايندي!

سوچ ئي آهي جا
مون لاءِ رانده رهندي؛
سوچ ئي آهي جا
هر جنم سان پائيندي وڪاس!

جسم جي قيد ۾
آءُ قيد رهي جيئڻ ڏاڻل؛
ٻوڙ انهي ئي رهي
جسم جي سيما ٽائين!

جسم مرڪز آءُ رهي
سوچ جو جيستائين؛
لڏڳ ماحول ۾ پرواز
ڪندو ڪيئن خيال!

الڪا-٦٤/٢٢

موهن ”ادسي“

۱- ڪڏهن ڪوني اسان لئه، پيار ڪندا رهيا؛
دوستيءَ جو دم ڀرين، پر ڀڄندا رهيا!

۲- عادتن جن ڀانءِ سدا، گلا جو ئي گهانگهو؛
انڌي وهندي هواءِ، پر پٽيندا رهيا!

۳- ٽڪر ۾ ٿاڪ ۾ جن، توڙي نه همت هاريو؛
شينهن سي ٻاندر جهان، سرڪس ۾ نچندا رهيا!

۴- ڏاڍيءَ در ڏيو آ، آنڌيو ناهي ڪڏهن؛
وقت اچيان وڏا ٻيءِ، حساب ڏيندا رهيا!

۵- چڱن مان چڱائي، ملي مدن مان مدائي؛
’موهن‘ ٻنهي جن کان ٻي، ڪيترا چرڪندا رهيا!

الڪا-۲۵/۹۴

(۴)

توکي ڇا معلوم ڪونهي؟
مان سرشٽا آهيان،
موکي گهٽ نه ڄاڻ!
هن سرشٽي جهڙو هڪڙو
شبد-سر جو
مان نه سرجيان تو
جهان!

تو به،
مون به،
فرق هي آ؛
جيستائين
هي جهان هوندو
تون هوندين؛
مان مگر
پنهنجي خيال
شبد ۽ سر جي جهان ۾،
پوءِ به هوندس!
آئون ڌرتيءَ ۾
سدا پيو جيان رهان ٿو؛
ڌهڪري
پرلءِ کان اڳ
پرلءِ کان پوءِ
پڻ آئون هوندس!

الڪا-۹۴/۲۴

۵- واه اٿي واچوڙو، واري
جو آ ڪيرايو ڪوٽ؛
جڏهن ٿيو جلاد،
رحم ڀلا جلاد ڪري ڇو؟

٦- ياد نه اٿس آ ياد، يار جي
ڪنهن کي ايندي ياد!
ياد سان اٿئي دل شاد
”پريم“ ڪوئي دل شاد ڪري ڇو؟

الڪا-٩٤/٢٧

ڊاڪٽر "پريم"

ڪير آ ڪنهنکي ياد،
ڪنهنکي ڪوئي ياد ڪري ٿو؟
عشق اٿي اوياد،
ڪو ڪنهنکي آباد ڪري ٿو؟

١- مان جي تنهنجو آهيان، ٿيا ٿيو!
تنهنجو مون سان ٿيا؟
ڦٿڪي ٿي فرياد،
دانهه دل فرياد ڪري ٿو؟

٢- مجبوريءَ جو پڙت پٺائي،
نيڻهن ٿهوڙيو تو.
يار ڪيئہ آزاد،
قيد مگر آزاد ڪري ٿو؟

٣- تيل ندان جرڪي ڊيپڪ جي،
لڇندي لڇندي لاٽ،
ڪس آ امداد،
دل لائل جو داد ڪري ٿو؟

٤- ڪڙڪي تيز هوائن آندو،
گلشن ۾ ڌمڪاءُ،
ڪير ڪندس امداد!
اوکيءَ ۾ امداد ڪري ٿو؟

اڪا-٦٤/٢٦

امداد حسيني

مون جڏهن ڪو ڏيو جلايو آ،
زور ڪيڏو هوا لڳايو آ!

ٻار ميلي ۾ ۽ اڪيلي ۾،
چين مون کي ڪٿي نه آيو آ!

سچ ته توکان سوا سڄڻ سائين،
ائين لڳي ٿو جيئڻ اجايو آ!

جيڪو ٻنهيجن کان هو صفا ٻنهنجو،
سو ٻيڙائن کان اڄ ٻڏايو آ!

دشمن کي ته آزمائي ڏسان،
دوستن کي نه آزمايو آ!

وڃي، ڇا ٿو پڇين سندم احوال؟
اڄ مڙئي سور ڪجهه سوايو آ!

سڀ ڇڏي ويا ڇڏيو نه تو اي درد،
پال ڪيڏو نه تو نڀايو آ!

هوئن ته چهرو ۽ اکيون ۽ هيون،
آرسيءَ ۾ نظر نه آيو آ!

سچل جئسنگهاڻي

— مرڪ ڇهرن جي سچي سمجهاڻ
مان اـ ان سان جهڪو مرڪان !

— ڏسندي پره جي لاک جو ڦرلون ڪرڻو،
مرڪا! توکي ساري لُڙ مرڪان!

— انهيءَ ذات کي ڇهڻ چاهيم،
ڇهي نه سگهيس ڪنهن سڙداڪ ڪان!

— اهڙي زندگيءَ سان ٻورو نه ٿيو،
فيصلو ڏور رهيو فيصلي ڪان!

— ان جي نصيحت مان ٿيا هڙ حاصل،
جن کي شڪايت آ سڀ سان!

— ڏسان ٽڙيا ٻري مرڪ او ڇهري ٿي،
شعر رچڻ جي آ او عاشقي ڪيان!

اڪا-٩٤/٢٨

ارشاد ميمڻ

کل کل ڪنول
سمنڊن ۾ سچائي
پکڙ ۾ شل

اڇو مست ملنگ
وڄائون وڻهي ڪي
چاهت وارا چنگ

سور ۾ سڪ
مينهن وسي ٿو
ٻاهر ڏاڍي چِڪَ

ٻيڄاري جي ٻار
چوڏاري وڻ راهه
ان ۾ ويٺل جهار

ماڻ جا ڏس
ٻوڙهو ٿيو جاڳي
ڪڪڙن جا دس

هاريءَ جو گهر
چوطرف ٻوڙهو
اڳيان پڳل در

انيس انصاري

زندگي ڏاڍي ڏکي آهي سڄڻ،
آدمي هردم دکي آهي سڄڻ.

ڏاڍه رت جو ئي گهري ڪالي هٿي،
ماس ماڻهوءَ لاءِ هڪي آهي سڄڻ.

هر قدم تي آهه اڄ سيتا هرڻ،
رام ڪان راوڻ سُکي آهي سڄڻ.

ماس مڇ جو پيار آهي چوو وٽ،
ساڌ وٽ ماني رُکي آهي سڄڻ.

راڌڪا ئي پاپ ميوزڪ تي نچي،
شيام جي مرلي رُکي آهي سڄڻ.

مارئي اڄ ڪيمپ وٽ آهي ڏکي،
محل ماڙن ۾ سُکي آهي سڄڻ.

پارس عباسي

سمنڊ - رنگو ٻيڙو مينهن،
مور - کنڀن جهڙا ماڻهو،
هوائيءَ وارو ڏينهن.

●

نرمل ۽ گورو
گوري ٽهڪندو هيرو،
اوسڪيءَ جهڙو.

●

ٻانهه ۾ ٻيڇوري،
لڙيءَ جهڙيءَ ٻوليءَ سان.
ڏوڙي جو چوري.

●

روشن نيڻ - نهار،
ڪاف لڳل ڪڙا آڇا،
اجرو اڇو پيار.

●

سرمئي رنگ جا ڪنڀ،
ٻالڪ جون ٻوليون مٺيون،
ڳل سونا آنب.

●

ڳجري جي ٽهڪار،
ٽهڪندو هڪ ساهه آ،
موتئي، مُکڙن لار.

ااڪا-۹۴/۳۳

آئم ڏاٿن شاهي

اڳ ۾ مون ڪسان ڀاڙي ڪٽ،
ٻڌو، تون ڀيٺڪ مهڙو مٽ.

ٻاهر چانديءَ جيان ٿو چمڪين،
اندر سارو ڪارنهن ـ ڪَٽُ.

ڀرپاٽ ڏاڍي هام هڻين ٿو،
سامهون ايهي وڙهه ٻـا هٽ.

گندرف ۾ ٺـو ڳـوالي راڳين،
ٿون ٻـي ڀاڄري ٿيندڙن ٻـت.

ٿوڙي وٺندي آهه سڙي، ٻر،
ڪوٺ چـلنندي آهـي وٽ.

هڪي هڪي حق ڳهران ٿو،
ٿون تـہ چريا ڪو آهين چَٽُ!

ٻڌو ماڻهو، مهڙي نظر ۾،
اهـڙو ـ جهڙو ڦڦڙ ٿـي ڦٽ.

شاعـر معدل سچو ماڻهو،
جي ڏ، تـہ آهي ڪورو جٽ.

وڙ ڪينديان ڏ چـڻان ٿي رڪ جا،
هونءَ ڏ، ڏ آئم ڪڌڙو ٻـت.

الڪا-٩٤/٣٢

جوڳي اٿجي سڃن هٿن
ڪوئي نا ٻڌجو وس مٿن.

لفظ اسان لفظن جا ڳهه ٻاڻي
ڪاڳر تي ڪو ناچ نچن.

سوچ جي ڪاني تان هٿن ۽
سر تي ٻڌجا ٻير ڪٺن.

ٻڪا، ٻڌوڙ ڊون، ٻڌيا، ٻوندون
دم جهم، ڇن ڇن، ڇن ۽ ٽن.

هلڪي، مڪڙي، جهڙي من تي
ڳوڙهو ڇپ جهڙو جيون!

اڙڪ ڳلن تان ٽڙڪي ويا ٻو
دک ۽ دل کي ڇهڻي ٻيا هن.

پلڪن ٻڌجو ٻيڙو ڪوليو
خواب اکين مان اڏري ويا هن.

سپنا ٻي جڙ اوف محل هئا
اس جي ٽيڪ تي ٻگهري ويا هن.

همه ڪو اساغ ٻپوري ناهي
نيڻ اوهان جا ٻلڇي ويا هن.

الڪا-٣٥/٩٤

مون ان ڪيڏا هيڪل هوندءِ!
ٻانءِ تي خالي ٻادل هوندءِ!

سارو ڪمرو ڦهليل هوندو
ڳوليندي ڪجهه اجهيل هوندءِ!

ڏونگر جهڙو ڏينهن گذاري
شام جو ڪيڏا ٿڪيل هوندءِ!

مند جي ٻهراڻ مهڪوڳي؟
ٻادن ۾ ٻي جل آل هوندءِ!

اي ڦاڙو هر خواب اُٿي وهدو
مون سان گڏجي هر ٻل هوندءِ!

١١ڪا-٩٤/٣٤

ابر ۽ مڳن

(١)

مهنجي اندر ڪنڊ ۾،
جو سنياسي براجمان آهي،
سو موکي سک جي،
جيون گهارڻ نٿو ڏئي!
اڪري،
نه سوادي ڀاڄين ۾،
ڪو چاهه رهيو اٿم؛
نه قيمتي وسترن لاءِ،
ڪا ڪشش ٿئيم ٿي!
مهنجو من سدا،
ٻاهر ڦرڻ لاءِ،
تانگهيندو رهي ٿو!
چاهيان پيو:
ٻراٽن جون اونچيون چوٽيون ڏوريان؛
ندين جي ڪناري هلندو رهان؛
سنتن-مهاتمائن جا آستان پسان!
ان طرح ٻاڙن سان ملي،
هي امولهه منش جنم سارٿڪ بڻايان!

(٢)

جڏهن آءٌ نم ٿو ٻڌندس،
ءَ مهنجو مرڻو سرڻو،

• هو نعرا هڻن ٿا
۽ نالا هڻن ٿا
هو مڪتب ۾ واهي ۽
پالا هڻن ٿا
گهڻو ئي مرن ٿا
۽ آورو ناڙهن ٿا
۽ ٻگراون ڪٽي هو
گهٽين ۾ رلن ٿا.

هي زنجير قاسمون ۽ هي جيل خانا،
مقدر انهن جو

نہ روزي انهن جي
نہ ئي گهر انهن جو
انهن جن جو جيون نہ، اهڙي ڪٺي ڳوٺ جيان
نہ جنهن کي آ، ڪائي شهر پناهہ،
ذري ڳالهہ تي هو چڙي پوڻ وارا
جوان جي اٿاڻي ۾ سر ڏيڻ وارا
۽ ڪوليون جيان روز مرندا وڃن ٿا
۽ باقي پڙهڻ کان ڳي ڪرندا وڃن ٿا!

جهنگل کان ڳوٺ ڏانهن؛
ڳوٺ کان شهر ڏانهن؛
شهر کان مهانگر ڏانهن!
پر اڄ ٽائين ڪيس،
سڪ هٽ ۽ آهو آهي!

(٥)

ٻانڪ رام کي سوچائڻ لاءِ
آزمودگار منتريءَ جي صلاح ٿي،
مهاراجا دشرٿ ڪيس آئينو ڏنئي،
چندب ڏنو هو هٿ ۾!
اها رسم اڃا جاري آهي.
لائين لوڪن کي ڏيکارين ٿيا،
اڄ جا سياستدان سبز-باغ،
آسودگيءَ جا پڌهڙن پاشطن ۾!
رگهو-ڪل رسم سدا چلتي آئي!

(٦)

ڀوُگول جا ماهر چون ٿا:
هزارا سال اڳ، هيءَ ڌرتي،
باه جو ٻرندڙ گولو هئي،
جا سمي ٿئي ٿڌي ٿي،
جاڻ-رهڻ لائق ٿئي آهي؛
ليڪن آدميءَ جي من ۾،
ٻوڙي سدس روزاني جيون ۾،
ساڙ، وير، ڪروڌ، انڌاي جا،
غريب-شاهوڪار جي ڀيد جا،
هيٺي-ڏاڍي جي ورتيءَ جا،

ااڪا-٣٩/٩٤

جاءِ رک ٿي ويندو،
۽ مهڄا شڪ مٽي،
ڪنگا ۾ اوواهه ڪيا ويندا،
ٻڌهن اهي آهستي آهستي،
ٻنگال جو انسان ٿري،
عراي سمنڊ ۾ اونڌڙ،
سمنڊ سان وڃي ملندا!
انهن ڪرڻ بعد مان،
جلاوطنيءَ جي سراپ کان،
نيٺ مڪت ٿي ويندس!

(٣)

عمدا طعام،
اوچا ڪمرا،
شاهي مڪان،
جهجها انسان،
خوب ناماچار؛
اِن سڀ هوندي به،
آءٌ ڇو ناخوش آهيان؟
اراڻي امڙا جي چاڪ،
مونکي اڄاڻ اهڃاڻ آهي!
۽ اها سوچ-لوچ
سراب آهي يا وڌان؟

(٤)

[illegible] صدين کان ماڻهو،
سک جي تلاش ۾،
[illegible] ٿي رهيو آهي؛

پوپٽي هيرانندڻي

١- آدمي شڪاري آهي؛
هُو صرف هرڻ جو
شڪار نه ٿو ڪري؛
نه ئي هُو صرف جانور جو
ماس ٿو کائي؛
پر،
هُو آدميءَ جو به،
شڪار ڪري ٿو؛
۽ ماڻهوءَ جو به،
ماس کائي ٿو!

٢- ماڻهو،
بدڪ ۽ مرغي،
رڍ ۽ ٻڪري،
سڀ هضم ڪري ٿو وڃي!
نه فقط ايترو،
پر هُو،
نابالغ نمگر کي ٻڻ،
'هڙپ' ڪري ڇڏي ٿو!
سس کي ڏاج نه ٿو ملي،
نه هُوءَ تنهن جو
ماس کائي ٿي!
مٿس کي اسڪوٽر نه ٿو ملي،
نه هُو
زال کي جلائي ڇڏي ٿو!

ڪاري-ڳوري جي فرق جا،
الڳ الڳ مٽن واڙن جا،
جهڳڙي ٽنٽيت اوڏا رهن ٿا؛
جهيڙا-فساد ٿيندا رهن ٿا؛
ٿن مان اهو پاسي ٿورو
ته ڌرتي اڃا ٿري ناهي!

راڌاڪرشن گرنائي

اڄ
جيڪي پري هو،
سو هاڻي،
ويجهو ٿي ويو؛
مثال
نيويارڪ، پئرس، ٽوڪيو!
پر
جو ويجهو هو،
سو هاڻي،
پري ٿي ويو؛
جيئن
پيٽ، پاڻ، پاڙيسرو!
انسان جي
پاڻي، ٻولي، حرڪت؛
سمي جو ڦيٽو
ابتو ڦيرائي ڇڏيو!
چاهيانٿو
دور رهي،
دور آهن جيڪي
ويجها آهن؛
وڌيڪ ويجها!
هر ملڪ ۾
پنهنجو راڄ رهي؛
سمنڊن ۾
ميناج رهي!

الڪا-٩٤/٤٣

٣- جوان زال،
انڌاري ۾ ڏئي ٿي گهمي؛
هن کي
شڪاري آدميءَ جو،
ڊپ لڳي ٿو!
نيچ ذات جو ڇوڪرو،
جي اوچ ذات جي ڇوڪريءَ کي
پيار ڪري،
ته هو ڀڄندو رهي ٿو؛
هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ڏانهن.
نيٺ ماڻهو،
ڪيس ٺڪري، کڻي ڇڏين ٿا،
۽ پوءِ هو جشن ملهائين ٿا!
٤- شڪاري،
هميشه تاڙ ۾ رهي ٿو،
ته هن وقت،
ڪنهن جو شڪار ڪريان؟
ڪنهن جي عزت کي،
ليڙ ليڙ هڻان؟
ڪنهن جي نالي کي،
پالو هڻي ڪيرايان؟
ڪنهن جيءَ ڳچيءَ کي،
ڇڪ ڏيئي ڇڇلايان؟
٥- ان رات،
اَڄ جو آدمي شڪاري آهي
هو آدميءَ جو،
شڪار ڪري ٿو؛
۽ پوءِ به،
شان سان چوي ٿو:
"اسان ماڻهو آهيون!"

الڪا-٢٤/٤/٤٢

ڪهاڻيون ۽ وارتائون

رچناڪار

(١) ڪرشن کٽواڻي
(٢) گوبند مالهي
(٣) امر جليل
(۴) پروفيسر ايشوري جوتواڻي
(۵) ڦتن پرسواڻي
(٦) پشپا هيمراجاڻي
(٧) لڇمڻ ڀمڀاڻي

گبان للا

جو شراب ٿئي، سو خراب ٿئي؛
ڏند ڏيرا اٿن، ڏاڍا گندا لڳن!

چپ چيٽ اٿن، ڦڦڙ ڦٽ اٿن؛
آنڊا سڙي وڃن، جيرا جلي وڃن!

عمر گھٽجي وڃي، شڪل مٽجي وڃي؛
شرابي لڏندو رهي، گاريون ڪڍندو رهي!

جوش وڌندو رهي، هوش ويندو رهي؛
ڪين هڙ کڻجي مڃي، گھر سڀس راءِ وڃي!

شل ڪيس سمجھ اچي، اها عادت مٽجي وڃي؛
ڪافي پيئو اچي، صحت ٺيڪ سٺي رهي!

اڪا-۹۴/۴۴

ننڍڙي سنڌ

ڪرشن کٽواڻي

سنڌ ۾ اهڙا انيڪ ڪٽنب هئا جن جا ڌنڌا ڏيساورن ۾ ڪيترن پيڙهين کان هلندا آيا هئا. اهي ڪٽنب پڻ پاڳن ۾ ورهايل هوندا هئا. مرد هزارين ڪوهه دور پنهنجن ڪاروبارن سان گڏ ڪرڻ لئي رهندا هئا، اتي جي ٻولي سکندا هئا، اتي جي عملدارن ۽ اثردار هستين سان لهه وچڙ ۾ رهي، ڌنڌو اڳتي وڌائيندا هئا ۽ پنهنجي لاءِ سلامتيءَ وارو واتاورڻ به جوڙيندا هئا. انهن جون عورتون سنڌ جي شهرن ۾ گڏيل ڪٽنبن جي سهوليت ۽ وڏڙن واري وايو منڊل ۾ پنهنجن ٻارن ٻچن سان محفوظ هونديون هيون. انسان کي جيتري ڦهلجڻ، وڌڻ ۽ پچڻ لاءِ آزادي کپي، اوتري پنهنجي بچاءَ لاءِ ڪا چوديواري به کپي، جنهن ۾ هو بي خوف ٿي زندگيءَ جون خوشيون ماڻي سگهي.

ستارام جي مئٽرڪ جي امتحان جو اڃا نتيجو به ظاهر ڪونه ٿيو هو جو سندس پيءُ کيس اولهه آفريڪا جي هڪ ننڍي ملڪ ۾ پنهنجي ڪوٺيءَ تي گهرائي ورتو. ستارام جو پيءُ ٿيوورام، جڏهن اتي پهتو هو ته اتي سنڌين جي صرف هڪ

الکا-۴۷/۹۴

رچنائمڪ ڪار

جيڪڏهن انسان کي هيءَ، هيٺ ۽ طاقت لکيو رهيو، ته هن جو اسرڻ مشڪل ٿيندو. انهيءَ ڪري ڪنهن اهڙو ڪو ڏس ڏجي، جنهن ۾ انسان جي چڙهڻ لاءِ چاهه ڏيکاري. ته ٻه ڪمزوريون ۽ ڪمت ته رهندا آهن؛ جو انسان هيءُ جوڙ تي اهڙي آهي. ٻيو مدش ٻانهون اڏي وڃڻ وارو جيئو ناهي. الهاس ٻه مثال آهن، ٻلي اهي اورا ئي هجن، ته محبت سان ۽ همدمت سان، هڪ گهٽو ڪم ڪري سگهي ٿو، جنهن مان سندس وشيشتا ظاهر ٿئي......

ها... دا......

(هڪ فيلسوف دوست جي
شخصي خط مان)

اڄ ٻڌ واڻون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سڀڙان، رڻان ڪان نہ رهن،
آئون جهليندي ڪيترو؟ آئل! ساموندڙن،
ٻچهہ ڇوڙي جن، وڏا ٻيڙا ٻار ۾.

(٢)

وقت گذرندو ويندو آهي، انسان کي لڪ ئي ڪانہ پوندي آهي. اوچتو ڪيس ساڃهہ ايندي آهي تہ سندس زندگيءَ جا ڏهاڙا ٿڌيان رهجي ويا! سترام ڪڏهن سترام مان سيٺ سترامداس ٿيجي ويو. سندس ٻار وڏا ٿي ويا، سندس زال جي سونهن مرجهائڻ لڳي، سندس وار اڇا ٿي ويا. هن ٻيءَ جي ڌنڌي کي گهڻو وڌايو؛ سنڌ مان ڪيترا ملازم گهرائي هن وڏي ڪوٺي قائم ڪئي. ڪن ٻين ملڪن ۾ برانچ آفيسون پڻ کوليائين.

هر ٽي سالن جڏهن هو ڪجهہ ڏينهن لاءِ سنڌ ايندو هو تہ اڪيچار پئسو ۽ گهر لاءِ ڪيترين شيون کڻي ايندو هو. هو اڌ پئسا گهر ۾ خرچ لاءِ ڏيندو هو ۽ اڌ خيراتي ڪمن ۾ وراهيندو هو. ان زماني ۾ سڀ سنڌ ورڪي ائين ڪندا هئا ۽ هنن جي سهائتا سان سنڌ جي هر شهر ۾ ڪيترين تعليمي سنسٿائون، اسپتالون، سماجڪ ڪاريہ هلندا هئا. اهو سڀ هو ائين ڪندا هئا جو هڪ هٿ ڏئي، ٻئي هٿ کي خبر نہ پوي! جيڪو شاهوڪار پئسو صرف پاڻ تي خرچ ڪندو هو انکي عزت سان نہ ڏٺو ويندو هو. سترامداس ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏني. ڌنڌي ۾ پاڻ سان گڏ لڳائڻ کان اڳ، پهري ٻنهي کي انگلنڊ پڙهڻ لاءِ موڪليائين. ٻين ڪيترن سنڌ ورڪين جيان سندس لنڊن ۾ پڻ آفيس هئي.

سترامداس جو پنهنجي زال ۾ اڻ موهہ هو. هوءَ نهايت

ڪونہ ھئي جتي صرف ٽي ڄڻا رھندا ھئا. ٽيڪورام پنھنجيءَ محنت سان ڌنڌي کي اڳتي وڌايو جو سندس ڪٽنبءَ ٽي سنڌ مان گھرايل ٻارھن ڄڻا رھندا ھئا. وٽن سنڌي رسوڙو ھو، سنڌي کاڌو کائيندا ھئا، سنڌيءَ ۾ ڳالھائيندا ھئا. ھر جايءَ ۾ ڪي ڪم ھوندا آھن. سنڌي پنھن سان رلي ملي جھٽ وڃندا آھن، پر انھن ۾ جذب نہ ٿيندا آھن. دنيا جي ڪيترن ملڪن جي ڪيترن شھرن ۾ وڏي عرصي کان سنڌي رھندا آيا آھن، اتي جي ماڻھن سان سندن ناتا تمام خوشگوار ھوندا آھن، پر ھو پنھنجي نرالپ سدا قائم رکندا آيا آھن. ان جو مکيہ ڪارڻ اھو ھوندو ھو، جو ھو دلي طرح پنھنجي ديس کان ڪڏھن بہ دور نہ ٿيا ھئا. ھر ٻئي ٽئين سالين ھو وطن وريندا ھئا ۽ بدني ۽ آتمڪ طرح نوان بڻجي، وري سفر تي نڪرندا ھئا. اھو ويچار سندن من مان ڪڏھن ڪونہ ويو تہ پنھنجي ڪمائيءَ جو وڏو حصو ڪين پنھنجيءَ سنڌ جي بھبوديءَ لاءِ خرچ ڪرڻو آھي.

ستورام ٻيھر ٻيون دفعو ٽن سالن بعد سنڌ واپس وريو. سندس ماءُ سندس لاءِ ڇوڪري ڳولھي رکي ھئي. ان زماني جون ڇوڪريون صرف ھڏ ماس مان ٺھيل نہ ھيون، اھي جڻ رنگبرنگي ڪپڙن ۾ ھار سينگار ڪرايل گڏيون ھيون، جن کي ھٿ سان ڇھڻ ھلائي ٿين ھلن. شاديءَ بعد ستورام صرف ٽي ھفتا پنھنجي اباڻي گھر رھيو، پر ان ٿوري عرصي ۾ ٿي راڌا سندس اندر ۾ جوڳي جاءِ جوڙي ورتي. جيتوڻيڪ واڳءَ جي ڪچڙي ٻڌن مان ڪيس ڀڃ نہ ٿيو ھو، پر ان زماني ۾ خوشي ماڻڻ کان فرض پالڻ کي وڌيڪ وزن ڏنو ويندو ھو. جڏھن ستورام شاھ جي وڻجارن جيان سمنڊ پار اسھيو، تہ راڌا جي آتم ۾ سندس پار پرورش پائي رھيو ھو.

اڳيان وڌائي چوندو هو: ڏي، پرساد ڏي.

راڌا جي چهري تي مرڪ وسيع ٿي ويندي هئي. ائين نه، هوءَ کيس چوندي هئي، اُٿي، منهن ڌوئي ڪرڙي ڪري اچ.

ڪن پلن بعد سترامداس سنان جاءِ مان واپس ايندو هو، ته راڌا کي ايندي ٿالهي جهلي بيٺل ڏسندو هو. هن کي لڳندو هو هيءَ عورت شايد سڄي عمر سندس انتظار ڪندي رهي آهي!

حيدرآباد ۾ سترامداس منجهند جي ننڊ، آهستي لڏندڙ پينگهي ۾ ڪندو هو. اهو هالن جو ٺهيل، جنڊيءَ جو ڪم ٿيل پينگهو، راڌا کي ڏاجي ۾ مليو هو. هو ليٽ ڪري اکيون کوليندو هو ته سندس نگاهون سامهون کٽ تي ويٺل راڌا تي پونديون هيون. جڏهن منجهند جي مانيءَ بعد سڀ ننڊ ڪندا هئا ته راڌا کٽ تي، ڀرت ڀرڻ وارو ڪپڙو، مٿي اٿيل گوڏي تي رکي، سئيءَ سان ڀرت ڀريندي هئي. گهر جي هر اُچي شيءِ، راڌا جي ڀرت ڀريل ڪپڙن سان ڍڪيل هئي؛ جڻ گهر ۾ هر هنڌان راڌا نهاريندي رهندي هئي! ائين سترامداس کي لڳندو هو ته، راڌا ڀانو ٻٽائي، پينگهي جي سامهون ويٺي آهي ۽ ننڊ ۾ سمهيل مڙس جي بدن جي هر چرپر کي جاچي رهي آهي. جڏهن سترامداس ڪر موڙي اٿڻ جو سعيو ڪندو هو، ته هوءَ جهٽ پٽ پير ۾ رکي، پيرن ۾ سماڻو پاڻي، اڳ ئي پير ۾ رکيل ٽوال کيس هٿ ۾ ڏيندي هئي. سترامداس منهن تي ڇنڊا هڻي موٽندو هو ته، راڌا کي شربت جي گلاس ۽ پاڻي سان ڀريل ڏسندو هو.

سانجهيءَ جو، ٿوري گهڙي بعد، سترامداس دوستن سان ڪچهري لاءِ ٽانگي ۾ نڪرندو هو. کي سندس ننڍي هوندي جا يار هئا، کي سندس پڪي ڪمائڻ بعد سندس وڇو

ڊوڙ ۾ جائي ۽ ٺوڙي هئي. ڪتابي تعليم گهٽي نـــ پرائي
هٿائين، پر اندران سمجهه ۽ سوجهه-ٻوجهه گهٽي هئس. سچاءَ
جي علم هئي ۽ هر انسان کـــي آدر ڏيندي هئي، ٻيو اهو
ڏٺو، هجي ڀلا ڪاڻس. سندس ۾ اڪثر آرتوار ۽ وڏن ڏينهن تي
ڳڙ جـــي ٿاهري جـــي وڏي ديگ رڌي، غريبن ۾ ورهائـــي
ويندي هئي. راڌا ڪڏهن ٻيرو ڪونه ٻڌو ۽ ٿاهري سان گڏ
ميوو ۽ دان لاءِ موڪليندي هئي. سنڌ ۾ ان زماني ۾ اهڙيون
عورتون گهٽيئي هونديون هيون جـــي ڀلا گهٽي اسڪولي
تعليم جي، سگهڙ ۽ ڏاهيون هونديون هيون. گهر ڀلائي جو،
مڙس جو من موهڻ جـــو، مٽن مائٽن، سوٽين-ساهيڙين سان
محبت ونڊڻ جو، وڏن ڏاڍو هوندو هو. هو ٻارن ۾ اهڙا اڇڻ
وجهنديون هيون، جو گهر مٺ-محبت ۾ هلندا هئا. شايد اهو
سنڌ ۾ صوفـــي تهذيب جـــو اثر هو جو سنڌ ۾ ڀانئجي گهٽي
هئي، ولهو گهٽ هو. سترامداس جو ڀيڻيءَ زال جـــي
ڏاهپ ۾ پورو وشواس هو. هن گهر ڀلائي جون ٻيون واڳون
راڌا کـــي سونپي ڇڏيون هيون. جڏهن ٻــ سندس نگاهون
ڀٽيءَ جي سمشت ڇوري تي پونديون هيون، ته سندس اندر
آنند سان ڀرجي ويندو هو. صبوح جـــو جڏهن هوءَ ڀيڻي
مٺي آواز ۾ سکمڻيءَ جو پاٺ ڪندي هئي، تــ سترامداس
پلنگ تي ليٽيو، اکيون ٻوٽي اهو پڙهندي ڪنهن ٻيءَ دنيا
۾ پهچي ويندو هو، جا دنيا انسان ڀيڻي هردي اندر ٿي
خلقي سگهندو آهي!

راڌا مٺو رني سان ٻڌي، سمهڻ واري ڪمري ۾ ايندي
هئي، هٿن ۾ پرساد واري ٿالهي، مٿهن تــــي اٽڪي الوڪ
مرڪ!

سترامداس اٿي ويهندو هو، هٿ کـــي پڪ - اما پڙائي،

ڪونه ورتو هو. اوچتو هن محسوس ڪيو ته هو ٻيڻو ٿي ويو آهي، جهڙڪ هو ماضيءَ سان ڇڄڙي رهڻ نٿو چاهي. جيڪي سندس زال ٻار، سندس شهر حيدرآباد، سندس ديس سنڌ، ڪيس سڏي رهيا آهن ۽ هو به انهن جي وچ ۾ رهڻ ٿو چاهي! سترامداس ان ميرانجهڙيءَ اونده ۾ چوطرف نهاريو. سيارو اچڻ آيو ڪونه هو، پر سرءُ بعد هوا ڪجهه ٿڌيري ٿي وئي هئي. آس پاس ڦهليل وڻڪار مان سانجهيءَ پيل غمگين خوشبوءِ اچي رهي هئي. آڪاس ۾ ٽورا تارا، ٽورا ميرانجهڙا بادل هئا.

سترامداس چيو: ”قادر، جڏهن زمين تي انسان جنم ٿو وٺي، جڏهن سمجهه ۾ هو ٻلجي ٿو، انهن سان سندس ناتو ڪيترن سٽن سان جڙي ٿو وڃي. اسانجا ماءُ پيءُ مري وڃن ٿا، ٻڍڙپ پار اچڻ سان اسين انهن کي وساري ويهون ٿا، پر موت تائين هيءَ زمين اسانکي ڪشش ڪندي رهي ٿي. عمر وڌڻ سان جيترو اسين ٻڍڙا ٿيندا اندر جي وچ ۾ ٿيون ٿا، هن زمين جي ته نزديڪ پهچون ٿا.“

قادرخان ڪي ڪي لفظ ڪونه سمجهيا، جن سان هو دوست جي دل وٺي. هو ڪرسي سندري دوست جي اوڏو ٿي ويٺو. ”اڄ مان توکان هڪ صلاح وٺڻ آيو آهيان.“ سترامداس چيو: ”پئسو خوب ڪمايو اٿم. سوچيان ٿو ڪنهن اهڙي سٺي ڪارج ۾ لڳايان، جو من کي شانتي ملي. مان سوچيان ٿو هن پوري واپس وڃڻ کان اڳ، ڪنهن سڪول، ڪنهن اسپتال لاءِ ٻئي ڪمرا شپ ڪارا لاءِ چڱو چوکو پئسو ڇڏي وڃان، جيئن ٻئي پوري هميشه لاءِ واپس اچڻ بعد، هتي ڪن ڪمن ۾ مشغول رهي سگهان.“

قادر بخش ڪجهه دير سوچيندو رهيو، پوءِ اٿي اٺاڻ ۾

آيا هئا. سچي سان اڳ، نمرتي جون ڳالهيون ٻڌنديون هيون،
ٻار ٻڌنديون سڀ ٻاٻت ٿي هيون. نمرتي هوندي جي دوستن
سان ٻاهرڻ ۾ کيل رانديون ۽ الهڙ جوانيءَ ۾ ڪيل اڻٻڌايان
کي ساريندي، سندس اکين اڳيان سڀ جا اهي نظارا ڦري
ايندا هئا جي ڇڙ سندس زندگيءَ جو حصو بڻجي ويا هئا ۽
ڏنوائين سان سندس ڳالهيون سڀ جي آئينده ٻاٻت ٻڌنديون
هيون.

(۳)

ستارامداس جو هڪ نمرتي هوندي جو دوست هو قادر
بخش. سڪول ۾ هو گڏ پڙهيا هئا ۽ مئٽرڪ بعد جڏهن
ستارامداس ڏيساور هليو ويو، ته قادر بخش، ڪاليج پڙهي،
وڏو آفيسر ٿيو. ستارامداس جي هن موڪلن ۾ هو حيدرآباد
۾ ئي هو ۽ هو اڪثر ٻاڻ ۾ ملندا رهندا هئا.

هڪ رات ستارامداس جي ماني قادر بخش جي گهر
هئي. مانيءَ بعد هو سرڪاري ڪوارٽر ۾، ٻاهر ڇپر تي آرام
ڪرسين تي ويٺا هئا. نمرتو ماٺ پوري رهيو هو، جو اونده کي
دور ڪرڻ بدران، رات کي غمگين بڻائي رهيو هو. ستارامداس
جي واپس ورڻ جو ڏينهن جيئن ويجهو ايندو ٿي ويو، تيئن
سندس اندر ۾ ڪو اڻڄاتل درد اڀرڻ لڳو هو. اڳ ائين نه
ايندو هو، پر هن ڀيري سندس هند ڇڏڻ تي دل ڪانه ٿي
ٿي.

قادر بخش حجت مان چيو: ”تنهنجا ٻار ماڻ ساماٽا آهن،
ڪاروبار انهن کي ڏيئي سڀ هليو اچ. مان به جلد رٽائر
ڪرڻ وارو آهيان. سوچيان ٿيو ٻنهي تي نمرتي جاءِ ٺهرايان.
تنهنجي لاءِ به هڪ ڪمرو ٺهرائي ڇڏيندس، جڏهن دل گهري
هليو اچج.“

ستارامداس کي عجب لڳو ته ان طرف سندس ڌيان ئي

۽ سچو ڪم مان سنڀاليندس.

ستارامداس ڪنڌ هيٺ ڪيو. ڪجهه دير سوچيندو رهيو؛ پوءِ اوچتو ڦڙتيءَ سان اٿي بيٺو ۽ اڳيان وڌي قادر بخش کي ڀاڪر ۾ ڀري چيائين: ”اسين ٻئي هن سنسار ۾ جهاولي آهيون، هڪ ماءُ جا ٻه پٽ.“

(۴)

ٻه ورهيه ويا. جاءِ جڙڻ جو ڪم ٻيهر شروع ٿي ويو. ستارامداس جي خوشيءَ ۾ راڌا ٻيهر شامل ٿي. رات جي اڪيلائيءَ ۾ ٻئي انهن ڏينهن جون رٿون ٺاهيندا هئا، جڏهن هو هميشه لاءِ گڏ رهندا ۽ ڪڏهن به جدا نه ٿيندا!

ستارامداس زال کي چيو: ”سال اندر ٿي سچو ڪاروبار ٻارن کي ڏيئي مان هت هليو ايندس ۽ وري واپس نه ويندس. هتي جي آبهوا ۾ جادو آهي، ايئن لڳندو آهي ڄڻ اسان اڻڌڪا آهيون.“

ستارامداس جي واپس وڃڻ ۾ باقي ٻه هفتا کن هئا جو هڪ رات راڌا کي تيز بخار ٿيو. ڊاڪٽر آيا، دوائون ڏنيون؛ پر ٽن ڏينهن بعد، هوءَ هن دنيا ۾ نه رهي!

اهو سڀ ٿيو جو انسان جي مرڻ بعد سندس مٽ مائٽ ڪندا آهن. ستارامداس جي اکين ۾ لڙڪ نه هئا، پر هو ٽن چئن ڏينهن ۾ ڏهه سال ٻڍو ٿي ويو! دنيا مان سندس موهه نڪري ويو، هو پاڻکي ڏاڍو اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو.

قادر بخش ستارامداس کي ڪراچيءَ ڇڏڻ آيو. موڪلائڻ وقت ٻئي هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ روئي پيا. ستارامداس چيو: ”هاڻي منهنجي راڌا ان اسڪول ۾ زنده رهندي. ٻيو جيترو خرچ لڳي، مان ڏيندس، پر اسڪول سٺو ٺهرائج، جيئن منهنجي آتما کي سڪون ملي. مان جلد موٽي، باقي ڏينهن

اچ-وڃ گهٽ لڳو. جڏهن وري واپس آيو، ته هڪ اڌ سال
پڙهائين. سترامداس کي ان زندگيءَ روشنيءَ ۾ وڏيون مصيبتون سان
ساٿي دوست جو منهن ڪافي پيارو لڳو. هن دوست جي
اکين ۾ سدا هڪ انوکي ڏيتي هئي، جنهن ڪري ته هيءَ دوست
ڪيس گڏوگڏ اچڻ ۽ وڃڻو لڳندو هو! ڪيس اهي ڏينهن
ياد پيا جڏهن شاگرديءَ واري زماني ۾ هو ڦليلي جي آس
پاس واريءَ وڻڪار ۾ گڏ گهمندا هئا.

قادر بخش پنهنجي همت گوڏن تي رکي، ٿورو اڳيان جهڪيو.
چيائين: ”هڪ ڳالهه چوان، جي توکي ڇڪ لڳي ته ڪجهه، نه
ته ڪو حرج نه آهي.“

سترامداس کلي چيو: ”اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي جا توکي
چوڻ ۾ هٻڪ ٿي رهي آهي.“

قادر بخش چيو: ”توهان هندو پنهنجو سنڀالو ڪرڻ ڄاڻو.
توهان پنهنجي سماج ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪيترين اسڪول، ڪاليج،
اسپتالون ۽ ٻيون سنستائون ٺاهي ڇڏيون آهن. مسلمانن ۾ پنهنجو
آهي صرف زميندارن رڳو پنهنجن کي عيش عشرت کان فرصت
ئي نه ملندي آهي. مونکي ڪڏهن ڪڏهن راتين جو ننڊ نه
ايندي آهي جاتيءَ جي اها دردشا ڏسي!

توهان منهنجو دوست آهين. خبر ناهي پر ڪيترن هندن
جيان تون به هندو ۽ مسلمان ۾ ڪو ڀيد نه رکندو آهين.
ياد اٿيئي ننڍي هوندي جڏهن گڏجي ٿياسافيڪل
سوسائٽيءَ جي ليڪچرن تي ويندا هئاسين، ته سنڌ جي
آئينده تي بحث ڪندي تون چوندو هئين ته مسلمانن جي
تعليم بنا سنڌ جو ڀلو ٿيڻ ڪونه آهي. منهنجي رٿ آهي
ته مسلمان ڇوڪرن لاءِ اسڪول کوليون، اهڙي پاڙي ۾ جنهن
جي آس پاس مسلمان وڏي رهندا هجن. تنهنجي غيرحاضريءَ

ڪاڻ ٻاني، ڪڏهن قادر بخش کي ڏيئي اچج."

انڪل ڇهن مهينن بعد سترامداس امبئيءَ ويو. اتي سنڌس مان مدد جهٽ لڳو. قسمت، جڏهن ۾ سنڌس جو ڪئمپ رهندو هو، اها حيدرآباد ۾ سنڌس جاءِ جي اڳڻ ڪاٻ اڃا ندي هئي! چوطرف پاڻي ئي پاڻي هو. ماڻهن جو هڪ سيلاب هو ۽ ڪنهن کي ٻئي لاءِ ڪا فرصت نہ هئي. هو ٻہ ٽي هفتا رهي واپس موٽي آيو.

(٦)

انسان هار نہ مڃيندو آهي، هو سدا نصيب سان اڙندو رهندو آهي. الهاس سنڌي هندن کي ڏينهن رات محنت ڪري ٻاڻ ڪري مٽي چاڙهڻ سيکاريو آهي. سترامداس جي هڪ ٻت امبئيءَ ۾ ڌنڌو چلايو، هڪ لنڊن ۾ ۽ هڪ ٻت سائوٿ آفريڪا ۾ هو. ڌنڌو اڳي کان گهڻو وڌي ويو هو، پر سترامداس لاءِ هاڻ ڪو ڪم ڪونہ هو. سنڌس اندر ۾ سنڌ جا نظارا گهمندا هئا ۽ هو اي چئن ئي ويندو هو.

آفريڪا ۾ گهڻيئي ملڪ آهن ۽ سڀني ملڪن ۾ ٿورا گهڻا سنڌي رهندا آهن. هڪ ڀيري سترامداس واري ملڪ ۾ ڪنهن وڏيءَ پارٽيءَ ۾ هن سڀني ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي گڏيا. جيڪي بزرگ هئا ۽ جن سنڌ مان لڏپلاڻ ڪئي هو، سي هونئن ۾ جدا هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا هئا. ليلارام چيو: "نصيب اسان سان ڪيڏو وڏو دوکو ڪيو. هاڻ جڏهن وقت آيو هو تہ ٻهڪجيءَ سنڌ موٽي، اسان ڏينهن ٻہ چار آرام سان گذاريون، تہ تواريخ اسانکان اسانجي سنڌ کسي ورتي."

سڀني جي منهن تي دک جون ريکائون هيون. ظاهر هو، هو ڪيترن ڏينهن کان زهر جو پيالو پيئندا آيا هئا. سترامداس جي دل ۾ سدا هڪ سوال هو تہ باقي زندگيءَ جا ڏينهن هو

ان اسڪول کي اڏائڻ ڪندس.”

(۵)

جڏهن هندستان جي ورهاڱي جون خبرون ان ڏور ڏيهه پهتيون، ته ائين رهندڙ هندستانين کي وشواس نه آيو. هنن سمجهيو راڄڌاني پارٽين جا پاڻ ۾ جهيڙا آهن، هڪ ڏينهن عام ماڻهن جو راڄ ڪين هڪ ڪري ڇڏيندو. پر صرف ورهاڱو نه ٿيو. ماڻهو هڪ ٻئي جا دشمن بڻجي پيا. چوطرف هاهاڪار هو. گهٽيون انساني رت جون نديون بڻجي پيون. پر لنڊن ۾ ائين لڳندو هو، ته هي ڏنگا-فساد ٿوري وقت لاءِ آهن. ٻاڙهسري وري ڪير ڪٿ ٿي ويندا.

سترامداس قادر بخش کي لکيو: ”اسڪول جو ڪم اڳتي پورو ڪرائج. جيئن ئي صحيح-سلامت ٿي ته مان ايندس ۽ ٻئي ڪم ۾ جنبي ويندا سين.” قادر بخش جو جواب ڇهن ڏينهن بعد آيو. لکيو هئائين: ”ادا، اسڪول جي جڳهه ٺهي تيار ٿي وئي. باقي دريون دروازا پوڻا هئا، جو ٻاهر مان شرڻارٿي آيا ۽ سڀ ڪمرا والاري ڇڏيائون. سرڪار جي پاليسيءَ ڪري انهن کي اٿارڻ ممڪن نه آهي.”

سنڌ مان ٻيا به خط آيا. انهن جو تت هو: سنڌي هندن جي لڏپلاڻ شروع ٿي وئي آهي. ٻاهران آيل مسلمان گهرن تي حملا ڪري سڀ ڪجهه ڦٻا وڃن. نه جان سلامت آهي، نه عورتن جي عزت.

ان ڏور ڏيهه ۾ سنڌين پاڻ ۾ فيصلو ڪيو ته، سنڌ ۾ رهندڙ سنڌين کي هند لڏڻ گهرجي. سترامداس به پنهنجي زال پٽ کي موڪليو ته هو گهر وارن کي ٺاهيءَ ڇڏي اچي. وڃڻ وقت سترامداس پٽ کي تاڪيد ڪندي چيو: ”ڪنڊ ۾ گهر ۽ سامان سڄو نيڪال نه ڪجانءِ. گهر کي

ٻيئي پٽ جدا جدا ملڪن ۾ هئا. سندس سڪيلڌي ڌيءَ ۽ سندس ڊاڪٽر ناٺي، پنهنجي ٻارن سان آمريڪا جي لاس اينجلس ۾ رهندا هئا. هو پنهنجي ڌيءَ ۽ سندس ٻارن جا مُنهن ڏسڻ لاءِ ڪيترو سڪندو آهي، پر هُن سان صرف ٽيليفون تي ڳالهائي پاڻ کي تسلي ڏيندو آهي. سترامداس کي ياد آيو ته ساڻس گڏ رهندڙ دوستن جا ٻار به اُٿين دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل آهي. سڀ هڪ ٻئي کان ڪٽيل، هڪ ٻئي کان جدا، پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ مشغول!

سترامداس سوچيو، "جڏهن هو اُن ڪم ڪار کان فارغ ٿيندا، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائيندا؛ پنهنجي وجود کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ جڏهن اڪيلو محسوس ڪندا ته هو اڪيلا آهن، ته پوءِ هو ڇا ڪندا؟ ته ڇا هو به ڪا نئين سڌ جوڙي سگهندا، پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾؟ هن گول ڌرتيءَ تي گهٽيون نديون سنڌڙيون هونديون؟" اندر جي پار ڪندا سترامداس ايتري تي وڃي نه سگهيو؛ هو ڇهل قدمي ڪرڻ لڳو. اوندهه ۾ ڪمس لڳو ته سندس قدمن ڪٽڻ جو آواز ڌرتيءَ مان نه، آڪاس مان هيٺ لهي رهيو هو!

ڪٿي گذاريندو ۽ هو ٻار کي ڪو جواب ڏيئي نه سگهندو هو. ڪجهه ڏينهن اڳ، هو پٽ سان گڏ ان وڏي پلاٽ تي ويو هو، جو هن گهڻا سال اڳ تمام سستو ورتو هو. پلاٽ وٽان ئي سندس دل انڪري ٺري هئي جو ان جو منظر سنڌ جهڙو هو، جڻ ڪير سنڌ جي زمين تي بيٺو هجي!

سترامداس جي پٽ چيو: ”هاڻي هيءُ پلاٽ وڪڻي ڇڏيون. چڱو اگهه ملي ٿو.“

”نه“ سترامداس محڪم ارادي سان چيو هو.

سترامداس جو پٽ ڪجهه چوڻ وارو هو پر پيءُ جي منهن جا ڀاو ڏسي، هو چپ ٿي ويو.

هونئن به ان ڏينهن دوستن سان ڳالهائيندي، سترامداس کي ان پلاٽ جي ياد آئي.

سترامداس چيو: ”سڀاڻي صبوح جو توهان مون سان گڏ هڪ هنڌ هلجو ۽ پوءِ هن وشيه تي بحث ڪنداسين.“

(٧)

سترامداس کي ان رات ننڊ ڪانه ٿي آئي. هن ڪالونيءَ ۾، جنهن کي هن نالو ڏنو هو ”ننڍڙي سنڌ“، دير رات تائين ٽيپ رڪارڊر تي سنڌي ڳيچ ۽ سنڌي ڪلام وڄندا رهندا هئا. اهي سنڌي ڪلام ڪن لاءِ لوليءَ جو ڪم ڪندا هئا ۽ ڪن جي اندر ۾ تڙپ ۽ اڪيلائي جاڳائيندا هئا. سترامداس ڪجهه دير پاسا ورائيندو رهيو ۽ پوءِ ٻچڙدانيءَ سميت هو اٿي ٻاهر آيو. تارن ڀريل رات هئي. ڏيڏرن جي ٽان ٽان سانت کي ٽوڙي رهي هئي. اونده ۾ نظر دور تائين ڪانه ٿي وڃي. هو باغ ۾ ٽهل ٻينچ تي اچي ويٺو.

اچوڪي ڏينهن راڌا هيءُ جهان ڇڏيو هو. اچوڪي ڏينهن هو اڪيلو ٿيو هو. کيس حيدرآباد جي گهر جي ياد آئي، سنڌ جي ياد آئي ۽ پنهنجي سڀني يارن جي ياد آئي. سندس

اٿري پر شامونءَ چيو: "اڄ اهو ڏاڪو ڪونهي، جيڪو سدائين اڇا ڪپڙا پائي ٿو گهمندو آهي، ٻـر آهي ان جو مترو......"

ان وقت شامونءَ سان گڏ ميهڙجا ٻــه ٻيا سنگتي به گڏ هئا. انهن مان هڪڙي سوال ڪيو: "اڇن ڪپڙن پائڻ سان ڇا ڀلا ڪنهن من جي ميراڻ ٻڪي آهي؟" اهو انهن چيائين گويا ڪو سمت، سنگت کان سوال ڪري رهيو هو!

"ٻهه-روپي......" ٻئي دوست ٽهڪ چيو.

۽ مان مٿن وڏيهه ڪري اٿي وياس!

... ...

انهن ته ان اڇن ڪپڙن پائيندڙ عامل ڪاڪي ۾ ميهڙجا ٻه ڏاڍا خار هئا، جو جو هن ٻاٻا کي ميهڙجي ٻاري ۾ ڇڏائي هنئي هئي؛ جيڪو ٽيڪ پاڻان هو مٿان مڙو ٿي ڦرندو هو!

ليهڪري مون ۾ آڏو ڀلا جاڳي ته هن آخر ڪهڙو ڪڪرم ڪيو هو. انهن شامونءَ ميهڙجي من جـو اهو ڀاڱ سمجهي ورتو ۽ چيائين: "هوءَ جيڪا چانڊوءَ مـاڻ، سندس گهر هن جي ماڻي ڪرڻ لاءِ روز ويندي آهي نه، ان ويچاريءَ......!"

"هائي هوءَ ٻيٽ سان آهي!" ٽهڪ ميهڙجي ڪن وٽ ٻيهڙجو ڪن آڻي، ڏاري چيو.

چانڊوءَ ماڻ ۽ عامل ڪاڪو؟ اها ڳالهه ٻڌي ميهڙجو ته واقع ٿي ڦاٽي ويو!

مون دل ۾ اي ڌڙڪ چانڊوءَ ماڻ کـي بيگناهه سمجهيو. مونکي خبر هئي ته هوءَ ٻراٻوش جي ٻاچي کان ئي ونءَ ويندي هئي. ٻاڙي جي ڪنهن مرد ۾ جيڪڏهن اتفاق سان سندس ڪو ڪم پوندو هو، ته هوءَ ان لاءِ سندس زال-ٻچڻ وغيره وٽ وڃي، ٻيهڙجي گهرج جـو حال اوريندي هئي. وس وارندي

عامل ـ پائيبند!

گوبند مالهي

مان اڃا سيندداس طبيب جي اوطاق وٽ ئي هئس ته ٻڌايائين ڪين ۽ ڌماڪو ٿيو: ”گوبند، ڪاڪي جي ڪرم جو ٻڌءِ؟“

ڪاڪو ۽ ڪرم؟ منهنجي ٻڌندي ئي ڌڙڪن ڌڪي وئي.

ان جملي چوڻ منهنجي ڀرسان اچي، منهنجي من جي اها ڌڪڻ ڀانئي ورتي؛ چيائين: ”اڙي منهنجي ٻچڙي جي ڳالهه ٿورو ئي آهي؛ اهو ڪاڪو ته ڌرماتما آهي.....“

اڄهن منهنجا ٻه سوال ئيا، جو ته منهنجي پنا کي اسان سڀ ڪاڪو ڪري ئي ڪوٺيندا هئا. ان صفائي ٻڌڻ ڪانپوءِ منهنجي من ۾ سوال اٿيو: ”ٻاقي ته ـــ ته ـــ ڪهڙو ڪاڪو ڪري آهي؟“

... ...

اسانجي ڀاڻي ۾ ٻـي ڪاڪا هئا ـ منهنجو ڀـيڻ، ماسٽر چندر جو هڪ قسم جو گرو، ڪاڪو چموڙام مٺائي ۽.....

الڪا-٦٠/٩٤

جو اهو رحم، ڪم ۾ ايندي ويو ۽ ان اهلڪي ڏاڍو مهانگو پئجي ويو!

اهو قصو ٻڌي، مون ٻڪرن ان اچي وڃي ۽ ڪاري من واري عامل ڪاڪي سان ملي، سندس من جي ڪيفيت ٻڌڻ پئي چاهي. مونکي دوستن اهو ٻڌايو ته، انهن وقت هو ڏهه سال جي دوڪان تي ويٺو آهي. مان سڌو ٻڌندو، جهٽ اوڏانهن ويس. ٻاري ڪان ايهي ڏٺم ته، هو ٻراٻر آتي موجود هو، مٿهن لئين ڪارائيل هوس پان ۽ ڪو ساٿ سنگهي ويو هوس! هوئن جو سچو وقت جهاڙي پئي لڳندي هيس ۽ دنياوي جي معاملن-واقعن تي ڳالهائيندو ئي پيو رهندو هو، سو پوءِ ان وقت ٻڌ هوس، ۽ صفا سانت ويٺو هو؛ جڻ من جي ماندگيءَ سندس واٽ سڀي ڇڏي هو! ڪيس لئين چپ ويٺو ڏسي، مون دل ئي دل ۾ ڪلي ڏنو ۽ اندر ئي اندر ۾ چيم: ”هوئن ته چڱو مڙس پئجي، سچو شهر پيو گهمندو هو؛ اوڏارن ۽ ڏرمالمائن جون ڪيترون ئي ڳالهيون پيو ماڻهن کي ٻڌائيندو رهندو هو، سو هاڻي پاڻ ئي شيطان نڪتو! هڪ ويسهه وسوڙي نوجوان وڏوا کي ڏاري، اڏرم جي راه تي ڏڪيو هئائين ۽ پوءِ به پڇهجو پاپ نٿي پاسائين.“

دوستن مونکي اهو به ٻڌايو هو ته ان واقعي جي سچائيءَ ٻابت جڏهن ڪانئس پڇيو ويو ته هن پڇهجي ڪڏي ڪراوت ڪان انڪار ڪيو هو؛ چئي ”مون اهڙو ڪجهه ڪيو ئي نه آهي. جي مان گنهگار هجان ها ته گهر ۾ لڪي نه، ويهان ها؟“

مون من ۾ چيو: ”نراڄ ڪنهن جاه جو! ٻڌڻ ويو انس وسري، لڌڻ آيو انس ٻساد! ٻلا سندس ڪارائيل مٿهن، ايد واٽ ۽ ڪاڏل اندر، اهي تئي ارڪان گناه جي قبوليت لاءِ

هوءَ ڪنهن ٻاهر نوڪري ڪان نه ڪندو ڪندي هئي، ۽ ٻندي
مون سان نه ڪنهن ڪين ڳالهايو هو، جيتوڻيڪ مونکي
نه اهو سرٽيفڪيٽ نه مليل هو نه مڪيءَ جو چوڪرو گو ٻند
بداخلاق نه چوا، بدقسمتو ٻال ڪداچت ٿي ٿو سگهي! ٻ
مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي نه هڪ ڀيري جڏهن مان ٻاڻ
جي ننڍي سوٽ ٻڌيچند سان، ڪنهن ڳالهه تي اورو ساهمون
ٿيو هوس، تڏهن هن نه مونکي ان لاءِ ڪجهه به نه چيو هو،
پر عامل ڪاڪي، جيڪو ان وقت اتفاق سان اتان لنگهي
رهيو هو، تنهن امالڪ ٻاڻ کي وڃي دانهن ڏني هئي ته
گوبند بدقسمتو آهي جو ٻار وڏي جي ساهمون پيو آهي.
اها خبر مونکي ٻوءِ ٻئي ڪنهن اچي ٻڌائي هئي. ان وقت
ڪانوڙي مڇهڻجي من ۾ هن ميان مٺو عامل ڪاڪي ۾ ڏاڍا خار
هئا!

تنهنڪري شامونءَ ۽ تيرٿ وٽان ٻڌل خبر ٻڌي مان دل
ئي دل ۾ ڪجهون هڻي رهيو هوس: ”واه، ماڻهو هو ٻار هند
قاتو آهي! ڏي ۽ جهڙيءَ گگدام وڏوا سان اهڙو ڪڪرم ڪيو
اٿائين؛ ان ڪرتوت ڪندي ڪيس ٻڏي مرڻ ڪيئي!“

پر دل ۾ سوچيم: ”ٻهرحال سچو قصو ٻڌڻ ضروري آهي.“

انڪري يڪدم انهن دوستن کي ان ڪانڊ جي پوري
ٻماني ٻڌائڻ لاءِ چيم. هنن ٻڌايو ته:

ان رات روزاني نيم انوسار، ڪاڪي جي رات جي روٽي
تيار ڪري، جڏهن چاچوءَ ماءُ ٻهڪدي گهر ڏي موٽي، تڏهن
اوچتو اوڙڪ ميڇهن اچي پيو. ڪاڪي کي چاچوءَ ماءُ تي
رحم اچي ويو ته اهڙي برسات ۾ هوءَ جيڪڏهن پنهنجي گهر
وينديءَ ته مبادا ٿڌ لڳي ويندس؛ انڪري ڪيس ميڇهن بند
ٿيڻ تائين، اتي ئي ترسڻ لاءِ چيائين. اس، ٻوءِ نه ڪاڪي

انهن ٻري رهڻ ۾ ٻار ڪترائڻ نه هو!

پر ان ڏينهن شام جو، بابا مونکي مٿان هيٺ گهر جي اڳڻ ۾ سڏائي، اڪيلائيءَ ۾ چيو ، ”تون چانڊوءَ ماءُ جي گهر وڃ. هوس وڃي چئه ته بابا چوائي ٿو ته عامل ڪاڪو سائنس شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهي؛ ان بابت سندس پنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟“

بابا جو اهو چوڻ ٻڌي، منهنجو من ٻوڏ ۾ اچي ويو ۽ مان حڪم جي تعميل لاءِ ترت اوڏانهن وڃڻ لاءِ نڪري پيس. وات تي مان دل ۾ چوڻ لڳس: ”انهي معذور ڪاڪو، بابي سان منهنجو ڪڪرم قبولاي چڪو آهي! نه ته جيڪو چانڊوءَ ماءُ سان شادي ڪرڻ لاءِ ائين تيار ٿيو ٿئي ها؟“

بابا جي ڏنل آکيا پوري ڪرڻ کان اڳ، منهنجو جي ڏس ٻجي ها ته ان مهل ٿي بابا کي اها ڳالهه چئي ڏيان ها ته، توهان ته هميشه پنهنجي ان جگري دوست جي شرافت جو ڌرم پيروي ڪندا رهندا آهيو؛ پر هاڻي ته، توهانجو اهو وشواس بي بنياد ٿي نڪتو! ليڪن مونکي ان وقت اهڙي همت نه ٿي ۽ جهٽ اڳڻ کان ٻاهر آيس. پنيان بابي پنهنجي رعبدار آواز ۾ چيو: ”هوءَ توکي جيڪو جواب ڏئي، سو سڌو مونکي اچي ٻڌائج؛ ٻئي ڪنهن کي ان ڳالهه جي خبر پوڻ نه گهرجي.“

... ...

جڏهن مهل مان چانڊوءَ ماءُ جي گهر پهتس، تڏهن وقت ڪ ٻي اسٽوپ اڳي ٿي وٽس ويٺي هئي. هوءَ گهٽو اٽو ڪ کان وڌيڪ ڪان سان گهيري رهندي هئي. سندس گهر اندر گهڙڻ وقت، منهنجي. سران ڪنن تي اهو پولاءُ پيو ته ان استريءَ به عامل ڪاڪي جي چوڻ تي چڱبا ۽ کيس هرف

ڪافي ثبوت نہ آهن؟"

موڪلي چانڊوءَ ماءُ جي ڪمزوريءَ تي ذرو بہ ڏک نٿي ٿيو، پر ڪاڪي جي ڪمل جهڙيءَ لاءِ وڌ ۾ وڌ خوشي ٿي رهي هئي!

... ...

حقيقت ۾ ٻهراڻ ٻهراڻ منهنجي آزمودگار ٻڍيءَ ڏاڏيءَ تي چانڊوءَ ماءُ جي ڦورال هلڻ جي ڏور سان پروڙيو هو تہ هوءَ ٻهراڻ ڀاري آهي. تڏهن هن تي ڏاڏاڙي-ڏاڏاري ڪائنس سڃي ڪرائي هئي. پوءِ هن اها ڳالهہ منهنجي ٻيءَ کي ٻڌائي هئي. منهنجي ٻاپ ڏي ان وقت اهو وسواس اصل نٿي آيو تہ اهڙو پرو ڪم سندس عامل دوست ڪري سگهي ٿو. پر منهنجي ڏاڏيءَ ان ڳالهہ تي ضد ٻڌي ٻيٺي تہ اهو سڀ ٿي سگهي ٿو، ڇو تہ استري ناڳڻ جو روپ آهي، وڏا-وڏا جتي-ستي بہ ان کان ڪڪڙي ويندا آهن!

جنهن ڏينهن منهنجو ٻيءُ ٻڌي ڪئين تہ شخص لاءِ استريءَ ٻابت ان چوٽيءَ کي سڀ ڪجهہ ڏسي سگهيو ٿي، پر منهنجي ٻيءَ عامل دوست جي حالت ۾ ڪيس اها ڳالهہ ٻڌي دل سان نٿي لڳي! پر پوءِ بہ، امان جي ڳالهہ کي هيٺ نہ ڪري، هن دل ۾ الائي ڇا سوچي، تنهن ان ڳالهہ کي اتي ئي رهڻ ڏنو ۽ وڌيڪ ضد نہ ڪيو.

... ...

روايتي طرح مان بابا جي شخصيت جي دل لاءِ وڏل دهشت سبب، سندس سامهون اچڻ کان ٻڙي ڀڄندو وهندو هوس. جيڪڏهن هو اوطاق ۾ ويٺو هوندو هو، تہ مان ٻہ-ڇتيءَ تي وڃي ويهندو هوس ۽ مرضي هوندي بہ، هيٺ نہ لهندو هوس. انهن ڏينهن ۾ وٽن جي عزت ۽ هڪ روپ

۽ ٿي ٻڌ رکيا!

... ...

ان ڏينهن قضا سان، منهن اونداهيءَ وقت اهو عامل ڪاڪو اسان جي گهر وٽان اچي لنگهيو. هونءَ تہ، هو بازار مان، اندرئين هڪ گهٽيءَ مان لنگهي، گهر ويندو هو. تڏهن کيس سامهون ڏسي، مون بہ بي اختيار همت اچي ورتي ۽ چيومانس: "ڪاڪا هڪ منٽ ترسو." ان جملي اڳيان مون ڪي بہ ادب وارا اکر "مهرباني ڪري" ڪتب نہ آندا!

هو ترسي رهيو. مون ٽڙام سان سندس واجهو ورتي، مٿس پهريون سڌو وار ڪيو: "سو اوهان بابا جو پراشچت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهيو؟"

اونداهي هئڻ سبب مان هن جو منهن چٽيءَ طرح ڏسي نہ سگهيس، پر سندس ڏاڍي وارو جواب صاف ٻڌم؛ هن چيو: "جڏهن مون بابا جهڙو ڪوبہ ڪم نہ ڪيو آهي، تہ پراشچت ڇا جو؟"

تڏهن مون مٿس ٻيو وار ڪيو، ٽوڪ وچان چيومانس: "تہ ڇا توهان چانڊوءَ ماءُ سان شادي، صرف ديا وچان ڪري رهيا آهيو؟"

"مان ان سان شادي ٿو ڪريان! ڪير ٿو چوي ايئن؟"

"بابا."

اهو اکر ٻڌي، هو چپ رهيو؛ مون سمجهيو تہ مون کيس لاجواب ڪري ڇڏيو آهي! پر ساعت بعد هن ٻيڪل سنجيدگيءَ سان وراڻيو: "جي مڪي ايئن چوي ٿو تہ ضرور سچ هوندو. تون ان مان ڪوبہ مطلب ڪڍي سگهين ٿو."

ايئن چئي، هو جهڪيل ڪنڌ سان، اڳتي وڌي ويو.

مان سچ ٿو چوان تہ، ان وقت اهو عامل ڪاڪو مونکي

الڪا-٩٤/٦٧

ٿي پيا. ليڪن جيئن ته مولڪي ۾ بابا جو فرمان بجاءِ آڻڻو هو، تنهنڪري مون چاندوءَ ماءُ کي، سندس گهر جي اڳيان بيهي، ٻاهر اچڻ لاءِ ڪوٺيو. هوءَ جڏهن ٻاهر آئي ته، مون کيس بابا جو نياپو ڏنو. مان بابا جيان ٻيا هن ٻاران ڳالهائڻ ئي هري ويو هوس!

چاندوءَ ماءُ به مولڪي ادب سان چيو: ”جيڪا مڪيءَ جي مرضي. مان هن کي ٻڌائيندي پيءُ ئي سمجهندي آهيان. پيءُ ضرور ڌيءُ جو ڀلو ئي گهرندو.“

سندس اهي ورندي سڻي، مان من ئي من ۾ سمجهي ويس ته چاندوءَ ماءُ دوراندش ئي ڇڪي هئي! هوءَ ڪاڪي سان لانوِن لهڻ لاءِ صرف راضي ئي نه، بلڪ تيار به هئي. کيس هڪ سٺو لهڻ-نڪرڻ گهر ملي رهيو هو، سندس اڳئين ٻار کي پيءُ ۽ سندس ننڍي پٽ چاندوءَ کي پيءُ جهڙو سک ملي رهيو هو!

ٻر ٻوءِ ته مون موٽي اچي بابا کي هن جي ان راضپي جو ڪو صاف اشارو نه ڏنو، ڇو ته مان دل ئي دل ۾ عامل ڪاڪي کي سندس باپ جي پراشچت لاءِ ان رسم سؤلائيءَ سان نڪرڻ جي فائدي ۾ نه هوس. ليڪن ساڳئي وقت مان بابا جي مصلحتن کان به بي خبر ڪونه هوس. مولڪي اهي بي نواءِ چاهي هئي ته سندس مڪڻي ۾، اي رواڄ رهندي به، پاڙي جي پرت کي قائم رکڻ واري رسم هئي. انڪري ئي هن ان ڪٺن معاملي کي انهن حل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو، جيئن عامل ڪاڪي کي به هروڀرو لڄو نه نوائڻي ۽ مطلب به راس لڳي!

بابا، چاندوءَ ماءُ جو جواب ٻڌو، مگر مونجهي مڌهن ئي ان ئي ڪابه واڌاري ڪانه ڪيائين، هن ٻهڪجي مرضي مٺ

ڳالهه، ٻڌي نه سگهي!

پوءِ گويا پنهنجي اندر جو ڳجهه سليندي، مونکي ڌيمي آواز ۾ چيائين: "اوهان ڪاڪي کي چئو نه ته مان چانڊوءَ ماءُ سان پرڻجڻ لاءِ تيار آهيان."

سندس ڪاڪي جو مطلب، منهنجو پيءُ هو. هن لاءِ بابي سان سڌو ڳالهائڻ بدران مون سان ڳالهائڻ سهنجو هو.

مون کيس ٻڌايو: "پر هوءَ ڪڪرمي عامل ڪاڪو ته نه چانڊوءَ ماءُ سان پرڻجڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي؛ اهو بهتر ته ٿيندو، چون ته جيڪو ڪري، سو ڀوڳي!"

پر سنڌو هيءُ وجهه وڃائڻ لاءِ تيار نه. هو، چيائين: "عامل ڪاڪي جي پيٽ ۾ مان جوان آهيان. چانڊوءَ ماءُ هن کان وڌيڪ مونکي پسند ڪندي!"

ان مهل مون کيس ٻڌائڻ نٿي چاهيو ته چانڊوءَ ماءُ اهو فيصلو اڳيئي بابا کي ٻڌائي چڪو آهي، پر پوءِ الائي ڪيئن، عين موقعي تي مونکي سمجهه اچي وئي ۽ مون اڳيئن ڏينهن واري ڳالهه سنڌوءَ کي ڪانه ٻڌائي؛ ان بابت آءٌ چپ رهيس جيتوڻيڪ دل ۾ اهو عجب ضرور لڳم ته سنڌو ڪيئن ٿو چوي ته چانڊوءَ ماءُ، عامل ڪاڪي بدران کيس وڌيڪ پسند ڪندي؟ ڪٿي راجا ڀوج، ڪٿي گنگو تيلي! مان-شان ڪانسواءِ، عمر-ٻڌيءَ جي لحاظ کان به، عامل ڪاڪو سنڌوءَ کان گهڻو گهڻو بهتر هو. کيس پنهنجي پڪ سري جڳهه هئي؛ مهيني سر چڱي خاصي پينشن ملندي هيس؛ ان کانسواءِ پنهنجي اپ ته ڪاٺي موڙي-چونڊي هيس. سنڌوءَ وٽ ڇا رکيو آهي؟ هن کي نه رهڻ لاءِ پنهنجي جاءِ به ڪانهي؛ پرڳٽيل پڙهڻ وقت اچي اجهو ورتو اٿائين. تنهن کانسواءِ روزانو ڪمائيندو به ڇا آهي؟ پوءِ ڀلا چوي ٿو ته چانڊوءَ ماءُ کيس وڌيڪ پسند ڪندي؟

الڪا-٩٤/٦٩

اهڙي مانائتي هلت سان، سوانگي اڪيلو هڪو ڪو ڪري
ويو ۽ ان واقعي بابت منهنجي ماءُ سان ڳالهه جي همت
ٿي نه ٿي!

ان رات سوانگي هن ڪجهه ڳجهاندڙ ڳالهيءَ بابت
سوچيندي، ڪافي دير ڪانه ننڊ آئي!

... ...

صبح جو سج چڙهي اچڻ بعد، سوانگي ننڊ مان منهنجيءَ
ٻانهن اچي ٺونٺاڙي اٿاريو ۽ چيائين: ”سهڻومل توسان ملڻ
آيو آهي.“

- سهڻومل! صبح صبح جو؟ ۽ سو به مون سان ملڻ؟ مون
۾ اهڙو ڪهڙو ڪم ڪالهه انس جو اسر جو آئي، رام کي ريجهائڻ
بدران، هو مونکي راضي ڪرڻ لاءِ آيو آهي!

سهڻومل کي ”مل“ جو اتفاق سان چوندو هو، ڇو ته هو
اڃا ننڍو جوان هو يا پنهنجي ڪٽنب ۾ ڪرتب ڪو نه ٿيو هو
جو ”مل“ لقب سان سڏبو وڃي. هن شادي به ڪانه ڪئي
هئي، انڪري هرڪو کيس ”ڪنوارو پير“ سڏيندو هو!

سهڻو جنهن ڪري شادي ڪرڻ لاءِ هڪو حالت ۾ هيو ۽
هميشه، اها هام هڻندو رهندو هو ته هو اڃا ننڍو آهي پر ٻنهي
ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو ۽ ٻار ڄڻي به ڪيس ٻنهنجي ٻچڙن ڏيڻ
ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. هو بلڪل اڪيلو هو، انڪري هن شهر
۾ هو پنهنجي پرائيل ٻچڙن وٽ ئي رهندو، کائيندو پيئندو ۽
سمهندو هو.

مان اٿي ٻاهر هيٺ لهي آيس. ڏٺم ته سهڻو ڏاڍي
بي صبريءَ سان منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. شايد هڪا
ٻڪا ٻُڌي ڪري ٿي هئس، انڪري مونکي هٿ کان پڪڙي،
اوطاق ڪمري کان ٻاهر وٺي هليو، جتي اسان جو سنڌس

چانڊوءَ ماءُ وٽ صرف ٻڪ ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. منهنجي
اُنان ئي اچڻ ڪانپوءِ شايد چانڊوءَ ماءُ سهڻوءَ کي ٻاٻي جي
نياڻي ٻساٽ ٻڌايو هو. ڏڏهن چانڊوءَ اڪل اڙائي، ثواب
ڪمائڻ ۽ ٿي چاهيو ۽ من جي مراد ٻڻ حاصل ڪرڻ ٿي چاهي.
اصل ۾ گنهگار هوءَ ئي هئي!

... ...

اها حقيقت هن رات هئي.

جوان وڏوا چانڊوءَ ماءُ، سهڻوءَ جي ٻنهي جي اڌ گهر ۾ ۽
مسواڙي اٽڪي رهندي هئي. جيتوڻيڪ سندن وچ واري
دروازي ئي چوڪا ڪلاڪ ڪلف لڳو رهندو هو، مگر
ڪڏ نه ڪڏهن ئي هو. ان حالت ۾ ٻاهه جو ڪنهن کي وچڙجڻ
ٻڪل سياوڪ هو!

هيڏانهن وري اهڙي ڪڪرم ڪرڻ لاءِ عامل ڪاڪو
هڪيو حاضر هو. سڀ ڪجهه راسا موجب هو؛ مگر مڪيءَ
طرف هدن مان ڪنهنجو به ڌيان نه ويو هو!

... ...

ٻيستائين منهنجي فتوي سڻائي، ٻاٻا اوطاق ۾ اندر وڃي
ويٺو. ٿڏهن سهڻو، منهنجي ٿولي لاهي، همٿ ۾ جهلي
اوطاق اندر داخل ٿيو. ٻين ٻاهر امٿلم مان ڪوڙ اندر وڃي
ڏسڻ جو سمت ساري نه سگهيو؛ خود مونکي سهڻوءَ جي
ٻنيان اوطاق اندر وڃڻ جي همت نه ٿي!

... ...

اندر ٻيڏي سهڻوءَ منهنجي همٿ ۾ جهليل ٿولي، ٻاٻا جي
ٻيرن لٽي رکندي، ٻيلائي چيو: "مڪي ڪاڪا، منهنجي لڄ
رک؛ منهنجي ٻت والکي نه ڪر."
"مونکي سڀڪي خبر آهي ٿه ڏوه ٿنهنجو آهي. چانڊوءَ

مان انهيءَ سوچ ۾ هوس ته بابا اوطاق مان نڪري آيو. بابا کي ٻاهر آيو ڏسي، سهڻو سهڻي وٽ ۽ بلڪل اتان وڃڻ لڳو. ويندي ويندي هو مونکي چوندو ويو: "تون ڪاڪي سان بون واري ڳالهه ضرور ڪجانءِ."

بابا شايد سهڻي جو اهو جملو ٻڌي ورتو ۽ مکيءَ واري ٺڪ سان ڪمس هڪل ڪري چيائين: "ڇو ڙي سهڻو، تون ٻهڻجي ڳالهه سڌو مونکي ڇو نه ٿو چوين؟ سائينءَ توکي به ته زبان ڏني آهي؟ توکي نه خبر آهي ته مونکي وچ وارن جا انگن ونگن نه وڻندا آهن. ٻهڻهڪري جيڪي دل ۾ اٿئي، سو سڌو سڌو ٻاڻ ٿي چئي ڏي!" بابا جي اها هڪل ٻڌي، سهڻو اتي ئي بيهجي ويو ۽ اڳتي چريو ئي نه!

... ...

تيسين ٻاڙي جا ڪمرائي ماڻهو اچي اتي مڙيا هئا- مرد، زالون، ٻار. انهن مان ڪنهن چيو: "چانڊوڪ ماءُ به ٻهڻجي گهر جي مهڙ واري دروازي جي ٻيڪڙ ۾ بيٺي آهي." باقي ٻي طرح چپ لڳي بيٺي هئي ۽ سهڻي جي وچ ۾ رڳو اشارن جي ٻولي هلي رهي هئي. مونکي بابا جي اها ڏاڪ ڏاڍي وڻندي هئي!

اوچتو اوطاق جي دڪيءَ تي بيٺل بابا جو بلند آواز گونجيو: "سهڻو، چڱائي ان ۾ اٿئي ته هڪ سهڻي جي اڏو ٻهڻجو ٻاپ قبول ڪري، ٻيو چانڊوڪ ماءُ به ٻهڻجي ٻيندي ته اچڻ وارو اهم ... ڪڏوار ٻيءَ مان ٻهڻڊس."

بابا جي اها فتوا ٻڌي، اتي بيٺل سهڻي جي منهن مان، سندس مکڻ جي ڏاهپ لاءِ واهه، واهه نڪري وئي. مون ٻڪا دل ۾ چيو: "ٻهڪ! بابا جي ان ڪوري کي داد آهي! اڳي تو ڪمس ساري عليٰئمع جي اڳيان ٿي خبر هئي ۽ هن مونکي

سفر کان سفر تائين

امر جليل

[منهنجي وارا جيڪي لفظ پڙهڻ چاهين ٿو، سو مان چوڻ لاءِ تيار نه آهيان؛ ۽ جيڪي مان چوڻ چاهيان ٿو، سو تون پڙهڻ لاءِ تيار نه آهين.]

هيءَ ان شام جي ڳالهه آهي، جڏهن صدر ۾ ڏياري هلي هئي، ۽ ماڻهو رستن تي پنهنجا پوت، ٽوپيون ۽ چمپل ڇڏي، اوسي پاسي، دڪانن ۽ هوٽلن ۾ وڃي لڪي پيا هئا. جان محمد، مسون ۽ ڪجهه ٻين راهگيرن اڌ ٽٽل هڪ عمارت ۾ وڃي پناهه ورتي هئي. سامهون جالي تو پيو ۽ ... جي اوت مان مون اپلفي استقامت ڏانهن ڏٺو.

سڙڪ تي اوڙن، ٽوپين ۽ چمپلن جي وچ ۾، ڪنهن ٻار جو رانديڪو پيو هو. مون ڪنڌ کڻي آسمان ڏانهن ڏٺو، سج کي گولي لڳي چڪي هئي. گوليءَ جو گهاءُ کڻي، سج آسمان جي وسعتن ۾، رت جي روشن ليڪ ڇڏيندو، ڙهندو، اسان کان پري ٿي رهيو هو.

هڪ بدحال عورت ٽڪ ٻڌي رانديڪي ڏانهن ڏسي رهي هئي. هوءَ ڪجهه ڪجهه ڊڄل ۽ خوفزده ڏسڻ ۾ پئي آئي.

الڪا-٧٣/٩٤

ماڻ ۽ نيڪ آهي ويچاري! تو ان کي ڦسائي، باب ڌاڻهن
ڪڍايو آهي ۽ ٺڳيءَ ڪري اوکي ٿي ڪيس ۽ سندس ٻارن جو
ذ.و سنڀالڻو پوندو؛ ٻيو ۽ پشچاتاپ ۾ اهو قسم کڻڻو پوندو ۽
عامل ڪاڪي کان معافي پڻ وٺڻي پوندي؛ سڀني جي
سامهون!"

”مون کي سڀ ڪجهه منظور آهي.“ سيٺ اهو فيصلو
ٻڌڻ سان مڃي رهيو هو يا فقط چاندوءَ ماءُ کي حاصل ڪرڻ
لاءِ، سا خبر نه پئي! پر اوطاق ۾ هنڌڙ ان ڪيس جي
فيصلي جي خبر، باقي وانگر اڏامي، جهٽ پاڙ پڙهيل ماڻهن
۾ ڦهلجي وئي.

آخري ۾ بابا ٻاهر اچي، پڙهيلن مان هڪڙي کي هڪل
ڪري چيو: ”اي ڪنگڻ، تون ڀرسان وڃي عامل ڪاڪي
کي سڏي اچ.“

اس، ٻهه ٿ. سيٺ ۾ ڇڻپول ڇاو ٿي وئي ۽ هوڏانهن
چاندوءَ ماءُ جي گهر جو مهڙ وارو دروازو ٻيو اندران بند ٿي
ويو!

... ...

عامل ڪاڪو، ڪنگڻ سان گڏ ڪونه آيو. هن ان معرفت
صرف ٺڪي جوڙي لاءِ آشيرواد موڪلي ڏني!

ان ڏينهن مون ٻاپ کي وراٽ روپ ۾ ڏٺو ۽ سندس پيٽ
۾ پاڻ کي بلڪل ڇاڙو محسوس ڪيم!

پوءِ عورت کي چيو، ”هن جو نالو جان محمد جانو آهي. منهنجو جگري يار آهي. ايڏو بهادر آهي ۽ موت کي ڪٽ ۾ نه آڻيندو آهي. هيءُ گولين جي وسڪاري ۾ تنهنجي يار جو راندڪو سڙڪ تان ڪڻي اچڻ لاءِ تيار آهي.“

عورت کان اڳ ۾ هڪ پوڙهي ڳالهايو. هوءُ پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو ۽ بيڙي ڇڪي رهيو هو. هن جان محمد کان پڇيو، ”اڙي ميان! تون موت جي کوهه ۾ موٽر سائيڪل هلائيندو آهين ڇا؟“

اسان سڀني پوڙهي ڏانهن ڏٺو. جان محمد ڪجهه ڪجهه وائڙو ٿي ويو.

پوءِ پوڙهي کي چيو، ”جان محمد مثل رڇ جي کل پائي، سرڪاري باغيچي جي هڪ خالي پڃري ۾ ويٺي رهندو آهي، ۽ ٻه رپيا روز ڪمائيندو آهي.“

”راز جي ڳالهه ٻڌائي اٿئي ميان.“ پوڙهي چيو، ”منهنجو هن رڇ سان ڪهڙو تعلق آهي.“

”رڇ جي پڃري جي ڀرسان هڪ گدڙ جو پڃرو آهي.“

چيم، ”ميان هڪ ٻڍل گدڙ جي کل پائي ان پڃري ۾ ويٺي رهندو آهيان ۽ ٻه رپيا روز ڪمائيندو آهيان.“

پوڙهي جي اکين ۾ جوت جاڳي پئي. اوچتو بيڙي پٽ سان مهٽي، وسائي ڇڏيائين. چيائين، ”اڙي ميان! پوءِ ته تون ان عورت کان ضرور واقف هوندين جنهن جو جسم لومڙيءَ جهڙو آهي.“

چيم، ”ها، هوءَ منهنجي پڃري جي ڀرسان هڪ ننڍڙي ۾ رهندي آهي. تماشائي اٺ آنا ڏيئي، ڪجهه ڏسڻ ويندا آهن. هوءَ تماشائين کي پنهنجو نالو ممتاز محل ٻڌائيندي آهي.“

پوڙهي پڇيو، ”ڪيئن لڳندي اٿئي.“

ڪانئس پڇيم، ”جيئن ۽ توهين ۽ ڇوڪرن جي وچ ۾ سڙڪ جي ٻئي پار رانديڪو مهنجي ٻار جو ڇو نه آهي؟”

عورت مٿهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو، پر ڪو جواب نه ڏنو. چهري تي عجيب هارايل هئس. وجود جي اڻهداهه، غم جو اولڙو سندس اکين مان ظاهر ٿي رهيو هو.

چيم، ”سمجهان ٿو، سڙڪ جي ٻئي پار رانديڪو مهنجي ٻار جو آهي.”

”ها.” هن چيو، ”سڙڪ جي ٻئي پار رانديڪو مهنجي ٻار جو آهي.”

هوءَ وري ٽڪ ٻڌي رانديڪي ڏانهن ڏسڻ لڳي.

جان محمد اوٻاسيون ڏيئي رهيو هو، ۽ ڇوڪرن ۾ هڪ ننڍي گانو جهونگاري رهيو هو. مون جان محمد کي چيو، ”جانو، سڙڪن جي اوڙ ۽ توهان جي وچ ۾ هڪ ٻار جو رانديڪو پيو آهي.”

جانو هڪدم پڇيو، ”مهنجو ته نه آهي.”

کيس چڙ ڪيڻدي چيم، ”بڪواس نه ڪر.”

چيائين، ”ان جو مطلب آهي ته سڙڪ جي ٻئي پار رانديڪو مهنجو آهي.”

کيس ڪنڌ ڪسان ولندي چيم، ”سامهون ڏسه وٽ هڪ بدحال عورت ڏسين ٿو؟”

ڪنڌ ڇڏائيندي چيائين، ”ها ڏسان ٿو.”

چيم، ”سڙڪ جي ٻئي پار رانديڪو ان عورت جي ٻار جو آهي.”

هڪدم پڇيائين، ”ڪٿي اچان؟”

چيم، ”بدحال عورت کان پڇڻ کان سواءِ نه.”

جان محمد ۽ مان بدحال عورت جي پرسان وڃي اڀا ٿياسين.

ي پيل رانديڪي جي باري ۾ ڇا سوچيو آهي.“

”بدحال عورت تي مون کي رحم ٿو اچي.“ جان محمد چيو، ”مان رانديڪو کڻي ايندس.“

جان محمد منهنجو جگري يار آهي. اسين ٻئي سنڌ اسٽار ون طوفان ڪڪڙي گرائونڊ تي فٽبال راند کيڏندا آهيون، راندڪائيءَ جي وقت ۾ رڇ ۽ گدڙ جي کل پائي، سرڪاري باغيچي جي پڃرن ۾ ويهي رهندا آهيون.

مون جان محمد کي چيو، ”جانو، مون کي وهم ورائي پيا آهن.“

”ڇا جا وهم!“ جانوءَ مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”سمجهين ٿو ته گولي کائي مان سڙڪ تي مري ويندس!“

هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندي چيم، ”ها، جانو.“

”مان سڙڪ تي گولي کائي نه مرندس.“ جانوءَ چيو، ”تون ۽ مان سرڪاري باغيچي جي پڃرن ۾ مري ويندا سين. منهنجي جسم تي گدڙ جي کل هوندي ۽ منهنجي جسم تي رڇ جي.“

”بس جانو.“ کيس روڪيندي چيم، ”الائي ڇو، دل وڪي روڪڻ تي ضد ٻڌي اٿي آهي.“

جان محمد مون کي دوبدو ڏسي ٽيڙو. مون کي ٻنهي ڪلهن کان جهليندي چيائين، ”ڪهڙو اگر جڏهن مان ننڍڙو ۽ ڪڙو هوس ۽ رانديڪن سان راند ڪندو هوس، انهن هڪ ڏهي گولي هلي هئي. منهنجي ماءُ مونکي سڙڪ تي ڇڏي، منهنجو رانديڪو کڻي، آسمان ڏانهن اڏامي وئي هئي.“

مون جان محمد کي ڀاڪر ۾ ڀيڪوڙي ڇڏيو.

جان محمد چيو، ”جيئن ۽ توهان جي وچ ۾ پيل رانديڪو سان سڙڪ تان ضرور کڻي ايندس. بدحال عورت ڏانهن

"پون کي ڏاڍي وڻندي آهي." چيم، "مان سائنس محبت ڪندو آهيان."

پوڙهي عجيب جوش وچان پڇيو، "هوءَ به توسان محبت ڪندي آهي؟"

"ها." چيم "هوءَ پنهنجي سڄي پيار سان محبت ڪندي آهي."

پوڙهي پڇيو، "سندس پيار جو به منهن مٿو ماڻهن جهڙو ۽ جسم اوهڙ جهڙو آهي؟"

"ها." ڪيس ٻڌايم، "ممتاز محل جي سڄي ئي پيار جو جسم ۽ ماڻهن جهڙو آهي."

"تعجب آهي!" پوڙهي اڇي ڏاڙهيءَ ۾ آڱريون وجهندي چيو، "ته پوءِ ممتاز محل جو جسم لوهڙيءَ جهڙو ڇو آهي!"

"ڪيامازيءَ کان ٻاهريءَ وچڙ واري لانچ ڪـي جيستائين ايندن جي سمجهه نه پوڙيو هو، تيستائين ممتاز محل جو جسم عام عورتن جهڙو هو." چيم، "ان لانچ ۾ ممتاز محل جو مڙس به موجود هو. مڙس جي مرڻ کان پوءِ ممتاز محل جو جسم لوهڙيءَ جي جسم جهڙو ٿي پيو هو. ان وقت کان هوءَ سرڪاري باغيچي ۾ منهنجي ڀرواري پليان هڪ ٽپوءَ ۾ رهندي آهي. ماڻهو اڻ آنا ڏيئي ڪيس ڏسڻ ويندا آهن. هوءَ ماڻهن کي پنهنجو نالو ممتاز محل ٻڌائيندي آهي. پـر اصل ۾ هن جو نالو مجيدان آهي."

"اڙي ڪجهه ته شرم ڪر، گدڙ." جان محمد چيو، "ٻلڪ ڇا چوندي!"

"سڙڪن تي ٿوليون ۽ جتيون ڇڏي، اڌ ٿيل عمارت ۾ پناهه وٺڻ واري ٻلڪ ڪجهه نه چوندي آهي. هرڪا ڪواس خاموشيءَ، صبر ۽ تعمل سان ٻـڌندي آهي." چيم، "سڙڪ

مان ضرور ڀارت ۾ واپس ايندس!

پروفيسر ايشوري ڄوتواڻي

گهر جي در جي گهنٽي وڳي ته مون در اچي کوليو.
دروازو کلندي ئي منهنجو سؤٽ موهن اندر گهڙيو.
مون عجب وچان ڏانهس نهاريو.
منهنجي اکين ۾ سوال هو: هوءِ ڪٿي؟
۽ منهنجي پڇڻ کان اڳ ئي چيائين:
مان اڄ صبح جو ئي آمريڪا مان ڀارت ۾ پهتو آهيان؛
بمبئيءَ جي هوائي اڏي تان ٽئڪسي ڪري،
سڌو تو وٽ آيو آهيان. هوءَ هيٺ ٽئڪسيءَ
مان لهي رهي آهي. سندس پاڻ ڊاڪٽر ۽
سائنس آهي.
پوءِ مون ڏانهن نهاري گنڀيرتا سان چيائين:
راڌا، تنهنجي ساهيڙي نيلم، سخت بيمار هئي،
جنهن ڪري ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي هئي. مان هيٺ
وڃي، ڊاڪ کي مدد ٿو ڪريان.
ائين چئي هو ڏاڪڙو لڪڙو لهڻ ۾ چڙهي،

الڪا-٧٩/٩٤

اداس آهي."

هو ٻچڙي پاسي مان نڪري ويو. اک ڇنڀ ۾ سڙڪ تان رانديڪو کڻي آيو.

پٽ سان ٽهڪ ڏيندي ويل اوڙهي ٽاڙيون وڄايون. جان محمد رانديڪو عورت کي ڏيندي چيو، "اچي وٺ ٻچڙي پار جو رانديڪو."

عورت پنهنجون اکيون جان محمد جي چهري تي اٽڪائي ڇڏيون. جان محمد هٿ اڳتي ڪري ڪيس رانديڪو ڏيڻ چاهيو. هو اڳتي ڪجهه دير تائين ائين ئي هڪٻئي جي آمهون سامهون بيٺا رهيا.

پوءِ عورت کي چيو، "جان محمد ٻچڙي پار جو رانديڪو کڻي آيو آهي."

عورت آهستي هٿ وڌائي جان محمد جي هٿ مان رانديڪو کڻي ورتو.

تڏهن اڻ ٺهيل عمارت ۾ ٻاهر ويٺل ماڻهو عجب ۾ پئجي ويا. هو ساهه روڪي اتي رهيا. هنن ڏٺو ته عورت جي هنج خالي هئي.

جان محمد تعجب وچان عورت کان پڇيو، "ٻچڙو ٻار ڪيڏانهن ويو؟"

"ڪوئي گهڙي کان اڳ، هو ٻچڙي هنج ۾ هو." عورت چيو، "ڪوئي گهڙي کان پوءِ هو ٻچڙي هنج مان نڪري آسمان ڏانهن اڏامي ويو، ۽ ٻچڙو رانديڪو سڙڪ تي ڇڏي ويو."

جان محمد جي چپن تي غمناڪ مرڪ تري آئي، هو اڻ ٺهيل عمارت مان نڪري، سڙڪ تي وڃي بيٺو!

الڪا-٩٤/٧٨

منهنجين اکين مان ڳوڙها ڳڙڻ لڳا ۽
مان سڏڪا ڀري روئڻ لڳس!
ڌڙڪ ۽ سوچن به پاڻ جهلي نه سگهيا.
اسان ٻيئي گڏجي، ڪيتري دير تائين،
ننڍن ٻارن جيان سڏڪندا-آنسون ڳاڙيندا رهياسين.
اسانکي پرچائڻ ۽ بس ڪرائڻ وارو،
ڇوته ڪير به اتي موجود ڪونه هو!

آخر مون پنهنجي دل کي پاڻ سانت ۾ آندي،
هٿ ۾ جهليل پارسل ۾ پيل، پنهنجي سهيلي نيلم کي،
اکين جي جل جي انجلي ڏئي، سڏڪندي چيو:
تو پنهنجو اهو انجام ته بيشڪ پاڙيو،
ته تون ڀارت ۾ واپس ضرور ايندين؛
پر تون هن روپ ۾ موٽي ايندينءَ، اها ته مون
ڪلپنا به نه ڪئي هئي!
ڪاش! تون منهنجو چيو مڃين ها......

نيلم ۽ مان گڏ پڙهندڙيون هيوسين.
هوءَ ڏاڍي خوش مزاج سڀاءَ جي هئي.
هوءَ زندگيءَ کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي.
هن دنيا ۾، پنهنجي هڪڙي ئي ڀاءُ ڌيرڪ کانسواءِ،
سندس ٻيو ڪو سڳو ناتي ڪونه ٻيو هو.

الڪا-٨١/٩٤

هٿ اُهي ويا.

مون هڪدم رڌڻي ۾ ڪم ڪندڙ مائيءَ کي چيو:
جلدي چانهه تيار ڪر ٻه چانهه ۾ ايلاچي ۽
سونف ضرور وجهج.
مونکي خبر هئي ته نيلم کي ڦوٽي ۽ وڏف واري
چانهه وڻندي آهي. ان بابت هوءَ آمريڪا مان به
پنهنجن خطن ۾ ڪڏهن ڪڏهن لکندي رهندي هئي.

مائيءَ کي رڌڻي ۾ چانهه ٺاهڻ جي اڃا هدايت ڏني ئي،
مان ٻاهر اچي، اڃا گهر جو در کوليو مس،
ته ڊاڪ ۽ موهن اندر گهڙيا.
سندن چهرا نهايت گمڀير هئا.
ڊاڪ کي هٿ ۾، هڪ ريشمي رومال سان ڍڪيل،
وڏو پارسل هو. سندس منهن روئڻهارڪو هو.
هن پارسل مون ڏانهن وڌائيندي چيو:
هيءَ اٿئي تنهنجي سڪيلڌي ساهيڙي نيلم!
نيلم؟! مون انتهائي حيران ٿي، ڏڪندڙ هٿن سان،
ڊاڪ کان اهو پارسل ورتو.
موهن چيو: نيلم جي اها آخرين اِڇا هئي،
ته سندس انتم-سنسڪار هندو نموني ٿئي؛
سندس شلڪ ڀارت جي ڪنهن نديءَ ۾ پرواهه ڪيا وڃن.
ٻڌي، مونکي ٿڌڪو اچي ويو.
نڄاڻان ڪيئن مون پاڻکي پنهنجي اکين کان روڪي ورتو!

الڪا-٩٤/٨٠

ان بعد هوءَ اسپتال سان لڳولڳ نهيل هاسٽل ۾،
ٻين ڊاڪٽرياڻين سان رهڻ لڳي. انهن ڊاڪٽرياڻين ۾،
ماهناز ڊاڪٽرياڻي روٽري ڪلب جي ميمبر ٻڻ هئي؛
هوءَ چڱي هلندي-پهچندي واري هئي.

ماهناز جي گهڻي چاڪ-سڃاڻپ ڪري،
نيلم هڪ سال اندر ئي، روٽري ڪلب پاران،
سٺي نوڪريءَ لئي آمريڪا هلي وئي.
آمريڪا وڃڻ واري ڏينهن هوءَ ڏاڍي خوش هئي.
مون سان جڏهن پنهنجي اها خوشي ونڊيائين،
تڏهن مون کيس کلي چيو: ٻر هيءَ نوڪري ته صرف
پنجن سالن لاءِ آئي؛ پوءِ ته وري هتي ئي موٽي اچڻو پوندءِ!
ان تي کلي چيائين: ها، مان پنهنجي ڀارت ۾ ئي موٽي اچڻ
چاهيان ٿي!

پوءِ هوءَ نيو آرليئنس (New Arliens) جي هڪ
اسپتال ۾ ڊاڪٽرياڻي ٿي ڪم ڪندي رهي.
ڇهن مهينن بعد وري ٻئي وڏي شهر ۾ وئي.
هوءَ جتي به ويندي هئي ته جلدي جلدي،
مونکي خط لکندي رهندي هئي؛ انهن ۾
قدرت جي خوبصورت نظارن، سهڻين جڳهين ۽ وڻندڙ ماڻهن
جا بيان هوندا هئا.
اتي به کيس سڀ ڊاڪٽر ٽوڙي ترسڻ بعد پائينديون هيون.
هوءَ انهن کي طرح طرح جا ڀارتي طعام تيار ڪري،

نيلم نه صرف پڙهڻ ۾ بيحد هوشيار هئي،
پر اسڪول توڙي ڪاليج جي هر مشغوليءَ ۾ اڳ
ماهر هئي. هوءَ ڊراما، ڊبيٽ ۽ پڪنڪ ۾ به
سرگرم بهرو وٺندي هئي. سچ ته هوءَ هر محفل جي
سونهن هوندي هئي!
نيلم نه فقط ڇوڪرين ۾ پياري هئي،
پر ڇوڪرن کي به بيحد وڻندي هئي!
تنهن ڪانسواءِ اسڪول ۾ ماستر-ماسترياڻين ۽ ڪاليج ۾
پروفيسر پڻ کيس گهڻو گهرندا هئا.
نيلم قد-بت جي ٺاهوڪي ۽ شڪل جي به سهڻي هئي.
ساڳئي وقت هوءَ پڙهڻ توڙي ڳائڻ ۾ به،
سڀني کان گوءِ کڻي ويندي هئي.
هوءَ جڏهن شاهه جو ڪلام ڳائيندي هئي:
"پيري پوندي سان، چوندي سان" يا
"رهي وڃ رات پنهور ۾"،
تڏهن سڄو ڪلاس يا هال،
تاڙين جي ٺڪائن سان گونججي اٿندو هو!
يا وري جڏهن هوءَ رونا لئلا وانگر،
"لال مهنجي پت رکجان ۾" ڳائيندي هئي،
تڏهن سڀني ويٺلن کي نچائيندي هئي!

مون بي.ايس.سي. (B.Sc.) پاس ڪري پڙهڻ بعد ڇڏيو هو
پر نيلم ڊاڪٽريءَ (M.B.B.S.) جي ڊگري حاصل ڪئي.
ڊاڪٽري پاس ڪرڻ ڏانپوءِ، نيلم کي جلد ئي،
هڪ وڏي اسپتال ۾ نوڪري ملي وئي.

اُنهن سان هن جي رشتو ڳالهايو ويندو رهيو.
هاڻي جان ڪيس شاديءَ لاءِ آڇ ڪئي آهي.
نيلم جان جو هڪ فوٽو به مونکي ڏياري موڪليو هو.
ان فوٽي ۾ جان هڪ سهڻو شهزادو پئي لڳو!
جان هڪ نالي وارو آرڪيٽيڪٽ هو.
نيلم مونکي پنهنجي شاديءَ تي اچڻ لاءِ نينڊ ڏني هئي.
ليڪن مون ڪيس نه اچي سگهڻ لاءِ، پنهنجي مجبوري
لکي موڪلي هئي.

شاديءَ بعد نيلم ڏاڍي خوش هئي.
هوءَ جان سان گڏ خوب آمريڪا گهمي-ڦري؛ انهي
موج-مزا ڪيا، دل کولي خرچ ڪيائون.

شاديءَ کان هڪ سال بعد، هن مونکي آمريڪا اچي
گهمي-ڦري وڃڻ لاءِ، هوائي جهاز جي ٽڪيٽ به موڪلي.
چئن سالن جي لمبي وڇوڙي ڪري،
مونکي به نيلم جي ڏسڻ تي ڏاڍي دل هئي.
اُنهن وقت هوءَ اولهه ورجينا (West-Virgina) ۾
ڪم ڪندي هئي.
مان اوڏانهن رواني ٿي ويس.
ڇا ته شاندار گهر هو سندس!
گهر نه هو، ڄڻ ڪنهن شهزاديءَ جو محلات هو!

ڪارائيندي هئي.
هن موڪلي ، اهڙا انيڪ فوٽا موڪليا هئا. جن ۾
پارٽي ۾ آمريڪي ڊاڪٽر-ڊاڪٽرياڻيون، گڏ ناچ ڪندا
نظر ايندا هئا.

هڪڙو ته آمريڪا جهڙو آسودو ملڪ،
ٻيو خوب خورش وارا سدا ڪاڏا،
ٽيون شڪ وارو معطل،
انهن سڀني گڏجي ٽولم جي چهري ۾ هيتري گهڻي
رونق آڻي ڇڏي!
سندس اها بدليل حالت، هن جي چٺين سان گڏ موڪليل
فوٽن مان، اڪواي ظاهر هئي.
هڪ سال بعد، هوءَ آمريڪن ٽي.وي (T.V) تي،
پارٽي پروگرامن ۾ پيش ٿيندڙ اسٽن ۾ اچڻ لڳي ۽ اتي رهندڙ
پارٽواسين ۾ ڏاڍي لوڪ پريه ٿي وئي! هوءَ هندي ۽ انگريزي
سنڌيءَ ۾، پنهنجي مٺي سُر سان گيت ۽ ڪلام ڳائيندي هئي.

ٽن سالن بعد سندس اهو خط آيو ته ٽاڙين موڪلن ۾،
هوءَ ۽ سندس ٻي هندستاني ساهيڙي گڏجي،
ڊيڪ (سندس ڀاءُ) ۽ موهن (منهنجو سؤٽ) وٽ،
نيواڪ گهمڻ ويون هيون. اتي هوٽل جي پروگرام ۾،
"Go-Go" ڊانس ٿي. ان ناچ جي دوران ۾،
سندس ملاقات هڪڙي مسٽر جان سان ٿي.
پوءِ سندن (هن ۽ جان) وچ ۾ ملاقاتون وڌنديون ويون،

حقيقت ۾ اُها دل جي تڪليف نه هئي؛ اُداسائي ۽ مايوسيءَ
جي درد جو اثر هو. سندس دل آمريڪي سڀيتا سان نٿي
ٺهڪي سگهي؛ نيلم کي جان جو وهنوار به پسند نه هو ۽
ننڊ به ڪانئس موڪلائي وئي هئي!
گورين جي مدد سان، هوءَ رات جو ٻه-ٽي ڪلاڪ مس
سمهي سگهندي هئي. پوءِ ڀلا هوءَ سارو ڏينهن
ڊاڪٽريءَ جو ڪم ڪيئن ڪري سگهندي؟

اسپتال مان ڪجهه ٺيڪ ٿي، هوءَ جڏهن ٻاهر آئي، ته مونکي
خط لکيائين ته مان ڀانيان ٿي ته آمريڪن ڇوڪري سان
شادي ڪري، مون چوڪ ڪئي آهي؛ ڇو ته مان جان
جا اصول برداشت ڪري نٿي سگهان.
Perhaps I am misfit in American Culture!
نيلم جو اهو خط پڙهي، منهنجي دل ڪاڇي وئي!
ان بعد مون ساڻس فون تي ڳالهايو ته هلي اچ واپس
ڀارت ۾. تون وڃڻ کان اڳ اهڙو انجام به ته ڪري
وئي هئينءَ!
ان کانپوءِ مون ڊاڪ ۾ موهن کي به تارون ڪيون،
ته هو نيلم کي ڀارت وٺي اچي؛ هوءَ هت بلڪل اڪيلي
رهندي؛ ڇو ته پنهنجو ديش نيٺ پنهنجو آهي!
واهو منهنجا جان-سچال؛ ماڻهو سڪ-محبت وارا!

مونکي خبر هئي ته منهنجو سؤٽ موهن نيلما کي ڏاڍو
چاهيندو هو. نيلما جو پيءُ ڊاڪٽر ۽ سندس جگري

الڪا-٨٧/٩٤

جان ڪنهن ڪم سان، ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر ويل هو.
نيلم ٽيچر ۽ آرتوار تي واندي هوندي هئي.
هن مون کي پنهنجي ٻار ڊيوڪ ۽ پنهنجي سوٽ
موهن کي به گهمايو.
اسان چارئي گڏجي ڪئناڊا جي سرحد تي نڪتاسين.
اتي دنيا جا مشهور نائگرا جا آبشار ڏٺاسين.
اتان "Maid of Mist" نالي لانچ ۾ چڙهي،
اسان جڏهن خوب خوشيءَ ۾ ڀريا ٽهڪ ڏيندا پئي موٽياسين،
ته مون ڏٺو نيلم اوچتو بلڪل گمسم ٿي وئي!
تڏهن کانئس پڇيم: آخر ماجرا ڪهڙي آهي؟
مرڪي وراڻيائين: ڪجهه به نه، بس، ويهي ويٺي،
جان جي ياد اچي وئي.
مون پڇيس: هو مهني جا گهڻا ڏينهن ائين ٻاهر رهندو آهي؟
چيائين: هر ٻئي-ٽئين هفتي هو ٻاهر هليو ويندو آهي.
ڪجهه ساعت ڪانپوءِ موکي آهستي چيائين:
هاڻي آمريڪن زندگي موکي وڻي ٿي. بهرحال ٻه سال ٺيڪ هئا
ليڪن هت ٻار ٻار الڳ. الڳ ٿيندڙ پارٽين ۾،
نون نون چوڪرن ۽ چوڪرين سان گڏجي،
نچڻ ۽ راتيون گذارڻ، موکي قطعي پسند نه آهي!
ائين چوندي هوءَ سڏڪي پيئي.
انهن وقت مون بلڪل محسوس ڪيو ته نيلم شاديءَ مان خوش ناهي

ٽي هفتا نيلم سان رهي، مان اسپتال موٽي آيس.
انڪان هفتي کن بعد موکي پنهنجي سوٽ موهن جو فون آيو ۽
نيلم اسپتال داخل آهي، کيس دل جي تڪليف ٿي پئي آهي

الڪا-٨٦/٩٤

آخر سڀني رام کي وٺي ويئي!

ڦڏن پرسواڻي

رام ڀيڻ جي شاديءَ لاءِ ڪيترن ئي ڇوڪرن ڏسي
آيو هو ۽ هر ڪنهن انهن مان ڪا، پسند نه آئي هئي. انهن
"ناپسند" ٿيل ڇوڪرن جي مائٽن جو منهن، رام جي مائٽن
ونان "نڪار" جو جواب ٻڌي، ڏک ۽ شرم وچان، ننڍو ٿي
هٽي ويندو هو. نه صرف ايترو، پر خود اهي "ناپاس ٿيل"
ڇوڪرن پڻ، جيڪي گهڻي اميد سان اچي، ٻـار پسند
ڪرائيندا هئا، سي ڪجهه ڏينهن لاءِ ڀيڻ جي ٻئي-
ساٿ، پاڻ-پڻن، پاڙي وارن ۽ ساهيڙين آڏو اچڻ ۾ به،
ڪافي جهجهڪ محسوس ڪندا هئا. جيڪي وڏا ڪ
ڊپالي هوندا هئا، سي منهن لڪائي، روئندا به
هندا هئا!

... ...

نه فقط مٿيون-مائٽيون ڪرائيندڙ مائٽ ۽ پاڻ به، رام جي
هڙي "سخت چونڊ" لاءِ ناراض هو، پاڻ انهن پاڙن ۾ به
ن ڳالهه تي ڇگو ڇڙيو ٿيندو هو؛ خاص ڪري ناڻو ن،

دوست هوا، هو اڪثر ٻاهر ۾ گڏ گهمندا هئا.
نيلم جي اداسائي ڏسي، موهن کانئس گهڻو ئي ڪريدو ته سندس دل ۾ ڇا آهي؟ پر نيلم پنهنجي اندر جي ٻوسٽ جي ٻاڦ به ٻاهر نه ڪڍي. هوءَ اندر ئي اندر ۾، اڪيلائي ۽ نراسائيءَ جي ٻيڙا ٻوڙيندي رهي!
موهن ته کيس ائين به چيو: نيلم جيڪڏهن توکي جان جون ڳالهيون نٿيون وڻن، ته کيس ڇڏي ڏي. مان توکي هٿ به پنهنجو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان!
موهن جي اها آڇ ٻڌي، نيلما هڪوار پڻ اکڙين سان، ڏانهس نهاريو ۽ پوءِ ٽهڪي ۾ چيائين:
هيترا سال تو ڇو نه موکي پنهنجي اها اڇا ٻڌائي؟
ان بعد هوءَ ڪيتري دير تائين سڏڪندي رهي!

جان جي لاپرواهيءَ ۽ بي وفائيءَ، نيٺ نيلما کي ٻوساٽي ڇڏيو؛ اهڙو جو هوءَ دائما لاءِ سمهي پئي!

●

ااڪا-۸۸/۹۴

”ٻُڍا، ٻُڍا؛ ايشور ايڏو ٻٽ رکي، ٻاڦي نه ٿو......“

ان رات چوڏهوڻ ايئي هلندي رهندي هئي!

...   .

ان ڏينهن رام ۽ سندس سهيليون، سيتا کي ڏسڻ لاءِ آيا هئا. سيتا-ماءُ کي اندر ۾ ڏاڍو ڏکو هو؛ جيتوڻيڪ ٻاهران هوءَ ڇانئيو ڪنهن سان نه ٿي. سندن گهر اندر، گهگ-هوڙ ۾، ايندڙ مهمانن جي سواگت جون ٻوليون ٻڌايون پئي ٿيون.

پر هاءِ! ڇوڪريءَ جي حياتي، ڪانءِ ڳالهه ڪنهن کان ڳجهي ڪين رهي؛ ويندي زال-مڙس جي ڪن جون ڳالهيون به، ٻئين ڪن ٻڌيو وڃن!

هن قصي ۾ به ائين ئي ٿيو. ڇوڪريءَ ۾ ئي رهندڙ روزاني اخبار وانگر خاموش ماڻي، سيتا کي جو ڏاڍا سڏ ڏيئي، سا ڇمونل ٻاڻي نڪتي؛ سهيت ٿي سڀ گهر ڦري، هند هند ڳالهه پکيڙي آئي:

”اڄ هوءَ اچڻ ٿا.“

”ڪير؟“

”سيتا کي ڏسڻ وارا.“

”ماڻي، هوءَ سيتا ته رام کي وڻي هئي؛ هيءَ الائي......“

”ضرور ڇوڪرو ٻاڻو به انڌو هوندو؟“

”ويچاري سيتا جو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو؟ هوءَ ته ايتري اچاري آهي!“

”پيڻ اڄ وري ڇا ٿي؟ جهڙي رات هوندي، ان کي منهن نه ڏيڻو ئي آهي؛ گهٽ ۾ گهٽ ٻيءَ ڇوڪريءَ جي ماڻن لاءِ ته مصيبت نه ٿيندي!“

”ها ادي، اهو به سچ آهي!“

ڇوڪريءَ کي ڪٿا-ڪيرتن يا سٽ-سنگ ٻڌڻ لاءِ، اچو
هڪ هنڌ گڏيون هيون، تن وچ ۾ ان ڳالهه تي ڪجهه ه
رمز ٻچار ٿيندي هئي:

"ڀيڻ، ڪلجڳ آهي ڪلجڳ! نه ته اڳي ڀلا ائين ٿيند
هو ڇا؟"

"اڙي مائي، اوهين رڳو هيئن ٻڌڻ ڪرڻ ٻاهت ٿي چوان؟
اڄ ڪلهه ته ڇوڪرو ڇوڪريءَ سان، الڳ ڪمري ۾ ويهي،
ساڻس خلاصو ڳالهائڻ ۾ ٿو چاهي، اهو ڄاڻڻ لاءِ ته هوءِ اوڙو
ساڻس ٺهي هلندي يا نه!"

"نه رڳو ايترو، ٻيو ڪلاڪ ان لاءِ هو ڇوڪريءَ کي ٻاهر
سان گڏ، ٻاهر گهمڻ هوٽل ۾ به وٺي ٿو وڃي ڳالهه-ٻولهه
ڪرڻ لاءِ!"

"ادي، ڏس ته ڪيڏي بي حيائي! ۽ پوءِ به ڇورا شاديءَ بعد
زال ڇڏيندي ويرم نٿا ڪن......"

"ڇڻ شادي ناهي، گڏي-گڏيءَ جو کيل آهي!"

"هاڻوڪيون شاديون ڏسڻ ته ائين ٿي وڃي رهيون
آهن! پس نئون فيشن لڳي، ساهيڙي ڳجهي ڇوڪري ٻڌڪن
ٻڌي سڙي ۽ ڇورو اوتين وانگر، پڻ ٻڌان ٿيو رهي!"

"ڪيترا ته وري ڏيتي-ليتيءَ تي گهوڙي ڪري، ٻاهون
ڇڏي ٿا ڏين. ڪين ڇوڪري ته حوربري ڪوي، ته ناٿو ٻ
جهڳهو ڪنرجي. ڪي ته هاٿي مور رڳو ڏاجب ۾ پڻ شيءِ سان
گڏ اسڪوٽر ۽ ڪار به ٿا گهرن......!"

"اڙي مائي، ڪهڙي ڇا؟ اڄ ڪلهه ساري ڏور ٻيڻي
وٺي آهي مٽ ڇورن جي همت ۾! هن زماني ۾ ڏيتي-ليتي
اهڙ جهڙ ڏوهه ٿي پيو آهي. سڄي عمر پيو رهي ته ۽
۾ ٻاڻ گذاري!"

ڪي رفتار وارو طوفان جاري هو؛ انهن ٻنهي جي وچ ۾ سيتا
جي دل جي پوئتيءَ ڌماڪن ٻڌي ڪاڌيون؛ ڪڏهن هڪ
طرف، ڪڏهن ٻئي پاسي!

خبر ناهي هوءَ الاجي ڇا پڇندا؟ مون کان جواب ڪيئن
اڪلندو؟ مان ڇا چونديمان؟

ٻڌو ام هوءَ اڄ ئي گهڻيون ڇوڪريون ڏسي آئي آهي؛ پوءِ
مان ڪيس پسند ايندس يا نه؟ مان نه ڪندي مٿي ڪٽي، هن ڏانهن
نهاري به نه سگهندس! ايتري همت ڪٿي آهي مون ۾؟

نڪو مان نه ويندس ايترن ماڻهن جي اڳيان زالون، مرد،
الائي ڪيترا هوندا؟

پلا امان-بابو ڪيئن چوڻي ڏيندا مونکي اٿين؟ هوءَ اجهو
آيا ڪي آيا! هيءَ "پوڪيا" ڏيڻي نٿي پوندي! ساري عمر
اوروئي ماڻهن جي چولي ۾ رهڻو آهي؟ اهي ڪيئن ڏيءُ
ڪي پاڙوت ويهاري رکندا؟ ڇوڪرين نه جاهون ئي ٻاڙون لاءِ
آهن هاءِ! لماڻيون ويچاريون……

… … … …

هوءَ نيٺ پهتا اچي! مهمانن ۽ ميزبانن وچ ۾ خوش-خيرافت
ڪائنوءِ، هيڏانهن-هوڏانهن جون اوبارين-اهوارين ڳالهيون
چالو ٿي ويون.

سيتا-ٻيءَ رکي رکي، ڏاڍي آس ڀري نظر سان، پنهنجي
هٽڻ واري ناٿيءَ، رام کي ٻئي ڏٺو. سندس من رهاڻ ۾ لـــ،
لڳو ئي نٿي. وچ وچ ۾ ٻار ٻار هن جي نظر گهر اندر ٿي وئي.
پنهنجي سيتا جي صورت ياد ڪري، هن انکي من ئي من
۾ رام سان ٻئي ملايو-ڀيٽيو. هڪ گهڙيءَ ڇوڪري وارن وٽان
"نه" ٻڌڻ جي ويچار، کيس اندر ۾ لوڏي ڇڏيو! هوءَ دل
۾ سوچڻ لڳو؛ ڇوڪري جي من ۾ الائي ڇا آهي؟ ڪيترين

"پر هن اهڙي ڇوڪرن ٻارن ڇونڊيل ڇوڪرين مان وري
ٻيو خطرو آهي؛ اهڙيون ڇوڪريون، مڙسن جي سر تي چڙهي،
ساهرن تي راڄ ڪن ٿيون. ڇوڪري ۽ سندس ماءُ وچ ۾ جهيڙا
وڌائي، تين هڪ ٻئي تان جهٽ ڦار ڪري ڇڏن ٿيون!"
"انهن نه ٻار ٻار آهي؛ هو ڦار ڦڙيون ٿي، او ٻڪلي گهر
۾، آرام سان رهڻ چاهين ٿيون. اڄ ڪلهه جي ڇوڪرين کي
نه پڪيون پسون ٿيون وڻن، نه ڌوئاٽيون ۽ نه ٺرانون. گڏيل
ڪٽنب ۾ رهڻ نه ٿين پسند نه ڪونهي ڪا، هو ٿورهيون
اڪيلائپ ۾ خوش آهن!"
"انهن جي ذوق لي نگي، ڇورو نه ڌس نه ساڃهه وڃائي،
ٻيو هي؛ زال کيس اٺ وانگر، نڪ ۾ ننڍاڪڙي وجهي ٻڌي
هلائي!"
سٽي هڪ گهڙي کان پوءِ گهر هلندي، اهڙي وائڙيون
سٽندي، ماءُ جي شڪايتن-دانهن سان دل تي ٻيٽ پري،
مدجهيل ڌاري پهچندي گهر موٽي آئي!
... ...
گهر اندر سيتا کي سندس ڌيءُ پرٽيل پيٽ وانگي
سينگاريو. رکي رکي پاهران ٻاڪس نه اچي، ايئو ٻاڻي، منتظر
نگاهه سان، منهن کان پيرن تائين، سيتا کي ڏسي، هلي ئي
وائي.
سينگار ٿيندي، سيتا وائي ٿي ٻاٽي ٿيندي!
سندس گلابي منهن، الاجي ڇا سوچي، رکي رکي لال ٿي ٿي
ويو؛ ڪن جون پاپڙيون گرم هيس ۽ هٿ-پير نه رکي رکي
ٿي ڏکيس ٻڌائي ته ان هر هر ٻگهڙ ٻئي اکيهائين!
سندس خط هٿ هو ۽ اکيون ڪٽي ڏري ۾ کٽيون هنيائين.
هن جي اندر ۽ ٻاهر جي سانڍ ٻئي ڇوليون ماريون ۽ ٻاهر

اميد ۽ انتظار سان ٻـــرال من کڻي، سيتا ٻيءَ گهر اندر واڙو.

ٻيءَ کي اندر آيو ڏسي، سيتا جي هانءَ ۾ چڙهندڙ-لهندڙ ويڙون، گهڙيءَ لاءِ ماٺيون ٿيون. چند لڪڻ واري گهڙي؛ ۽ پوءِ وري آئي زور سان ساگر ۾ اٿل-اُچل!

سمنڊ ڪناري اٿل ڪنهن معصوم ٻار جي منهن ۽ اکين ۾ جهڙي خوف ۽ خوشيءَ جا گڏيل جذبا اڀرندا آهن، سيتا جي من جي بـــه ٺيڪ اهڙي ئي حالت هئي! سندس دل ٻـــڏندي پئي ويئي سوچ جـــي سيلاب ۾، ان وقت ڪيس پنهنجي سهڻي صورت به ياد نه رهي!

... ...

”اڄ پٽ“ ٻيءَ جـــو پهرو سڏ ٻـــڌي، هوءَ سندس پٺيان پٺيان هوريان هوريـــان هلڻ لڳي. سندس وڏي ڀيڻ ڪيس ٻانهن کان جهلي، ساڻس گڏ هلي رهي هئي. هلندي هلندي، سيتا جـــي پيٽ مـــان ڇڪ سيءَ جون سيرون پئي لنگهيون. ٽنگون ڏڪيس پئي ۽ ساهه به تڪڙو پئي کڄيس. ڪنڌ هيٺ جهڪيل؛ پير پير ۾ پائي، هوءَ ٻيءَ جـــي پويان، ڪٺ-پتليءَ جيان پئي هلي! ان وقت ماڻس جـــي نيڻن ۾ جل پئي چمڪيو: ”ڀڳوان، ٻالڪيءَ جي لاج رکج“ هن ڏاڍي دل ۾ پاڙيو!

... ...

سيتا جڏهن ”پارڪيا“ واري ڪمري ۾ گهڙي، تـــه سڀ اکيون وڃي مٿس پيون!

ٿورڙ بعد، رام جي ٻيءَ مٺي آواز ۾ کانئس پڇيو:

”پٽ، تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

سوري همت ڪٺي ڪري، سيتا جواب لاءِ ڪنڌ مٿي ڪيو!

ٻي ڇوڪريون ڏنيون اٺاڻين ۽ اُنهن مان ڪا به نه وٺي اُس!
ڀلا ڪتابن ۾ ڇپيل ڇوڪريون، جهڙيون-ڄاڻنديون نوجو-
ٻي ملنديون؟ اهي آهن ڪٿي؟ اها ڳالهه ئي نه پسند ڪري
مهل ٻهرين ڏينهن ۾ رکڻ گهرجي نه!"
وري سندس واڳ ۾ پٽو ڪناڏو: "اٿين ٻوڙا آهي نه-
جيڪو ڏاڍي-ايتريءَ جي خاص گهر اڻو ڪري، تنهن سهڻي
ڇوڪري نه گهٽ ۾ گهٽ لهڻي! اڄ ڪلهه ڇوڪرين کي ان
ڳالهه ۾ ٻيهڙي مرضي رکڻ ڏيڻ ۾ نه-ي ٻلائي آهي. نيٺ به
نه ذال سان حياتي ڪين ٿي گذارڻي آهي! هونئن نه نه صرف
شاديءَ وقت، ۽ پوءِ به سڄي عمر پيو اُن ڏيندو رهي، نه به
ڏيءَ جي سگهي رهڻ جو ڀروسو ڪونهي! جيڪڏهن نياڻي
ڏکي نه ماڻهن کي به ڇورا ڏيو، حياتيءَ ڀر جي ڇنڊ. ڪڏهن
به ڪجهه، ته ٿي سگهندو آهي!"
وري ڇنڊاڻ جي وات ڇڏي، سيتا-ٻائيءَ منطق جو ڏڪ
ٻڪڙيو: "منهنجي سيتا شڪل شبيهه ۾ ڪا گهٽ اوروٽي
آهي؟ ڀلا ٻيون ڪهڙيون صورتن-شڪليون ٿينديون آهن؟
منهنجي سيتا کي ضرور وٺڻ کپي!"
سندس اندر ۾ جڏهن اهي آس جا ڏورا پيا، ته هن جي
منهن تي سرهائيءَ جي ريکا نظر آئي ۽ هوءَ اطمينان سان آيل
مهمانن سان ڳالهه-ٻولهه ڪرڻ لڳو!

... ...

جل-پان سان آدر-ستڪار پورو ٿيو. ڏهه-پندرهن منٽ
وري چپ چاڻجي وئي. آئي ويلڻ سڀني جا منهن گمبير
هئا؛ اکين ۾ انتظار ۽ دلين ۾ ڌڪ ڌڪ. مڙئي هڪ ٻئي جا
منهن پيا تڪيا. نيٺ رام جي ٻائيءَ پڇيو: "سائين، هاڻي
ڀلا ڪهڙو ٻڌايو ڇوڪريءَ ڪيئن کي."

اڪا-٩٤/٩٤

... ...

آيل مهمان وڃڻ جي تياري ۾ اٿي پيا هئا. رام جي انهن لئي ڪا خاص خوشي يا ڪو پڇتاءُ جو جذبو ڪونه هو. البت سندس اندر ۾ ”ها ڪار“ ۽ ”نا ڪار“ وچ ۾ جا جدوجهد پئي هلي، انهيءَ هلڪي جهاڪ سندس وڄ وڄ ون ڏيڏڙ مڪ مان اکي لئي!

... ...

سچ ته نيڻن جي واٽ ئي نياري هوندي آهي! سيتا جي ڪٿورن جهڙن نيڻن جي پل پل جي نهار، رام جي اندر من کي لوڏي ڇڏيو هو ۽ سندس خيالن ۾ ولولو مچي ويو هو. اکين ئي اکين ۾، هوءَ ڄڻ کيس چئي رهي هئي: ”مونکي اسويڪار ڪري تون شانتي نه پائيندين...... مونکي ته ته سڃاڻ آهي؟ پيءُ-ماءُ، پاڻ-پيهر، اوڙو-پاڙو، ساهيڙيون، سڀئي اڳيان......“

رام جي من ۾، سندس ”چونڊ“ جو انڪار ۽ ووڪ-ويچار پاڻ ۾ لڙي رهيا هئا! اُن وڙهه ۾، رام جو دماغ اُنهن قوتن اڳيو جهڙن ٻه ڌار واچوڙي ۾ وڪوڙجي، ڪو ماٺو ڦيرانيون کائيندو آهي!

اُن مهل رام جي دل ٿي ته آخرين ”ها“ يا ”نه“ جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ، کيس هڪ ڀيرو وري جهڪر سيتا کي ڏسڻ جو موقعو ملي؛ ڪاڻ کيس ڪجهه پڇڻ جو وارو ملي! ان ڪري انهن جي گهر مان ٻاهر نڪرندي، سندس اکيون ور ور ڪري پٺي اندر جهاڪيو ته، متان ڪٿي، ڪنهن ڪنڊ ۾ اڀي، سيتا کيس اڪيلا سان ڏسندي هجي!

پر رام جي من جي اها مراد پوري نه ٿي؛ سيتا جو کيس ڪٿ ا، نشان نظر نه آيو!

راجا جنڪ جي باغ ۾، رشي وشوامتر جي پوڄا لاءِ گل چونڊيندڙ سري رام تي نظر پوندي، جا حالت جنڪ دلاري سيتا جي ٿي هئي، جنهن جو ورڻن مهاڪوي تلسيداس جي وس کان ٻاهر هو، سا حالت هن سيتا جي به هئي!

هڪ پل لاءِ سيتا جا نيڻ اڀيا ۽ پاڻ گهور سان ڏسندڙ رام جون نگاهون ... ور ور سيتا کي جاچي، ورپ حياءُ وچان هيٺ ٿي ويون!

"سيتا" مس ڪلاس ۾ پهچڻ تائين لڪي سگهيو! ابتڙو ٻڌائي، هن وري پهچڻ ڪيڏي همت ڪري چيو.

"پٽ، ڀائر گهڻا اٿئي؟"

"هڪ."

"۽ ڀيڻ؟"

"نه."

"تون پڙهي ڪيترو آهين؟"

"مئٽرڪ."

"چڱو. بس، پٽ! تون وڃ ڀلي."

رام کي سمجهه ۾ ئي نه آيو ته سوال پڇڻ جو موقعو نه ڏنو ۽ جيئو ٽيڪ هن چاهيو ٿي؛ ۽ سيتا تنهن ۾ ٿي ڳري ڇو ٿي؟

رام جي پتا ونان وچڙ جي آڪيا ملندي ئي، هوءَ اک ڇنڀ ۾ گهر اندر گهري وئي!

... ...

لمبي ۽ اوکي بعد اچڻ جي دپ همت آڻ شاگرد کي، نتيجي ۽ سوکي پچر ملندي، جا خوشي ٿيندي آهي، سا سيتا کي نه ٿي! هوءَ پنا هيڏي-هوڏي نهارڻ جي، امتحان هال مان اٿي آئي ۽ گهر اندر پهچي، ڪنهن اونداهيءَ ڪنڊ ۾ وڃي لڪي، جيئن ڪوئي ڪمس ڏولهي نه سگهي!

الڪا-٦٦/٦٤

ڪونجندا رهيا: ”ماں...... مان...... مونکي......“

ليڪن ان سمي، آخرين ڀيرو ڀونئي نهاريندي، رام سيتا کي دريءَ وٽ ايندي ڏٺو. ڪيس سيتا جي ٻن موڪون اکڻن ۾ جل چمڪندو نظر آيو. ٻن معصوم اکيو ڀسوال اکڙن جي ان نهار، رام جي دل کي لوڏي ڇڏيو!

ان مهل رام من ۾ فيصلو ڪري ورتو: ”هن جو هڪ هڪ لڙڪ بيحد قيمتي آهي ۽ اجايو وهڻ نه گهرجي! انساني جذبن کان مٿي ڀلا ٻيو ڇا آهي سنسار ۾؟“

... ...

ان رات ئي مانڊيون ڪرائيندڙ وچ وارو ماڻهو، سيتا ڀيءُ وٽ نيايو ڪٺي آيو: توهانجي سيتا، رام کي پسند آهي!

موقعي جي نزاڪت، سماجڪ مريادا ۽ سڀاويڪ حجاب

وچان، رام پنهنجي پيءُ سان ئي دل جي اها ڳالهه ڪو

چاهيو. ڇوته، ته پلا ڇا ۽ ڪيئن؟

هونئن ته هُو اڳ ۾ ڪيتريون ئي ڇوڪريون ڏسي چڪ
هو، پر اڄوڪي، ڏسڻ ۽ پسند ڪرڻ جو ڍنگ ڪجهه مشڪل
پسند نه هو. ۽ اهو مشڪل اڻ پورو ۽ غلط هو. هن نالائق ۽
هميشه جيان ڪجهه ڪوڙ، پارٽ ادا ڪرڻ نه، ڏنو ويو هو!
سڌس من ۾ جهنجهلاهٽ پيدا ٿي: "پنهنجن معنن ۾ پلا زندگيءَ
جو هيڏو اهم سوال ڪيئن فيصل ڪري سگهبو؟"

... ...

رام ۽ ساٿس گڏ آيل سڌس ڪٽنبي-عزيز هاڻي سيتا
وارن جي گهر مان نڪري، ٻاهر دڳ تي اچي بيٺا هئا. هنن
ميزبانن کان موڪلائڻ شروع ڪيو.

ليڪن ان مهل سيتا-بائيءَ جو منهن ڪافي ڪنڌير اٽڪي ويو
هو. هن آسانيءَ سان، ڪيئن پيرا رام جي منهن ڏانهن
نهاريو. رام جون نظرون ڀـــ، سڌس اکين سان مليون، وري
جهڪي ٿي ويون!

... ...

"هاڻي هوءَ وڃن ٿا" گهر اندر، دريءَ وٽ بيٺل سيتا جي
وڏيءَ ڀيڻ آهستي چيو. سيتا، جا ان وقت اٿي پرسان ٿي
بيٺي هئي، سا ڀيڻ جو اهو جملو سڻندي ئي، الاجي ڇا
سوچي، اٿي ڪري ٿي ۽ چپ چاپ وڏيءَ ڀيڻ جي پرسان
ٿي گڏ، دريءَ وٽ اچي بيٺي. ان وقت سيتا جي دل جو
اندراج نه ڪري، سڌس اکين ۾ اچي ويٺي هئي!

هردي جي سڀني ڀاڱن ڏڏجي، سڌس انتهه-ڪرڻ
ڪي شبد جوڙيا، جي مندر جي گهنڊن جيان، ڪو پل فضا

...، گهٽتائي نه هئي! چانديءَ کي پنهنجي پتي راهول سان
...جي اهڙي نه آسڪتا هئي جو هوءَ اهڙو اوُرت نه ...ي
...ز اچڻ جي وقت کان گهڻو اڳ اُتي پهچي چڪي هئي!
...ٿي جهاز پهچڻ ۾ اڃا ڪافي وقت پيو هو، تڏهن ڪيس
...پنهنجي هن اڌيرتا تي من ۾ کل پئي آئي!
...اهو وقت ڪاٽڻ لاءِ چاندني، اهڙو اوُرت جي ويٽنگ روم
...جي، هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. اُتي ويٺي ويٺي
...سوچڻ لڳي ته راهول هن کي ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿيندو!
...هن کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. اُن وقت ڪيس سڀ اڳيون
...يون، هڪ هڪ ڪري ياد اچڻ لڳيون.

... ...

...ننڍي هوندي هوءَ پنهنجي غريبيءَ ۾ پلي هئي. هوءَ
...پنهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ سڀني کان وڏي هئي. هن کي ڀـ
...يرون ۽ هڪ ڀاءُ هو.
...جيتوڻيڪ هن جنم ارار هڪ غريب گهر ۾ ورتو هو، پر
...پهن ۽ سونهن ۾ هوءَ ڏاڍي سرس هئي! ڀڳوان هن کي
...هن ۽ سٺا روپ ڏيڻ ۾ بلڪل ڪنجوسائي نه ڪئي هئي؛
...هن ڪٿي چنجي نه، جڻ هن کي فرصت ۾ ويهي ٺاهيو
...! جيڪو به، هن کي هڪ دفعو ڏسندو هو، سو چاهيندو
...ته ڪيس ور ور ڪري ڏسي! انڪري ماڻهن هنجو نالو
...چاندني رکيو هو. هنجي ماڻهن کي پڪ هئي ته جوان ٿيڻ
...، چانديءَ لاءِ ڀلا ڏيتي-ليتي وڻ وارو، ڪو شاهوڪار
...ڪرو تمام آسانيءَ سان ملي ويندو!

... ...

...جڏهن اُن چاندنيءَ جوانيءَ ۾ پير رکيو، ته هنجي لاءِ
...ڪرن جي جهڙي قطار لڳي ويئي؛ ڀر سندس ماڻهن کي

سڀا جي هڪ ميمبر ليکڪا

عيش جو ملهه!

پشپا هيمراجاڻي

هوائي اڏي جي اندر قدم رکندي ئي، چانڊوڪيءَ هڪ عجيب قسم جي خوشي محسوس ڪئي! اڄ کان ڏهه سال اڳ، هن ئي هوائي اڏي تي هوءَ راهول کي ڇڏڻ آئي هئي؛ ليڪن ان وقت جي چانڊوڪي ۽ اڄ جي چانڊوڪيءَ ۾ زمين-آسمان جو فرق اچي چڪو هو! اڄ هن وٽ سڀ ڪجهه هو، جيڪو هن چاهيو ٿي- هڪ شاندار بنگلو، موٽر ۽ ڌن دولت- اهي سڀ هن ڏهن سالن ۾ حاصل ڪيا هئا. اگر وٽس ڪنهن شيءِ جي ڪمي هئي، ته صرف راهول جي ساٿ هئڻ جي؛ جو هنن ڏهن سالن ۾ هڪ دفعو به ڀارت ۾ نه آيو هو.

... ...

اڄ راهول ڏهن سالن کانپوءِ، واپس ڀارت اچي رهيو هو، انڪري هوءَ ڏاڍي خوش هئي ۽ من ئي من ۾ هن اهو به فيصلو ڪري ڇڏيو هو، ته هاڻي هوءَ راهول کي واپس آمريڪا وڃڻ نه ڏيندي، ڇو ته هاڻي وٽس ڪنهن شيءِ

ڪيترائي ماڻهو، پنهنجن پنهنجن گهرن مان نڪري آيا ۽ اُن ڪار کي ڏسڻ لڳا. اُن وقت اتفاق سان چانديءَ جو ننڍو ڀاءُ، پنهنجي گهر جي ٻاهران بيٺو هو. ڪار مان لٿل اُن بزرگ، چانديءَ جي ڀاءُ کان ئي هن جي گهر جو پتو پڇيو. اهو ڇوڪرو کين پنهنجي گهر وٺي آيو. چانديءَ جو پيءُ، جو اُن مهل گهر اندر ويٺو هو، سو خاص مهمانن کي در تي آيل ڏسي، هڪدم ٻاهر نڪري آيو ۽ انهن ٻنهي کي پاڻ سان گڏ گهر اندر وٺي آيو. سندس ڌيئرن جلدي جلدي، انهن جي پلنگ تي وڇڻ لاءِ، اُن تان ميري جهوني چادر لاهي، اُن مٿان نئين چادر وڇائي. پاڻ ۾ حال احوال ٿيڻ بعد، اُن بزرگ شخص چانديءَ جي پيءُ کي چيو، ”هي منهنجو ڀائٽيو آهي. نئون زمانو آهي، پر نه. سمجهو، هن جڏهن کان توهانجي ڌيءَ چانديءَ کي ڏٺو آهي، تڏهن کان هن من ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته شادي ڪندس ته، صرف اُن سان ئي! هاڻي توهان ٻڌايو ته اُن رشتي بابت توهانجو ڪهڙو ويچار آهي؟

”راهول منهنجو سڳو ڀائٽيو آهي، هن جا ماتا-پتا، سندس ننڍي هوندي ئي، هن دنيا مان چلاڻو ڪري ويا هئا. انهن کانپوءِ مون کيس پنهنجي پٽ وانگر پاليو آهي. هيٺر هيءُ هڪ مل ۾، سٺي عهدي تي آهي. جيڪڏهن اوهانجي مرضي هجي ته مان پنهنجي گهر واريءَ کي توهان وٽ موڪليان، جيئن زالون ان بابت پاڻ وڌيڪ ڳالهه-ٻولهه ڪن.“

اُن بزرگ جي اها ڳالهه ٻڌي، چانديءَ جي پتا کيس وراڻيو، ”اسان صلاح ڪري توهانکي جلد ئي ٻڌائينداسين.“ چانديءَ جي ماءُ جڏهن اهو ٻڌو ته هوءَ هڪدم اندر لنگهي آئي ۽ چوڻ لڳي: ”ٺيڪ آهي، توهان ڀلي ڇوڪري جي

ڪواءِ رشتو ٿيڻ ۾ ٿيو اچي.

سندن ٻاسي ۾ رهندڙ ڪشن ماءُ جو پٽ ڪشن، جيڪو اڃان نوڪريءَ تي لڳو، نه هوءِ چانديءَ جي ماءُ وٽ، پنهنجي پٽ جو رشتو، چانديءَ لاءِ کڻي آئي. انهن چانديءَ جي ماءُ هن ڏانهن سرسري وچان نهاريو. ڪشن ماءُ هن جي نهار جو مطلب سمجهي ويئي ۽ چيائين: "مائي، منهنجو پٽ سٺو آفيسر جي نوڪريءَ تي لڳو آهي. اڳتي نه واڌاري جو سٺو وجهه، آئس باقي نه مون کي ڪا به اهڙي سوچي چنتا هو، ته جيڪڏهن تون ڪشن لاءِ اڳيندو، ته مان هن لاءِ ٻوڪان چانديءَ جي پالهن گهرنديس."

پر هيڪڙي نه پنهنجي چانديءَ لاءِ ڪو ڪار ۽ ٻنگلي وارو، ساهوڪار ڇوڪرو گهرندو هو، جيڪو خوشيءَ سان چانديءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. پر پاڙيسرين طرح هن ڪشن ماءُ کي ناڪار نه ڪيو: "ٺيڪ آهي، مان راضي جو چانديءَ جي پيءُ سان اها ڳالهه ڪنديس ۽ سندس مرضي پڇنديس."

ڪشن ماءُ جي وڃڻ کانپوءِ چانديءَ جي ماءُ ٻڙ ٻڙ ڪري دل ۾ چوڻ لڳي: "هلي آهي پنهنجي ڪاري ڪلوٽي ڪشن جو رشتو ڪرڻ چانديءَ سان! ڪٿي چاندي ۽ ڪٿي ڪشن؟ ٻنهي ۾ زمين-آسمان جو فرق آهي!"

...

...

...

ان کان ڪجهه ڏينهن پوءِ، هڪڙي ڏهاڙي هڪ ڪار، چاندي وارن جي گهر ٻاهران اچي بيٺي. ان مان هڪ وڏي عمر وارو بزرگ ۽ هڪ جوان ڇوڪرو لٿو. اهو ڇوڪرو ڏسڻ ۾ ڪافي سهڻو ۽ ساهوڪار هو. چانديءَ وارن جي در وٽ هڪ شاهي ڪار ڪسي بيهندو ڏسي، سندن ڇا حال ۾ رهندڙ

الڪا-۱۰۲/۹۴

سانهي ٻڌائي لاءِ آڇيو. اسان اسانجو ڊرائيور توهان کي
راهول جي نئين گهر وٺي ويندو."

اها ڳالهه ٻڌي چانديءَ جي ماءُ وڏيڪ خوش ٿي؛ دل ۾
سوچيائين: اهو ڇوڪري ڇڱو آهي! هاڻي سندس ڌيءَ
ماڻهن جي ڪٿ-پت کان ڇٽل رهندي؛ پنهنجي نوڪري
گهر ۾ نيٺ اي راڄائي آهي!

... ...

ان رات چانديءَ کي ڪار مان لاهي، راهول جي سؤٽن
ڏهن کين سندس نئين گهر جي اندر پهچايو، ٻڌهن چانديءَ
ي ڏٺون، ڪمري اندر ته ڪٿهن غاليچي جو ڇهاءُ محسوس
ٿيو ۽ نه وري ڪٿهن خاص فرنيچر جو ڦهلاو ڏٺو. ساڻن ڪار
ڳڏ آيل چاچي ۽ سؤٽيون جيڪي ئي ڪيس ڳان جي جهالرن
ان سينگاريل پلنگ تي ويهاري، ٻاهر هلي ويئون، تـه
انديءَ پنهنجي مٿي تي رکيل ساڙهيءَ جو پلؤ هٽائي، ان
ڪمري جو جائزو ورتو. هن ڏٺو ته اهو هڪ ننڍو ڪمرو هو.
جنهن ۾ صرف هڪ ڪٽ، هڪ ميز ۽ هڪ ڪرسي پيئي
هئي. ٻڌهن کن پلن لاءِ هوءَ ڄڻ من ۾ سراپجي وئي!

... ...

رات جو جڏهن راهول جا سڀ مت مائٽ روانا ٿي ويا،
راهول چانديءَ کي پنهنجي باري ۾ ساري حقيقت ٻڌائڻ
هي. ان وقت چانديءَ جي اکين مان خوب آنسون پيئي
ها ته وواهت-جيون جي عيش لاءِ هن ڪهڙا نه سندر ۽
سپنا ڏٺا هئا، پر انهن جي بدلي، هوءَ ڪٿي اچي
ي هئي! راهول چانديءَ جو دک جاڻو ٿي؛ ٺهنڪري
وشيه کي بدلائڻ لاءِ، هن چانديءَ جي امت سونهن جي
راه ڪرڻ شروع ڪئي؛ چانديءَ سڀ ڪجهه ٻڌندي رهي،

چاچيءَ کي اسان وٽ موڪلجو!"

... ...

ان ڏينهن کانپوءِ، هو جڏهن آيو ۽ چانديءَ کي ڏسي، رهندو هڪ ڪري ڏيون. ويندي وقت راهول جي چاچيءَ چيو، "توهان ڏيتي-ليتيءَ جو بلڪل خيال نه ڪجو. سڀ خرچ اسان پاڻ ئي ڪنداسين. ڇوڪريءَ کي سڀ سون به اسان پائينداسين." اهو ٻڌي چانديءَ جي ماءُ بلڪل ئي ڳڳ، ٿي ويئي!

... ...

ان بعد هڪڙي ڏينهن چانديءَ جا ماءُ-پيءُ راهول جي گهران به ٿي آيا. اهو هڪ عاليشان بنگلو هو. هر ڪمرو خوب سينگاريل هو؛ انهن ۾ قيمتي، سهڻا غاليچا وڇايل هئا ۽ فرنيچر جا سڀ اسباب به موجود هئا. اهو بنگلو ڏسي، چانديءَ جي ماءُ جون عجب ۽ خوشيءَ وچان اکيون ئي ڦاٽي ويون!

... ...

آخر راهول ۽ چانديءَ جي شادي ٿي ويئي. ليڪن شادي ٿي وڃڻ بعد، جڏهن ڌيءَ کي وداع ڪري، چانديءَ جا ماءُ-پيءُ، کيس راهول سان گڏ ڪار ۾ ويهاري رهيا، تڏهن راهول جي چاچي چيو، "اسان راهول کي گهڻو ئي چيو ته هو اسان سان ئي گڏ هلي، بنگلي ۾ رهي؛ پر اڄڪلهه جي نوجوانن جا خيال نرالا ٿيندا آهن. هو چاهين ٿا ته ڪنوار وٺي، الڳ ٿي پنهنجي نئين گهر ۾ رهن. ان چاهنا سبب، راهول پنهنجو ڌار بندوبست ڪيو آهي. هاڻي هو چانديءَ کي پنهنجي نئين گهر وٺي ويندو. انڪري توهان جڏهن صبح جو چانديءَ کي ستاوڙي لاءِ وٺڻ اچو، ته پهريان

دوکو ٿيو آهي. اسانجي قول جهڙي پٽ کي بگاڙي ٻڌران، هڪ اهڙي نينگري، ۽ ساڍي ڏهن ۾ وساٻو ويو آهي، جنهن بابت اسان ڪڏهن سوچيو به نه هو!

راهول سالين جو اهو طعنو ٻڌي، ڄڻ آسمان مان زمين تي اچي ڪريو. ان وقت سالين کي وڌيڪ ڪجهه نه چئي، هن دل ۾ پڪو پهه ڪيو ته مان ڪنهن به طرح هن نينگري گهر کي شاهي مڪان ۾ تبديل ڪندس.

... ...

ان طرح چانديءَ جي زندگيءَ جي گاڏي، اُس لائين تي، ٻڌا مزي ڪٽجڻ لڳي. پر اوچتو سندس جيون ۾ وري هڪ اهڙي عجيب ڳالهه ٿي گذري.

سندن ٻنگلي جي سامهون، هڪ وچولي عمر جي مائي، ٿوري وقت لاءِ اچي رهي. حقيقت ۾ هوءَ ڪي سال اڳ ڀارت ڇڏي، آمريڪا ۾ وڃي رهي هئي.

چانديءَ ۽ ان عورت جي وچ ۾، پهريان ٿوري اچ-وڃ ۽ ڳالهه-ٻولهه شروع ٿي؛ پوءِ ڌيري سندن ناتو گهري ساهيڙپ ۾ بدلجي ويو.

هڪ ڏينهن چانديءَ جي ان نئين ساهيڙيءَ، چانديءَ جي دل جو مطلب لهڻ لاءِ کيس چيو: ”تو جهڙي شهزادي ته حقيقت ۾ هيڏي ننڍي ۽ سادي جاءِ ۾ رهڻ لائق نه آهي؛ توکي ته ڪنهن محلات ۾ ئي رهڻ گهرجي.“ پنهنجي ساهيڙيءَ جا اهي اکر ٻڌي، چانديءَ روئڻ لڳي ۽ هن کيس پنهنجي بدقسمتيءَ جو سارو ذڪر ٻڌايو. چانديءَ جي سموري ڳالهه ٻڌي، سندس ان ساهيڙيءَ ساڻس همدردي ڏيکاري ۽ کيس مدد ڪرڻ لاءِ آڇ ڪئي: ”تون پنهنجي گهوٽ کي، ڪنهن نه نموني مڃائي، ڀارت کان ٻاهر يعني آمريڪا وغيره موڪل،

۽ ڪپڙائين ڪڍيا، نه ٽئي؛ هوءَ چپ ويٺي رهي.

جڏهن راهول هن کي ڪجهه ڳالهائڻ لاءِ زور ڀريو، تڏهن چاندنيءَ کانئس ٻيو سوال اهو پڇيو: ”سچ سچ ٻڌاءِ، ته هي گهر ڪنهنجو آهي؟“

”اسانجو آهي“ راهول مشڪي کيس جواب ڏنو. ”مان جڏهن ننڍو هوس، تڏهن ئي منهنجا ماءُ-پيءُ مونکي اڪيلو ڇڏي ڀڳوان وٽ وڃي پهتا هئا. مونکي چاچي-چاچيءَ پالي وڏو ڪيو، پر جيئن ته مان ڏاڍو خوددار سڀاءَ جو ماڻهو آهيان، انهڪري ننڍي هوندي کان ئي، پاڻ کي ٽيوشن ڏيئي، پنهنجي پڙهائيءَ جا پئسا ڪمائيندو هوس. پڙهائي پوري ڪري، جيئن ئي مان نوڪريءَ کي لڳس، ته هيءَ فليٽ ٺهرائي ورتم، ته جيئن شادي ڪري، مان پنهنجو الڳ گهر وسائيان.“ اها ڳالهه ٻڌي موٽ ۾ چاندنيءَ صرف ”هون“ ڪئي ۽ ورتائيڪ ڪجهه به نه ڪڇيائين؛ پر اندر ئي اندر ۾، هوءَ پنهنجي قسمت تي روئي ضرور رهي هئي ۽ اها ساري رات هوءَ روئندي، سڏڪندي رهي!

... ...

ٻئي ڏينهن چاندنيءَ جون ٻه ننڍيون ڀيڻرون، پنهنجي-ڀيڻويءَ کي ڏسڻ لاءِ، سڌيون ئي گهر پهچي ويون ۽ اتان جو حال ڏسي، هو بلڪل وائڙيون ٿي ويون! چاندنيءَ ڀيڻون کي ڀاڪر پائي، ايترو روئي، جيترو هوءَ ڪاٺين وداعيءَ وقت به نه روئي هئي. هن پنهنجي ڀيڻوئي راهول کي به ان بابت ورجايو. تڏهن راهول کين چيو: ”مون ته شروع ۾ ئي چاندنيءَ کي پنهنجو سڄو حال ٻڌائڻ ٿي چاهيو، جيئن پوءِ کيس پوري صدمو نه پهچي.“

تڏهن پنهنجي ساڻين کيس چيو: ”هي ته اسان سان سراسر

ڪريو. تنهن مان پنهنجي ماءُ وٽ وڃي رهندس. توهان
الي ڪمائي، جيڪو مونکي پٺاڻي موڪليندا، ان مان اسين
ٿورڙن هڪ شاهي مڪان وٺنداسين، ٻيو ڍيري ڍيري گهر
ي سينگار جو سامان آڻينداسين؛ آخر ۾ هڪ ڪار به خريد
ڪنداسين، جنهن ۾ دل کولي گهمنداسين-ڦرنداسين ۽ عيش
ڪنداسين!"

راهول کيس ٻڌا ڪنهن اتساهه جي چيو: "هاڻي ٻـ مان
فيس ۾، وڏڪ ڪمائڻ لاءِ اوور ٽائيم ڪندو آهيان. تنهن
انسواءِ مونکي جلد ئي هڪ پروموشن ٻـ ملڻ وارو آهي. ان
ڪري مان همت رهي ٻ، اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهان ٿو.
ن لاءِ گهر ۽ ديش ڇڏي، پرديس ۾ پئسڪڻ جي ڪا ضرورت
ڪانهي؛ تون رڳو ٿورو وقت ڌيرج ڪر؛ سڀ ڪجهه ٿـي
يندو."

پر چانڊني پنهنجي ضد تي قائم رهي؛ هن ورت ۾ راهول
ي چيو: "هتي پگهار وڏي ٻـ گهٽي وڏني؟ ان واڌ مان
ڪجهه ٻطو ناهي!"

چانڊنيءَ جو پڪو ضد ڏسي، راهول کيس آخر اڃا نئين ئي
چيو: "ٺيڪ آهـي؛ جنهن ۾ تـون خـوش رهين، آءٌ اهين
ڪندس. سڀاڻي کان ئي مان آمريڪا وڃڻ جـي ڪوشش ۾
لڳي ويندس."

راهول جي اها ورندي ٻڌي، چانڊنـي اڃين خوش ٿي،
جيڻن ڪو ٻـار، پنهنجي من-پسند رانديڪي ملڻ تـي ٽڙي
وندو آهي!

... ...

ٻئي ڏينهن راهول جـي آفيس وڃڻ کـانپوءِ، چانڊني
ڪدم پنهنجي ان نئين ساهيڙيءَ وٽ پهچي، کيس اها خوش

نه هڪ سال جي اندر ئي انهيءَ، قتل ٿيڻ، وري آباد ٿي
پوندو. ان ڪانپوءِ تون ڏاڍي عيش سان زندگي گذاري
سگهندين ۽ تنهنجا آلل سڀ سدا ساڪار ٿيندا!"

چانڊيءَ پنهنجي ساهيڙيءَ جي ان رٿ تي هڪدم هرڪجي
وئي. هن ان مهل ئي اندر ۾ فيصلو ڪيو ته اڄ رات راهول
جي گهر اچڻ سان، هوءَ ڪنهن نه نموني کيس آمريڪا وڃڻ
لاءِ تيار ڪندي.

... ...

ان ڏينهن شام جو راهول هميشه جيان آيو، جيئن گهر
جي در گهنٽي وڄائي، ته چانڊيءَ هڪدم ڊوڙي اچي در
کوليو ۽ مرڪندڙ منهن سان راهول کي ڀاڪر پاتائين! چانڊيءَ
جو اهو بدليل رخ ڏسي، راهول هڪدم ٺري پيو؛ ڇو جو
راهول شاديءَ ڪانپوءِ پهريون ئي دفعو چانڊيءَ کي ائين
خوش ڏٺو، ڪالهه تائين هوءَ هونئن نه ته هوءَ سدائين، ڪمري
جي ڪنڊ ۾ گم سم ويٺي هوندي هئي ۽ راهول سان سندس
مشڪل سان ڪا دل جي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي.

... ...

رات جي ماني کائي، جڏهن ٻئي بستري تي ليٽيا، ته
چانڊيءَ راهول سان پنهنجي ساهيڙيءَ واري ڳالهه ڇوري ۽
پوءِ کيس سمجهائڻ لڳي: "توهان آمريڪا وغيره وڃڻ
جي ڪوشش ڇو نه ٿا ڪريو؟ گهڻائي ماڻهو اتان ڪيترو ئي
ڌن ڪمائي ٿا اچن ۽ پوءِ عيش سان جياپو ٿا گذارين."

چانڊيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي، راهول وائڙن وانگر ٽڪ ٽڪ
چانڊيءَ جي اکين ۾ نهارڻ لڳو ۽ کن ترسي کيس چيائين:
"پر مان توکي هت اڪيلو ڪيئن ڇڏي وڃان؟"

چانڊيءَ جهٽ وراڻيو: "توهان منهنجي ٻلڪل ڳڻتي نه

جي گهر وٺي ويٺي. ان ڏينهن هوءَ ڏاڍو خوش نظر پئي آئي! سندس ساهيڙيءَ ڪجهه فارم ڀري، راهول کان انهن تي صحيحون ورتيون. صحيحون ڪندي راهول، ڏاڍو اداس لڳي پيو! کيس اندر ۾ ايترو ڏک ٿي رهيو هو ۽ ساڳئي وقت کيس ڏوکي ٿيڻ جو هڪ قسم جو ڊپ به ويڙهي ويو!

... ...

آخر ٽن مهينن کانپوءِ، اهو ڏينهن به آيو، جڏهن راهول کي آمريڪا لاءِ اُسهڻو هو. چانديءَ کان جدا ٿيڻ وقت، راهول جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ۽ چانديءَ کيس همت ڏياري، مرڪي وداع ڪيو!

... ...

آمريڪا مان، هڪ مهيني کانپوءِ راهول، چانديءَ کي خط لکيو.

هيڏانهن وري چانديءَ هن کي ڏهن وچ ۾ ٽي خط لکيا. هوءَ هر خط ۾ راهول کي بار بار وڌيڪ ۽ وڌيڪ پئسن موڪلڻ لاءِ لکندي رهندي هئي.

... ...

ٽن مهينن کانپوءِ راهول چيڪ رستي، چانديءَ کي هڪ وڏي رقم ڏياري موڪلي، جنهن هوءَ ان مان هڪ وڏو گهر خريد ڪري سگهي. ان ڏينهن چانديءَ جا پير ئي ڄڻ زمين تي نٿي ٽڪيا!

ٻن مهينن کانپوءِ راهول وري به چيڪ رستي چانديءَ کي جهجهو پئسو موڪليو، جنهن مان هن پنهنجي نئين گهر کي هر قسم جي عيش جي سامان سان سجايو.

اهڙيءَ طرح اهو سلسلو هلندو رهيو. هاڻي چانديءَ وٽ شاهي گهر، عيش-عشرت جو هر ڪو سامان ۽ هڪ سٺي ڪار

خبر پئي. انهن ان ساهيڙيءَ کيس ٻڌايو ته، آمريڪا ۾ گهڻو وقت رهڻ لاءِ، راهول کي پهريان اتان جي ناگرتا وٺڻي پوندي. ليڪن تون ان جي ڪا چنتا نه ڪر. ان جو بندوبست مان پاڻهي ڪري وٺندس، ڇو جو منهنجا ٻه ٻار- ڌيءُ ۽ پٽ- اڳئي اتان جا ناگرڪ آهن؛ انهيڪري راهول لاءِ ڪوبه ڪارڊ جو بندوبست مان انهن معرفت ڪندس. پر آمريڪا جي قانون انوسار راهول کي عارضي طور، منهنجي ڌيءُ سان شادي ڪرڻي پوندي. پوءِ هوءَ اتي جيترو وقت چاهي، رهي سگهي ٿو.“

ساهيڙيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي چانديءَ عجب وچان پڇيو: ”پر راهول ته اڳئي شادي شده آهي؟“

انهن ان ساهيڙيءَ چيو: ”اهي سڀ رڳو فارم ۾ لکڻ جون ڳالهيون آهن؛ مان راهول جي شادي ڪو سچ پچ ٿي منهنجي ڌيءُ سان ٿورو ئي ڪرائيندس. ان ڳالهه جي تون دلجاءِ ڪر!“

... ...

ان ڏينهن شام جو راهول جيئن گهر آيو، ته چانديءَ پنهنجي ساهيڙيءَ واري پوري ڳالهه کيس چئي ٻڌائي. راهول سندس اها ڳالهه ٻڌي، ڪجهه وقت لاءِ چپ-چاپ چانديءَ جي منهن ڏانهن گهوري ڏسندو رهيو؛ هوءَ سوچي رهيو هو ته، ڪيئن هڪ پتني، پئسن ۽ عيش-عشرت جي لالچ ۾ اچي، پنهنجي ڏهوت کي ٻيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائڻ لاءِ به تيار ٿي وئي آهي ۽ اهڙي ڀيانڪ ڳالهه ڪرڻ ۾ هچڪچائي نٿي!“

... ...

ٻئي ڏينهن چانديءَ راهول کي، پنهنجي ان ساهيڙيءَ

... ...

هيٺ لهي، ٿورو پنڌ ڪري، جڏهن ته راهول چانديءَ
ب پاسان هلندو، ته چانديءَ جي دل چاهيو ته هوءَ هڪدم
هول سان ڪلي ملي گڏجي؛ پوءِ ننڍي عرصي جي وڇوڙي
ب، سڀئي سڪ ڪٿي ٿي ڪئي رکي، آسون ڳاڙي، پنهنجي
ڊ جو ٻار هلڪو ڪري. پر راهول جا ٻنهي هٿ ٻن ٻارن
ان پڪڙيل ڏسي، هوءَ هٻڪي، بيٺي رهي. اتي راهول
انديءَ کي ڪيڪاريو ۽ چيو: "هيلو چانديءَ! ڪيئن
هين؟"

ان بعد هن انهن ٻنهي ٻارن ڏانهن اشارو ڪري، چانديءَ
ب ٻڌايو: "هي ٻئي منهنجا ٻه ٻار آهن، جيڪي منهنجي
هوڙيءَ جي ڌيءَ سان ڪيل عارضي شاديءَ مان ٿيا آهن.
سان عارضي شاديءَ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي!"
ڏهن انهن ٻنهي ٻارن ۾ واري واري سان ڪلندي-ڪلندي
انديءَ کي چيو: "آنٽي، منهنجو نالو راڪيش آهي."
ڪريءَ چيو: "مان ممتا آهيان، اسان ٻئي ٻاڀهنيءَ جا
سارا ٻار آهيون!"

... ...

ٻارن جي ڳالهه ٻڌي، چانديءَ اکيون ڦاڙي ٻنهي ڏانهن
ڙهندي رهي. هن جي منهن جا رنگ اڏامي ويا. ڏٺو راهول
هان هيا! پر هن اچانڪ زور سان چلائي چيو: "راهول،
مون سان دوکو ڪيو آهي. تو ته صرف آمريڪا ۾ رهڻ
لطي، گرين ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ عارضي شادي ڪئي
ي. منهنجي شادي ته هٿ اڳيئي مون سان ٺهيل هئي!
ه......"
ڏهن راهول ٿورو پريو ڪلي ڪيس ورائيو: "هاڻي انهن

۽ ھئي. بس، ھاڻي ڪيس ڪمي ھئي صرف ھڪ ڳالھہ جي- راھول ساڻس گڏ نہ ھو؛ ھن کي راھول جي ياد ستائڻ لڳي؛ ھوءَ راھول سان ملڻ لاءِ تڙپڻ لڳي! ان بنا ڪيس زندگيءَ جي سڀئي سک مان، ڪنھن ۾ بہ مزو نٿي آيو!

... ...

سو نيٺ اڄ ڏھن سالن بعد سندس پيارو پتي راھول آمريڪا مان ڀارت اچي رھيو ھو! راھول کي ڏسڻ، ان سان گلي لڳي ملڻ لاءِ، ھوءَ بي چئن اٿجي، ھوائي جھاز جي اچڻ واري وقت کان ڪافي اڳ، ھوائي اڏي تي پھچي وئي ھئي!

ايتري ۾ جھاز جي اڏي تي پھچڻ جي پڌرائي ڪئي وئي. چانڊني آرام-گاھ ۾ ويٺل پنھنجي ڪرسيءَ تان اٿي ڏاڍي آلي ڪڙي تي ۽ پنھنجن عزيزن کي وٺڻ لاءِ آيل، ٻين ماڻھن سان گڏ اچي بيٺي.

ھوائي جھاز جي لھندي، ڪجھ مسافرن جي پٺيان پٺيان راھول بہ ڏاڪڻ تان ھيٺ لھڻ لڳو. چانڊنيءَ جي جڏھن راھول جي ڪشش ڀري، عمدي شخصيت واري پنھنجي پتيءَ تي نظر پئي، تہ سندس خوشيءَ جو ڪو پار ئي نہ ھو!

ھوڏانھن راھول بہ ھوائي جھاز جي ڏاڪڻ تان لھندي، پريان بيٺل چانڊنيءَ کي جھٽ سڃاڻي ورتو ۽ ڏانھس نھاري مرڪيائين. ليڪن راھول جي بلڪل اڳيان ھڪ ننڍو اٺن سالن جو ڇوڪرو ۽ ھڪ ننڍي ڇھن سالن جي ننڍڙي ڇوڪري بہ ھيٺ لھي رھيا ھئا. انھن جو ھڪ ھڪ ھٿ راھول جي ساڄي ۽ کاٻي ھٿ ۾ ھو. انھن کي ڏسي چانڊنيءَ کي ڪجھ، لوس لڳو تہ اھي بہ ننڍا ٻار ڪير ھئا، جيڪي راھول سان گڏوگڏ ھيٺ لھي رھيا ھئا؟

مان اداس ڇو آهيان؟

لڇمڻ ڀمڀاڻي

”بابا، توهان پڇو ٿا ته مان اداس ڇو آهيان؟ ڪمال آهي بابا، هيترن سالن کان پوءِ مس مس اڄ توهان کي منهنجي ياد آئي آهي ۽ توهان مونکان پڇيو آهي ته، مان اداس ڇو آهيان؟

بابا، مان ته گذريل چوڏهن سالن کان اداس آهيان. توهان کي ياد هوندو ته، توهان هڪ ڀيري کلندي کلندي مونکي ٻڌايو هئو ته مونکي ننڍپڻ ۾ جڏهن سائيءَ جي بيماري ٿي هئي، تڏهن توهان مونکي پنهنجي ڪلهي تي چاڙهي، روز پنڌ ئي پنڌ، حڪيم ڪالي خان وٽ ”سائي“ ڀڄائڻ لاءِ ويندا هئا ۽ توهان مونکي اهو به ٻڌايو هئو ته ”سائي“ پڙهندي پڙهندي، ان حڪيم مونکان منهنجي کل کسي ورتي هئي! تڏهن کان ئي مان ٻين ننڍين ٻارن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ کلندو هوس ۽ مونکان ٽهڪ ڏيڻ ته ڄڻ وسري ئي ويا هئا!

بابا، توهان ڀلي اهو چوندا هئو ته، اها ڪارستاني ڪالي خان حڪيم جي هئي، پر سچ پڇو ته منهنجي کل ته توهان

سڀني پراڻين ڳالهين کي ڇڏ. موکي ٻڌاءِ ته، تون هاڻ بلڪل سکي آهين نه؟ تنهنجو بنگلو ۽ ڪار ڪٿي آهن؟"

تيسين چانڊني پاڻ تي قابو پائي چڪي هئي. هن ٺهر سان جواب ڏنو: "ها، مان بلڪل مزي ۾ آهيان. باقي بنگلو ۽ ڪار، سو تون پاڻ هلي ڏس!"

تڏهن راهول کلندي چيس: "هاڻي ته اڄ جي مسافري طئي ڪرڻ بعد، اسان سڀ ڏاڍو ٿڪل آهيون؛ باقي سڀاڻي اسان تنهنجو بنگلو ڏسڻ ضرور ايندا سين!" ائين چئي، هو سڀ اٿي ٻاهر هليا ويا!

ان وقت چانڊنيءَ ائين محسوس ڪيو ته هوءَ آسمان مان هيٺ، زمين تي اچي ڦهڪو ڪري آهي ۽ سندس صرف هڏ گڏ ئي نه، بلڪ اندر به چُور چُور ٿي چڪو آهي!

... ...

ڪجهه ساعت بعد هوءَ ڏاڍي ڏکي قدم کڻندي، ٻاهر اهاڙيل بيهجي ڪار ۾ چڙهي گهر پهتي ۽ اندر گهڙي، پاڻ کي زور سان بستري تي اڇلائي، هوءَ زار زار روئندي رهي!

ان وقت هن محسوس ڪيو ته کيس عيش جو ڪافي وڏو ملهه چڪائڻو پيو هو!

ٿي پيو، منهنجي من ۾ اهو خيال ايندو پئي رهيو آهي، ته مان توهانکي پنهنجي سوٽهڻي حالت سچ ٻڌائي ڇڏيان؛ پر متان توهانکي دل ۾ لڳي ان ڪري چپ رهڻ ٿي اهٽر چاهم. پر اڄ جڏهن توهان پاڻ ئي هيءَ ڳالهه ڪئي آهي، تڏهن دل جي هيءَ چڻنگ، هن اکرن ذريعي توهانجي اڳيان ظاهر ڪري رهيو آهيان!

ها ها، اها هڪ سچائي آهي ته توهان ڪڏهن به موکي سمجهڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي آهي. مان ڇا ٿو چاهيان؛ منهنجون ڪهڙيون خواهشون آهن؛ منهنجي اندر ۾ ڪهڙا ارمان آهن؛ منهنجي اکين ۾ ڪهڙا سپنا آهن؛ اهو توهان ڪڏهن ڄاڻڻ جو جتن ئي ڪونه ڪيو آهي. شايد انهن ”معمولي“ ڳالهين لاءِ توهان وٽ وقت ئي ڪونه هيو! ڀلا توهان نيا وڏا ليکڪ، سو توهانکي فرصت ڪٿي هئي گهر جي ڳالهين ۾ ڌيان ڏيڻ جي! مان انهيءَ هوندي ڪان پيو ڏسندو هوس ته توهان هڪ مهمان وانگر گهر ايندا هئا، روٽي کائي، آرام ڪندا هئا ۽ وري ٻئي ڏينهن صبح جو وڏي دنيا ۾ گم ٿي ويندا هئا! ممي توهانجي گهر اچڻ لاءِ پئي واجهائيندي هئي؛ هوءَ هميشه اهو وجهه پئي ڳوليندي هئي ته فرصت جي پل ملن ۾، هوءَ توهانکي گهر جو ڪو ”خاص مسئلو“ ٻڌائي سگهي؛ ڪنهن ضروري گهرو ڳالهه تي، توهان کان صلاح وٺي سگهي؛ پر توهان ته سدائين ”هوائي گهوڙي“ تي سوار ٿي گهر ايندا هئا ۽ وري ٽپڙيءَ سان ان تي چڙهي، ڏسندي ڏسندي، الوپ ٿي ويندا هئا!

پر توهانجي ان نموني رهڻ جي رسم، صرف توهانجي نوڪريءَ واري عرصي تائين ئي قائم نه رهي. نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ به، توهان اڪثر گهڻو وقت گهر کان ٻاهر

ئي ڪري ورتي هئي. منهنجي بيماريءَ شايد توهانکي ڪاڏو پريشان ڪري ڇڏيو هئو ۽ انڪري توهان گهر ۾ اڪيلي- ويهندي، مونکي دڙڪا ڏيندي، زور سان در بند ڪندي، مون لاءِ پنهنجي چڙ ظاهر ڪندا هئا!

جيتوڻيڪ مان ان وقت ننڍو هوس ۽ توهانجي الهن آجان دڙڪن جو مطلب ڪونه سمجهندو هوس، پر توهانجو غصي وارو آواز، ننڍي هوندي کان منهنجي ذهن ۾ گهر ڪري ويو هئو ۽ مان سدا هيسيل رهندو هوس!

جيتوڻيڪ صبح ٿيندي، توهان پنهنجي آفيس هليا ويندا هئا، پر توهانجي غير حاضريءَ ۾ به، مان بيمار هئڻ سبب، بستري تي ليٽيو ليٽيو اهو محسوس ڪندو هوس ته، توهان مونکي دڙڪا ڏئي رهيا آهيو! بابا، مونکي خبر آهي ته، منهنجي بيماريءَ ڪري، نه صرف توهان، بلڪ سڄو گهر مون مان پريشان هئو! پنهنجي ان بيوسيءَ ۽ هيڻائي ڪري، مان ان وقت ڏاڍي اداس ٿي ويندو هوس؛ ايتري قدر جو جڏهن ڪڏهن خوشيءَ جي ڳالهه ٿيندي، ٻڌڻ لئي، مان به ٻين سان گڏ کلڻ چاهيندو هوس، تڏهن منهنجي سامهون توهانجو سخت چهرو اچي بيهندو هو ۽ توهانجا خيالي دڙڪا، ان وقت منهنجي دماغ کي ڌوڏي، مون کان کلڻ وساري ڇڏيندا هئا؛ تڏهن مان اچانڪ گهٻرجي ٿي ويندو هوس! مان ته جيڪر انهن ئي ڏوان ته بابا! اهي ڏينهن ئي هئا، جڏهن منهنجي ڪل ڪسي هئي، ۽ نه حڪيم ڪالي خان!

اڄ جڏهن توهان مونکان منهنجي انهيءَ اداسيءَ جو سبب پڇيو آهي، ته مونکي ائين لڳو ته توهان رڪ سان ٻڪيل پرندڙ ناندي کي ڦوڪ ڏني آهي! بابا، سچ پڇو ته، ڪيترا

سو سندس ٻول ۽ رهنمائيءَ جو نسي قل آهي. توهان پاڻ
پنهنجن دوستن جي سامهون چوندا رهو ته منهنجا ٻار پنهنجو
پاڻ ئي، پنهنجن پيرن تي بيٺا آهن، پر توهانکي اهو سڀ
قبول ڪرڻو ئي پوندو ته اسانجي هن ترقيءَ جي پٺيان،
اسانجي پياري مميءَ جو گهڻي ۾ گهڻو هٿ آهي!

پاپا، اڄ مان توهانکي اِها هڪ سڌي ڳالهه چوندس ته
اسين سڀ توهانجي سنتان آهيون. ۽ نه ڪ توهان جي
ملڪيت، جنهن جو استعمال توهان پنهنجي مرضيءَ مطابق
ڪندا رهو! اسان پڙهيل لکيل آهيون؛ اسانکي پنهنجي
سوچ-لوچ آهي؛ ويچار-ڌارا آهي؛ پنهنجا جذبا-امنگ آهن؛
پوءِ به اڄ تائين توهان پنهنجا فيصلا اسان مٿان ڇو پيا مڙهيو؟
ڀلا ان جو اهو مطلب نه ڪونه آهي، ته توهان هڪ
تاناشاهه وانگر، اسانکي پنهنجي رعيت ڄاڻي، نادرشاهي
حڪم هلائيندا رهو؟ نعيباڻ ۾ نه. توهان اسانکي هيستائين،
پنهنجي مرضيءَ موجب هلائيندا هئا ۽ ان قسم جي وهنوار
سبب، توهان وقت کان اڳ، اسانجو ٻالپڻو کسي ورتو؛ پر
گهٽ ۾ گهٽ هاڻي ته اهڙو وهنوار بند ڪريو. هاڻي اسان
ڪافي وڏا ۽ سمجهدار ٿي ويا آهيون! پاپا، مان سچ ٿو
چوان ته توهان جڏهن اسانکي اظهار جي ٿوري به آزادي
ڏيو ها ۽ شاديءَ کان اڳ، منهنجي ڀيڻ ڪاميءَ کان سندس
راءِ پڇو ها، ته شايد هوءَ شاديءَ بعد ترت ئي ساهرن مان
ارڏجي، واپس اچي عمر ڀر اسانجي گهر کي پنهنجو اجهو نه بڻائي
ها! پاپا، اڄ جڏهن توهان مون کان منهنجي ملولتا ۽ اداسائيءَ
جو ڪارڻ پڇيو آهي ته مان توهان کي کولي ٻڌايان ٿو ته
توهانجي پيار-رهت، اجوڳي وهنوار ڪري ئي، مان اندر مکي
ئي ويو آهيان! توهان ڪڏهن سوچيو آهي ته.. توهانجي ٻي-

لئي گذاريندا هئا. توهين ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾، ڪڏهن ايڪٽ-
سيڪريٽار ۾ شوق لاءِ لکيا پڙهندا هئا، ته ڪڏهن آزودي
۾ اچڻ سڄي سڄڻن ۾ پيار ونڊيندا هئا، ڪڏهن ان
ڪڏهن، ڪٿي نه ڪٿي، اوهان ڪڏهن نه، ڪڏهن سڪيٽ
محفل پڻ مشاعري ۾، ڪچهري حاضري ضروري سمجهي
اچي پهچي ويندا هئا؛ پوءِ پنهنجي گهر ۾ ڪو بيمار هجي يا
ڪا ٻي پريشاني هجي! ان طرح توهان سدائين گهر جي سڀني
ڳالهين، گهرجن، ضرورتن، جوابدارين کان بيخبر رهندا هئا!

بابا، اڄ مونکي دل ڪري ٿي چوٽ ڏيو. اڄ مان توهان کي
اها ڳالهه چوڻ جي جرئت ٿو ڪريان ته توهان ڪڏهن به
اسانجي مڙي کي نه سمجهيو هو، ڪڏهن به توهان هن کي
گهر-ڌڻياڻيءَ يا گرهه-لڪشميءَ جو درجو ڪونه ڏنو هو! هوءَ
وچاري سادي-سباجهي، ول-ڇل کان پري هئي، اڪري
توهانجي حال-احوال نه ڪري ٿي، هن ڪڏهن به، ڪڏهن به ڳالهه
لاءِ، توهانکي ڪو ڏوراپو ڪونه ڏنو؛ توهان سان ڪا شڪايت نه
ڪئي؛ گهر جي ڪڏهن به گهٽ وڌائيءَ لاءِ توهانکي قصوروار
نه ٺهرايو! بابا، ۾ وشواس رکي، هن اوهانکي پٺي پرميشور
جاڻي، سڄي زندگي گذاري ڇڏي! بابا، جيتوڻيڪ توهان هن
کي ڪا اهميت ڪانه ڏني، پر حقيقت ۾ هوءَ گهڻ جي ڪاڻ
هئي. هن ڳالهه ۾ مان ڪو وڌاءُ نٿو ڪريان، ڪا ڀڃڪ نٿو
هڻان!

اڄ توهان جيڪو گهر ڏسو ٿا، اهو گهر هن جي بدولت
ئي آهي؛ هن سڀني ٻارن کي، ماءُ سان گڏ پيءُ جو پيار پڻ
ڏنو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ اسان سڀ ٻار، توهان کان
وڌيڪ سندس لاءِ عزت رکون ٿا. توهانکي شايد اهو احساس
به نه هوندو ته اڄ اسان سڀ جيڪي سٺي پوزيشن ۾ آهيون،

مضمون جا ليکڪ

ليکڪ

(١) هولارام "هنس"
(٢) پروفيسر لڇمڻ هردواڻي
(٣) پروفيسر مينا گوپ

رکيءَ ۽ لاڳرضائيءَ ڪري، منهنجي شخصيت اُسري-اُڀري نه سگهي آهي! هڪ قابل ساهتڪار جي حيثيت ۾، توهان ابار انساني دلين جا راز ۽ احساس، ڄاتا آهن؛ انهن جي اندر جا سوکم پاڙ پروڙيا آهن؛ سو بابا، توهان گهٽ ۾ گهٽ مونکي اُتا تائين ڪونه سمجهيو آهي. مون ڏانهن توهانجي ناجائز رنجش، توهان ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ وڏي ڪساهي پيدا ڪري ڇڏي آهي، جيڪا ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي!

توهان مونکي جنم ڏنو آهي، نالو ڏنو آهي، اهو صحيح آهي؛ پر هاڻي مان توهانکي همٿ ڀري عرض ٿو ڪريان ته توهان مونکي پنهنجي نموني جي زندگي جيئڻ جي آزادي ڏيو؛ مونکي پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ ڏيو! توهان هميشه ائين ڇو ٿا سمجهو، ته توهان جيڪي ڪجهه ڪيو ٿا، اهو ئي رڳو صحيح آهي؛ ۽ مان جيڪي به ڪجهه ڪندس، سو غلط هوندو؟ نه، بابا نه، مان هاڻي چوٽهن سالن جو جوان آهيان؛ پنهنجو ڀلو-برو مان پاڻ سوچي سگهان ٿو، انڪري مهرباني ڪري توهان پنهنجا سڀ فيصلا منهنجي مٿان نه مڙهيو!

بابا، هي تلخ حقيقتون منهنجا پنهنجا ”سچ“ آهن؛ ٿي سگهي ٿو ته توهان کي ڪي پنهنجا سبب هجن؛ آزمودا هجن؛ پر اهو ضروري ناهي ته اهي سڀ، سڀني سان لاڳو ٿين! ائين ٿي سگهي ٿو، ته توهانجي عمر ۾ پهچي، توهان جا ”سچ“، شايد منهنجا به ”سچ“ بڻجي پون؛ پر اهو اصل ضروري ناهي، ته منهنجا اهي ”سچ“ منهنجي اولاد کي به وڻن! هر هڪ آدميءَ کي پنهنجيءَ عمر ۾، پنهنجن ”سچن“ سان ئي حياتي گهارڻي آهي!“

توهانجو سالار

الڪا-١٢٠/٩٤

مالهيءَ جي مهڪ

هوالرام "هنس"

ڪنهن به ڪلاڪار جي عظمت لاءِ، سندس ڪلا ۾ ٽن ڳالهين جو هجڻ لازمي آهي. هڪ- سندس ڪلا جي جڙ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن ۾ هجڻ، ٻي- سندس خيالن ۾ اُڏام ۽ اونهائي هجڻ، ٽين- سندس همدردي ۾ عالمگير جذبن جو احساس هجڻ. شري گوبند مالهيءَ ۾ اهي ٽيئي ڳڻ ڀرپور آهن، جن ڪارڻ هو هڪ پورڻ ڪلاڪار ٿيو آهي!

(١) مالهي- هڪ شخص

مالهي صاحب قد جو پورو پنو آهي، پر شڪل جو شاهوڪار آهي- کليل پيشاني، سهڻي سونهاري، ڪاري صدري، چوغي ۽ چوڙيدار ۾، هو پورو پورو ڪلاڪار لڳندو آهي. مان جڏهن به کيس ڏسندو آهيان، تڏهن ائين لڳندو اٿم ته، هن جي شخصيت ۾ هڪ عجيب مقناطيسي آهي، جا ڏسندڙ کي يڪدم ڏانهس مائل ڪري وجهندي آهي، ڪشش ڪري وٺندي آهي!

(٢) مالهي- هڪ ويچارڪ

مالهي صاحب جي من ۾ ڀانت ڀانت خيال، ذهن ۾ انيڪ

ٽڏيءَ ڪاهه!

شيراز جي هڪ ڳوٺڙي جي ڳالهه ڪندا آهن جو اونهاري ۾ پهاڙي چوٽين تان برف ڳري اچي شهر ۾ وهندو هيو. گهٽين ۾ برف جي گاڏيڙي کڻي گهاٽيندي جو هوڪو ڏيندو هيو سو عجيب هيو، ته "شهرواسيو، سيگهه ڪريو ۽ جلدي اچو. مون وٽ وکر آهي ڳار وارو جو رجندو نه رهي. وري جنا عمر الهر سا وکر ڪان ته. وڌ داني ۽ اي اعتبار، ائين نه، ٽڏي جو اوهين دير ڪري اچو ۽ پوءِ نه هجي وکر ۽ نه رهي وڃارو!

ڪڏهن نه ساڳيو ئي احساس ٿيندو آهي ته، گهٽين ۽ رستن تي ايهي واڪا ۽ رڙيون ڪجن ٿا، "سائين مهجا سيگهه ڪريو، جو ڪجهه ڪرڻو آهي هاڻي ڪريو. زماني جو رخ، رواج ۽ خود زمانو اسانجي حق ۾ نه آهي. جن کي پنهنجو ٿا ڄاڻون اهي به اسان جا نه آهن. ٻين تي ڪهڙو ڏوهه ڏيون؟ اسانجي پنهنجي غفلت ۽ اي رخي به ته اي حساب آهي! ڪٿي ائين نه، ٽڏي جو اسانجي ٻولي اسان کان ائين وڇڙي وڃي، جئن اسانجي زمين اسان جي پيرن هيٺان سرڪندي، وڃي ٻين جي پاڪر ۾ پوندي ۽ پوءِ اسين واڳون جيان ائين واجهائيندا رهون!

هڪ ويچارڪ

ڪنهن به قسم جي محتاجي نٿي ڀوڳڻي پوي! مالهيءَ کي انسان جي ڏک سان ڀرپور همدردي آهي ۽ ان کي هو پنهنجي ڪلا دوارا دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي، نه صرف ايترو پر ان نيڪ مقصد لاءِ هو وري وري جنم-جنم وٺي، ڌرتيءَ تي اچڻ ٿو چاهي؛ هو هر انسان کي سکي ۽ خوش ڏسڻ ٿو چاهي! مارڪسواد ۽ تصوف جي مرڪب ۾ سندس پختو وشواس آهي؛ پر ان کان به وڌيڪ سندس وشواس آهي انسان ذات جي چڱائيءَ ۾!

(۳) مالهي- هڪ ليکڪ

ساهتيه جي کيتر ۾ مالهي هڪ لاثاني ناول-نويس ليکيو وڃي ٿو، ڇو ته هن لڳ ڀڳ ويهارو کن عمدا ناول رچيا آهن، جن ۾ مکيه آهن: "آنسو"، "پيار جي پياس"، "ڏيهي-پرڏيهي"، "دلاسي سڀڻ ڪهڻ"، "شرم اوٽي"، "پکيئڙا ولر کان وڇڙيا" وغيره. هنن ناولن مان، سندس ناول "پيار جي پياس" تي، کيس ڀارت جي ساهتيه اڪاڊميءَ طرفان انعام به مليو آهي. هيترن ناولن لکڻ سبب کيس سنڌيءَ جو "ناول سمراٽ" به سڏيو ويندو آهي! هنن ناولن ۾ سنڌي پاٺڪ کي مکيه طور سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ڪردارن جو ئي چٽو ڏسڻ-پڙهڻ لاءِ ملي ٿو.

هڪ بهترين ناول نگار هئڻ سان گڏ، مالهي هڪ سٺو ڪهاڻيڪار، بهترين مضمون نويس ۽ اعليٰ ڪلاڪار نسوڙي هدايتڪار به آهي. مالهيءَ ڪيترن ئي فلمن جون ڪهاڻيون، سين ۽ ڊائلاگ به لکيا آهن. هن خود به "سنڌوءَ جي ڪناري" نالي هڪ مڪمل فلم ٺاهي، ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌين جي دلين ۾ سنڌ جي ياد جڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي! اڃان ته مالهيءَ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ تي به فلم ڪڍڻ ٿي

وپار ۽ اکين ۾ ڪيئن خوبصورت خواب، سدائين هيرن جيان جرڪندا رهندا آهن! سنڌ جي اُن عظيم شاعرن شاهه، سچل ۽ سامي ءَ جو هڪجهڙو شيدائي هوندي به، هو ٻڌائي گهوٽ جو جهڙي پوڄاري آهي. جڏهن پوري صدق ۽ عقيدت سان، هو شاهه صاحب جو ڪلام اچاريندو آهي، تڏهن ائين لڳندو آهي ته، هڪ ازلي مستيءَ جي ور سندس ڳالهين وٽندي ايندي آهي، جا ڏاڍي سندس روح کي پڪل وڪوڙي ويندي آهي!

جيتوڻيڪ عام طور ماڻهو "ڪامريڊ" ڪري ڪوٺيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ هو ودياراٿي هلچل ۾ پڪل اڳرو انقلابي هو ۽ سندس ويچار-ڌارا تي سماجواد جو تمام گهرو اثر هو، جيڪو اڄ تائين به قائم آهي؛ پر سماجوادي خيالن سان گڏ، ماڻهيءَ ۾ ڏوم لاءِ پڻ ڪافي دلچسپي آهي! انهن پهلوءَ جي مطلب ڪيس صوفي بڻايو آهي! صوفي معنيٰ جنهن جي دل صاف هجي؛ ۽ ان ڏس ۾، ماڻهي سچ پچ نيڪ-پاڪ دل ڌاريندڙ انسان آهي!

هر انسان ۾ ضمير وڏي وٿ آهي؛ ۽ ماڻهي صاحب هميشه پنهنجي ضمير جي آواز کي ٻڌو آهي، جنهن کي "اندر جو آواز" به چيو ويندو آهي. ان تي قائم رهڻ لاءِ، هو ساري دنيا جي سامهون، اڪيلو ئي اڀو رهندو آهي!

ماڻهيءَ جي خيال موجب سچ جي سدائين حمايت ڪرڻ گهرجي. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾، اهڙو ڪو به قانون نه ٺاهيو وڃي، جو انسان جي عظمت ۽ غيرت کي ضرر رسائي، گهرائي! انسان جا بنيادي حق هرحال محفوظ رکيا وڃن ۽ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جو ماڻهوءَ کي جيئڻ ۾

هو ٽاڻل وٽي رکيائين ۽ وري ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اچڻ لاءِ چيائين. آءٌ سندس آگيا انوسار وري ڄڻهن وٽس ويس تـه هن مونکي سنڌين ڪهاڻين لکڻ لاءِ، ڪئين سهڻيون صلاحون ڏنيون، منهنجين ڪن خوابن کي ساڀيا-ملايو. سندس ان خوبصورت سرهاڻ جو اثر اڄ تـه منهنجي من تي طاري آهي!

ساهتيڪار هئڻ کانسواءِ، مالهيءَ جو سنڌي ناٽڪن جي وڪاس ۽ سنڌي سنگيت جي ڏس ۾ ڏنل وڏو يوگدان ڀي رهيو آهي. هـي صاحب "ڪلاڪار منڊل" ۽ "اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا" جي جنم-داتائن مان هڪ آهي. هوُ سنڌين ۾ ڏوڙي ٻـنڌ ڏوڙ جي ڪموڙيءَ جـي سنڌ-موڙي آهي!

ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ واري وڃيءَ اي هر سال اينڌڙ سنڌي سنيان جـو هوُ روح روان ٿي رهيو آهي ۽ انهن ۾ اڳڙ ڀهرو وڌڻ ڪان هن ڪڏهن ڪوڙ گسايو آهي!

(۵) مالهي- هڪ ڀهوگڻي فنڪار

مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته هڪ ڀيري، ليکڪن جي ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾، سنڌي ناٽڪن جـي حالت تـي ڳالهائيندي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌي ناٽڪ کـي "ويچارو" ڪري سڏيـو هـو. مـالهي صاحب، ڀهنجي ان اڙڳ اُستاد جي دک کي هڪ الڪار ڪري ڪنيو ۽ اهو ئي ڪارڻ آهي جـو سندس اڻاه اُدم ۽ اڙڇـائيءَ سان سنڌي ناٽڪ ڪافي اوڄ حاصل ڪئي آهي؛ اڄ سنڌي ناٽڪ ڀارت جي ڪنهن ٻه ٻوليءَ ۾ پيش ٿيندڙ ناٽڪن سان برميڇي سگهي ٿو!

مالهي نـه صرف هڪ سٺو ناٽڪ-نگار آهي، پـر عالي

چاهي ۽ ان کي حقيقي نموني اُجاگر ڪرڻ لاءِ هن سگهه (سنڌ) ۾ وڃي اهڙا فلمائڻ ٿي چاهي، جيڪي سنڌ جا اهڃاڻ اڄ ڏينهن تائين ٿي نه سگهي آهي! جيتوڻيڪ گذريل سال پنهنجي پياري وطن سنڌ جو سفر به ڪري آيو آهي ۽ انهيءَ احوال هن ڪتابي صورت ۾ پيش به ڪيو آهي: "سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ".

ان طرح ماهيءَ جي تخليقي زندگيءَ جو ڪئنواس تمام وڏو آهي!

(۴) ماهي- هڪ ڪرم يوگي

ماهي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جي ڀلائي-بهبوديءَ لاءِ سدائين خيالن ۽ خوابن ۾ مخمور رهي ٿو. ان سلسلي ۾ هو نهن کان چوٽيءَ تائين، سماجي-ڪوششن جُٽيو آهي. اهي خيال ۽ خواب هن جي قلم ۽ ذهن جي شعلي کي سدا جرڪائي رکن ٿا.

هن ڏس ۾ ماهيءَ جو ٻيو مکيه پهلو آهي اُسرندڙ اُساهي لکڪن ۽ ڪلاڪارن جي رهنمائي-رهبري ڪرڻ. ان ايڪ ڪرم سان هن ڪلا روپي ڦلواڙيءَ ۾ پنهنجي هٿ جا ڪيئن ٻوٽا اُگايا آهن؛ انهن کي پوري اُتساهه سان گهڙيل پالڻا ڏنو آهي؛ پنهنجي الڪ ڪوشش سان مٿي اُسرڻ ڏنو آهي، جنهن ڪارڻ انهن ۾ رنگ به رنگي ڦول ڦُٽا آهن!

ان سلسلي ۾ مان خود پنهنجو ئي مثال پڌرو ڪرڻ چاهيندس. ڪجهه سال اڳ جي ڳالهه آهي. مان سنڌي لکڪن جي قطار ۾ ليکجڻ لاءِ، ماهي صاحب کان هدايت-رهبري وٺڻ لاءِ، پنهنجون لکيل ڪهاڻين جو فائيل کڻي وٽس ويس. هن منهنجي دل سان آجيان ڪئي ۽ پنهنجي ڏهڻ لاءِ، مون کان

ڪجهه ڀرايو آهي، ڀانءِ آهي!

(٧) مالهي- هڪ نيڪ دل انسان

ڀارت ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه جي آڏو آيل ڏکين ڏينهن ۾ به، مالهي هميشه آشاوادي ٿي رهيو آهي. هن ڏس ۾ اهو سندس هڪ وشواس آهي ته، سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه لاءِ سٺا ڏينهن اوس ورندا؛ ڇو ته اهو قدرتي نيم آهي ته، ڏکن پويان سک ايندا آهن! اهڙن نيڪ انسانن لاءِ اسان جي مهاڪويءَ چيو آهي:

ڪي مڙئي نه سهڻا، ماڻهو مڙئي نه هنج؛
ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي!

مالهي انهن "ماڻهن" مان ئي آهي!

منهنجي ته پرماتما کي اها پرارٿنا آهي ته، هيڏو سهڻيءَ دل وارو انسان، هن ڌرتيءَ تي وڌ ۾ وڌ آيوجا ماڻي؛ سوين بهارون ڏسي، ۽ "سنڌي-چمن" کي سرسبز بڻائي وجهي!

الڪا-٩٤/١٢٩

اداڪار ۽ هدايتڪار پڻ آهي. رنگ-منچ جي سڀني ادائگين جي ڪمن بابت پوري ڄاڻ آهي. انڪري ئي هو سندي ناٽڪن کي لوڪ-پريه بڻائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي!

ڪلا ۾ ناٽڪ سان گڏ ئي وري سنگيت جو جوڙ هوندو آهي؛ انڪري ناٽڪن ۾ ڪاميابي پائڻ ڪانپوءِ مالهيءَ ڏيهه-پرڏيهه ۾، ٻگوني ناواٽيءَ ۽ سنگرام روهڙا جهڙن لاثاني گائڪن کي ساڻ کڻي، سندي سنگيت پروگرام پيش ڪري، انيڪ ورهيه سال، سندي سنڌڙن جي روح کي راحت پهچائيندو رهيو!

ٻگوني ناواٽيءَ جي اچانڪ ۽ اڻوقتائتي موت ڪانپوءِ، مالهي صاحب ان جي ياد ۾ ”مرڪ“ مخزن ڪڍڻ لڳو آهي، جنهن مان اهو صاف پڌرو آهي ته اُن سندي ڪونل جي لاٽ، اڄا سندس هردي ۾ گونجندي رهي ٿي!

(6) مالهي- هڪ گهومڻو آدمي

سرشٽيءَ جي آد کان، هن ڌرتيءَ تي آدميءَ جڏهن کان گهارڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن کان هو هلندو-گهمندو ٿي پئي رهيو آهي؛ ۽ هڪ ڪلاڪار-فنڪار جي هردي اندر ته ان ”رولاڪي“ جي ڀاونا ٻين عام رواجي آدمين کان گهڻي ۽ زوردار ٿي رهي آهي؛ ٻوڌ ڀلي اهو بنگال جو شرت چندر چٽرجي هجي يا مهاراشٽرا جو گوپال نيلڪنٺ ڊانڊيڪر!

مالهي به انهن وانگر ديش جو چپو-چپو گهميو آهي؛ ان وڻ سان هو ڀارتي جيون جو هر پهلو ڏسي ٿو، ان جو ساکيات معاهدو ماڻي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس، سندي ساهتيه، سندي ڪلا کي ابڙو رکڻ لاءِ، مالهي هر سنڌ کي اولاڻي، ڪٿي به، پهچي وڃي ٿو، هر هنڌ حاضر نظر اچي ٿو! پهچي ان ٻاڙ-سباڪ مان هن هڪ ڪلاڪار طور گهڻو

ٻاران انعام ملڻ لئي، سڀا، شري جڳت آڏواڻيءَ جو سنمان ڪيو هو، تنهن هن ڀيري ٻڻ سڀا، پروفيسر اتم هرداڻيءَ جو سنمان ڪري، هڪ نئين روايت کي جاري رکيو. ان موقعا لاءِ آءٌ سڀني جو ٿورائتو آهيان.

(ڦتن پرسواڻي، سمپادڪ)

اسانجي ديش جي ودوانن جي وچ ۾، اها هڪ بحث جي وشيه ٿيندي رهي آهي ته، گذريل ٽن يگن- ست يگ، ٽريتا ۽ دواپر جي شروعات ۽ انت ڪڏهن ٿيو؟ هي چوٿون يگ يعني ڪلجڳ ڪڏهن کان شروع ٿيو آهي؟ هن سلسلي ۾ هاڻي اهو مت اچي بيٺو آهي ته، پوريءَ پڪ وثان ائين ڪداچت چئي نٿو سگهجي ته ڪهڙي فلاڻي ڏينهن، مهيني يا سنبت سان هڪ يگ ختم ٿيو ۽ ٻيو شروع ٿيو. ائين به ناهي ته جڏهن هڪ يگ پورو ٿئي ٿو ته ان يگ ۾ جو ڪجهه هو، اهو سڀ ختم ٿي، ٻئين يگ سان گڏ نوان ماڻهو، نئين سماج پيدا ٿئي ٿي.

حقيقت ۾ وقت جو وهڪرو ته دائما جاري آهي؛ پهرين سهوليت موجب يا اتهاس جي نظريي انوسار، اسان وقت جا ڀاڱا ڪري، انهن کي ڏاڪي، صدي يا يگ جهڙا نالا ڏيون!

اهو وچار به بلڪل صحيح ناهي ته، مهاڀارت سان گڏ هڪ يگ پورو ٿيو ۽ ان ئي وچار تي اسانکي وچار ڪرڻو آهي. ان لاءِ اهو ضروري آهي ته ان نظريي تي روشني پوڻ گهرجي، ته يگ جو مطلب ڇا هي ۽ اسين ائين ڇو ٿا چئون ته يگ جو انت ٿيو. ها، ائين اسرار ڏيکاري سگهجي ٿو ته ڪي ڳالهيون مهاڀارت سان گڏ ختم ٿيون؛ پر ڪي وري مهاڀارت ڪانپوءِ به، ڪيترن ئي صدين هلنديون رهيون؛

ٻگ جو اَنت

پروفيسر لڇمڻ هردواڻي

(هن ليک جو هيءُ حصو، مون منهنجي پروفيسر ۽ ليکڪ دوست شري لڇمڻ هردواڻيءَ جي سنڌيءَ ۾ انوواد ڪيل پستڪ "ٻگ جو انت" منجهان ڪڍيو آهي. اهو پستڪ اصل ۾ مراٺيءَ جي پرسڌ ليکڪا اراوتي ڪروي جو لکيل آهي، جنهن تي ڪيس ڀارت جي ساهتيه اڪاڊميءَ پاران انعام مليو هو. ان ئي ڪتاب جي سنڌي ترجمي لاءِ، منهنجي دوست پروفيسر لڇمڻ هردواڻيءَ کي ڀڻ ڀارت جي ساهتيه اڪاڊميءَ سنه ١٩٩٠ ۾ انعام ڏنو هو، نه فقط ايترو، پر سندس اهو سنڌيءَ وارو ترجمو، ڪتابي صورت ۾ ڀڻ ڇپائي، پڌرو ڪيو آهي. انڪري مون سوچيو ته ڇو نه، گهڻن سان ونڊيان، ان پستڪ جي ٽڪري ليک جا ڪجهه صفحا "الڪا" جي پاٺڪن جي ڄاڻ لاءِ ڀڻ ڇپيان. رزرو ٻئنڪ سنڌي سڀا جي ڪاريه‌ڪارن منهنجي اڳ ۾ به، سهڪار ڏني آهي، ته جيئن اڳي مراٺي ڀاشا جي پرسڌ ليکڪ گوپال نيلڪنٺ داندېڪر جي لاثاني پستڪ "رولاڪ جي آلم ڪهاڻي" جي سهڻي ترجمي لاءِ، ١٩٨٩ ۾، ساهتيه اڪاڊميءَ

ايڪتا جو احساس، انهي پوري ايڪتا کان ڪافي عرصي بعد
سندن اڳ اڀرهيءَ جو آهي.

پراڻن جي به اها ئي دعويٰ آهي ته، اڳي وارا ڪشتري-
ابعدي سڀ ڪشتري- سڀ مهاڀارت جي جنگ ۾ ناس ٿي ويا!

ليڪن اهو ويچار اِن، پوءِ جو آئل ٿو ڏسجي. مهاڀارت
جي جنگ پوري ٿيڻ کانپوءِ، جدا جدا راڄن جي ونش جا
پوارث، موٽي وڃي پنهنجن پنهنجن راڄ گدين تي براجمان
ٿيا. جيئن هستناپور جي گاديءَ تي، پانڊون پنهنجي پوٽي
پرڪشت کي مهاراجا بڻائي ويهاريو. ساڳيءَ طرح ڪرشڻ جو
پوٽو وَجر، وري اندرپرست جو راجا بڻيو. ان طرح ٻين
مکيه يادون جا پويان، ٻين ٻين راڄن جا راجائون ٿيا. ودرڀ
راڄ جو راجا رڪمي به، موٽي اچي، پنهنجي راڄ تي قائم
رهيو.

پنهنجي اهڙيون انيڪ ڳالهيون ڏسڻ کانپوءِ، اها دعويٰ
بلڪل ٺيڪ نٿي لڳي ته. مهاڀارت جي جنگ ۾ ڪو ڪشتري ونش
پوريءَ طرح ٿي ناس ٿي ويو هو! ها، باقي اتهاس جي لحاظ
کان اها ڳالهه، اعتبار وشواس جوڳي آهي، ته مهاڀارت جي
جنگ کانپوءِ، جهونو ڪشتري طبقو ڇڙوڇڙ ضرور ٿي ويو؛ ڪشترين
جو طبقاتي مانڊاڻ، ذري گهٽ مٽجي، ختم ٿي ويو!

مهاڀارت جي وقت ۾ ڇا هو، ان کانپوءِ ڇا ٿيو، ڪهڙين
نين سماجڪ يا سياسي گهٽنائن جو بنياد پيو، ان تي بحث
ڪرڻ کان اڳ، پهرين اهو صاف ڪرڻ گهرجي ته ”مهاڀارت
ڪال“ جو مطلب ڇا آهي؟

”مهاڀارت ڪال“ جو مطلب آهي، مهاڀارت جي جنگ کان
اڳ، وارو ٿورڙي ان کان پوءِ وارو، ڪن صدين جو سمو؛ گهٽ
۾ گهٽ مون ته اهڙي قسم جي ڇنڊ ڇاڻ ضروري سمجهي

اهڙي قدر جو ڪي نه، اڄ ڳالهين نه وجود ۾ آهن! ليڪن مون صرف ان لاءِ وقت جي هڪ حصي کي "ڀڳ" ڪري ڪوٺيو آهي، نه ڪي ڳالهين جي ان ۾ هجڻ، سي ٻاهر ڪونه رهيون.

ائين نه، اڳي غير موجود، ٻه ٻيون وڏي پيماني تي هلندڙ ويچارن، ريتين-رسمن جي شروعات (پنجين ايندڙ ڀڳ جي آهت)، مهاڀارت جي ڀڳ ۾ ئي محسوس ٿئي ٿي، انهي ٿي. انهيڪري ئي مان وقت جي ان ڀاڱي کي "ڀڳ" ٿي ڪوٺيان. هڪ لحاظ کان ڪنهن ڀڳ جي پڇاڙيءَ وارو ڀاڱو، ان ڀڳ جو عيوضي نه، پر هڪ سنڌيا مثل آهي؛ جو نه هڪ ڀڳ جي رات ڪياتوءِ، ٻئي ڀڳ جي پرڀات اڻندي آهي. مهاڀارت جو ڀڳ به ڪجهه اهڙيءَ ئي طرح آهي. پر انجي سروپ، انهي ڪن خاص حالتن-ڳالهين سبب، انکي هڪ غير معمولي اهميت حاصل ٿي آهي.

مهاڀارت خود پنهنجي وقت جي ڌار ڌار طبقن جي ماڻهن جي جيون، رهڻي-ڪهڻيءَ بابت روشني وجهندڙ ڪتاب ڪونهي؛ حقيقت ۾ مهاڀارت هڪ لمبي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ مخصوص ڪٽنب جي ڪٿا ذريعي، ان سڀني جي جيون ۽ ويچارن جو اونهو ۽ ڦهلاءُ وارو چٽڻ ڪيل آهي. ساري ڪهاڻي چند جي روپ ۾ ٻڌائي وئي آهي ۽ ڪافي هنڌن تي، ان چندن واري ڪهاڻيءَ کي، هڪ حقيقي ڪويتا جو اتڪرشٽ روپ حاصل ٿيو آهي.

پراڻن انوسار ويءَ، پانڊون جي راڄ جي ٻون سالن ۾ دواپر ڀڳ ختم ٿيو ۽ ڪليڳ جي شروعات ٿي ٿي. پر ائين ته لڳي ٿو ته ان وقت جي ماڻهن کي ان حقيقت محسوس نه ٿي ٿي. انهن انوسار دواپر ڀڳ جي ختم

الڪا-٩٤/١٣٢

پهاڪن جي اصليت ۽ اهميت

پروفيسر ميندا گوپ

پهاڪا ۽ اصطلاح، ڪنهن به سماج جي سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو هڪ وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ جزو آهن. سماج پنهنجي ويچارن جي اظهار لاءِ انهن جو سهارو وٺي ٿي. ان اظهار سان گڏ، انهن ۾ سکيا جو انش به سمايل رهي ٿو، چوڻ. انهن ۾ ڏاهپ ڀريل هوندي آهي، اهي سياڻپ جا سرشار چشما آهن!

پهاڪا لوڪ-ادب جو حصو

پهاڪن جو بنياد، سکيائون، صلاحون ۽ هدايتون آهن، جيڪي شخصي آزمودن ۽ تجربن تي ٻڌل هونديون آهن؛ انهن ٻولين ورهين ۽ صدين جو گهرو احساس-ڌيان سمايل هوندو آهي. انهن کي لوڪ ساهت ۾ اڻ شماري سگهجي ٿو. انهن ۾ ڀريل ڏاهپ، ان جاتيءَ جي سوچ-ويچار جي شاهڪاري ڏيکاري ٿي؛ انهي لوچ جي سونهن کي سرس ڪري ٿي؛ انڪري پهاڪا ۽ اصطلاح لوڪ-ادب جي هڪ انمول سوکڙي ڪري سمجهيا وڃن ٿا.

آهي ۽ ٻيو آهي. ان حساب سان ئي، مون ”مهاڀارت ڪال“ کي ”يُگ جو انت“ چيو آهي، يعني ان يُگ جي انت سان منهنجو مقصد، مهاڀارت جي يُڌ کان اڳ واري ۽ ان کان پوءِ واري، وقت ۾ وڏ فرق يا ان صدين جي سمي سان آهي. جيوتشڪ ڳڻپ ڪندڙن جي راءِ موجب ته، پنجين سالن جي سنياس ڌارڻ ڪرڻ کان اڳ ئي، انهن يُگ يعني ”ڪليُگ“ جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ انهيءَ انجام ڪرڻ ڏسڻ لاءِ ئي، مٿيان هئا! ليڪن اهو هڪ ڏکيو سوال آهي ته مهاڀارت جي ڪال ۾، ڪيترين صدين ان يُگ ۾ شمار ڪجن.

وليدن اوسار داشراگيه يُڌ جي انت کان وٺي مهاڀارت جي يُڌ جي انت تائين هڪ ئي ڪال ليکيو ويندو ۽ انڪري مهاڀارت جي يُڌ جي انت کي ئي دواپر يُگ جو انت سمجهيو ويندو.

جيئن ته منهنجي ڄاڻ موجب، مهاڀارت يُڌ جو ڪال عيسوي سن کان ۱۰۰۰ کان ۱۲۰۰ سال اڳ هو، تنهنڪري دواپر يُگ جو انت به ان سمي ئي ٺيڪ سمجهڻ کپي.

(اداري ڪروي)

جي گڏيل سوچ، فڪر، ذهن، ڪلپنا ۽ سنگهرش جو سلسلو آهن، انهن جي روزمره جي جيون، حالتن، رسمن-رواجن وغيره جا عڪس آهن، ملڪ ڌارين جي ڏاڍ جو به نتيجو آهن!

پهاڪن جي اصليت

هن ڌرتيءَ تي انسان پنهنجي سمجهه اچڻ واري دؤر کان وٺي، سوچڻ-ويچارڻ شروع ڪيو آهي ۽ انهن هن پنهنجي الڳ الڳ. انيڪ مسئلن جو حل ڳولهي لڌي ڪيو آهي. پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوڻين جي شروعات تڏهن کان ٿي آهي. اهي آدميءَ جي ڏکڻن جي آزمودن ۽ تجربن جو ست آهن. جيئن انيڪ وکرن ۽ گلن مان ميوا شاهي ديڳڙي مان، ڪيميائي عرق جو ڦڙو ڦڙو ٽمڪي نڪرندو آهي، جيڪو ڪيترن ئي ڏکن کي دور ڪرڻ لاءِ اڪثر ڪارآمد ٿيندو آهي، تيئن هي پهاڪا ۽ اصطلاح به، اوليءَ جي عرق مثل آهن!

البت اها ڳالهه آهي ته لوڪن جي رهڻي ۽ حالتن جي بدلجڻ سان، پهاڪا ۽ اصطلاح به ڦرندا-بدلجندا رهن ٿا ۽ ڪي پراڻا، مدي خارج ٿيڻ ڪري ٿي وڃن ٿا، ته به وري ڪيترا نوان وجود ۾ اچن ٿا. ليڪن پهاڪا ۽ اصطلاح نوان هجن يا پراڻا، اهي عام ماڻهن جي زندگيءَ جي آرسيءَ مثل آهن!

پهاڪن جي اهميت

هر پهاڪو ڏاهپ جو نچوڙ آهي، پٿر تي ليڪي سمان آهي، منڊيءَ ۾ لعل ائين ايها موتيءَ مثل آهي. لڳي ائين ٿو ته جڏهن اڳڪي وڏڙا، ڪنهن الجهن ۾ پوندا، ڪن ڳالهين واهي منجهيل سٽ کي سلجهائڻ جو يتن ڪيو هوندو، تڏهن سندن گهري سوچ مان نڪتا انمول جملا، گفتا، انهن جي تعليم لاءِ پهاڪا ۽ اصطلاح بڻجي پيا هوندا! پوءِ اهي واڻون وانگر،

اهي پهاڪا ۽ چوڻيون ان ٻوليءَ جي لوڪن جي اتهاس، جاگرافي، ارٿ شاستر، من وگيان، سماجڪ ۽ راڄنيتي حالتن جاڻڻ جو اهم وسيلو آهن.

جيئن نکٽر، گرهه، سورج، چندرما، تارا، ٻادل، ڪنوڻ ۽ اندرڌنش وغيره آسمان جي سونهن جي جهلڪ پسائين ٿا، تيئن هر ٻوليءَ جي سندرتا ان جي پهاڪن، اصطلاحن، چوڻين ۽ هدايتن مان اڀرندي آهي! اهي لوڪ-ادب جو اهم ذخيرو آهن ۽ بيحد اثر پذير پڻ آهن. اهو لوڪ-ادب جو حصو تمام پراچين، اصلوڪو ۽ قدرتي آهي؛ انهن کي ڪن ليکڪن يا ڪلاڪارن واهي ڪين رچيو آهي؛ هن لوڪ-ادب ۾ عام ماڻهن جي عادتن، سڀاءُ، وهنوار، رهڻي-ڪهڻي ۽ طور-طريقن جو مسطر لڳ-ڀڳ جاچڻ لاءِ ملي ٿو!

سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح

سنڌ کي آد ڪال کان، دنيا جي ڌار-ڌار ديسن، قومن ۽ جاتين جي ماڻهن، چڙهائي ڪري، ان کي راڄ هيٺ ڪيو آهي؛ يا وري اُهي تجارت ڪري، واپس موٽي هليا ويا آهن. انهن حملاور قومن، پنهنجو اثرو کي گهڻو راڄنيتي، سماجڪ ۽ سنسڪرتڪ اثر، سنڌي سنسڪرتيءَ کي پڻ ڪيو آهي. اتهاس شاهد آهي ته دنيا جي هر حصي ۾ ٻاهران آيل راڄ ڪندڙ قوم جي ماڻهن، انهن ملڪن جي اصلي رهاڪن جي رهڻي-ڪهڻي ۽ رواجن تي ڪافي اثر پئي ڇڏيو آهي؛ انهن ۾ صحيح يا غلط، اضافو پڻ آندو آهي؛ پوءِ ڌيري ڌيري اهي اثر، ان ملڪ جي اصلي رهاڪن جي جيون جو حصو بڻجي ويا آهن!

ان ڪري سنڌي لوڪ-ادب جي هڪ شاخ يعني پهاڪا ۽ اصطلاح پڻ، نه صرف سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن جي صدين

سماجڪ بي انصافيءَ، ڏاڍائيءَ، بي ايمانيءَ، ظلم ۽ انڌير جا نقش ظاهر ٿين ٿا؛ ڪن مان وري ان وقت جي سماجڪ سوچ، طبقن-فرقن جي سڌ پئي ٿي؛ ته ڪن مان تاريخي حقيقتن جي ڄاڻ ملي ٿي.

پهاڪن ۽ اصطلاحن جا به الڳ الڳ قسم آهن؛ مثلن ڪي پهاڪا سڌا-سادا هوندا آهن، ته ڪي وري سهڻي، شاعراڻي ٻوليءَ وارا ٿيندا آهن. ٻنهي قسم جا پهاڪا ماڻهن کي جهٽ ڪشش ڪري وٺندا آهن. ڪي پهاڪا وري اوکي ٻوليءَ ۾ هئڻ سبب، ساڌارڻ ماڻهوءَ لاءِ ڏهرائڻ ۾ ڏکيا ٿي پوندا آهن جو هو انهي صحيح طرح اچاري به نه سگهندا آهن.

اڳئين زماني ۾ جڏهن اڄ وانگر وڏا شهر-نگر نه اُسريا هئا ۽ لوڪ سادي-سودي ڳوٺاڻي حياتي گذاريندا هئا، تڏهن انهن ڳوٺن جا وڏڙا، پنهنجي ڪٽنب جي ننڍڙن کي، ٻاڻ سان گڏ ويهاري، ڪين علم-عقل جون ڪيترون ڳالهيون، پهاڪن جي روپ ۾ ذهن-نشين ڪرائيندا هئا.

پهاڪن جو استعمال

پهاڪا ۽ اصطلاح هر ننڍي-وڏي ڳالهه ڪرڻ، صحيح راهه-نيت سمجهائڻ، اڻاسي چڪتاڻ- غلط فهمي هٽائڻ ۽ جهيڙن-فسادن جي نبيرڻ لاءِ، هٿيارن جيان ڪم آڻيندا ويندا هئا؛ انهن ۾ سمايل مطلب، انساني زندگيءَ جي فلسفيءَ جا عڪاس، رنگين چٽر آهن!

هتي هڪ ٻي ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي؛ اها هيءَ ته... هر ٻوليءَ ۾ ڪيترا ئي پهاڪا ۽ اصطلاح، نه فقط اصلوڪا هوندا آهن، بلڪ ٻين ٻولين مان ٻڪ ڪڍي به اُڌار ٿيل هوندا آهن، جيڪي سمي گذرڻ سان، ان ٻوليءَ ۾ سرڳج ٿي ويندا آهن ۽ اصلوڪن جيان پاسندا آهن.

١٣٦/٩٤-الڪا

هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، هڪ شهر کان ٻئي شهر پهتا-ڦهليا هوندا !

هر سماج ۾ ڪي نيون نيون-وڏيون ڳالهيون ٿينديون رهن ٿيون، سمي سان ڪي خاص حالتون پيدا ٿين ٿيون؛ انهن جي ورڻن ڪرڻ لاءِ چوڻيون، پهاڪا ۽ اصطلاح ٺهي ويندا آهن!

پهاڪو ٻوليءَ جو اهو نمونو آهي، جيڪو ڪنهن خاص ڳالهه ۽ حقيقت کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو؛ انڪري پهاڪا گهڻي ڀاڱي سماجڪ سچايون، ذهني عقيدن ۽ احساسڪ واقعن سان واسطو رکن ٿا.

هن سلسلي ۾ هڪ مشهور انگريز ليکڪ ڪينٿ بيرڪ لکيو آهي: ”هر پهاڪو هڪڙي ڀالسيءَ جيان آهي، جيڪو ڪنهن ويچار کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو.“

پهاڪن جو تعلق ٻوليءَ جي ان جزي سان آهي، جنهن جي مدد سان اها ٻولي پنهنجي سماجڪ، ذاتيڪ، وهنواري ۽ تاريخي حالتن جو ورڻن ڪري ٿي؛ انهن کي اظهار وسيلو ڪري ڪتب آڻي ٿي. ڪنهن به ٻوليءَ جو پهاڪو، انهيءَ جي سماجي ماحول يا حالت جي پيدائش آهي.

پهاڪن جا نمونا

